راضي فقير جو رسالو

ترتيب ڏيندڙ

غلام رسول قاضي

چپائيندڙ

عبدالعليم خان ڪلهوڙو

ميرپور ماٿيلو ضلع گهوٽڪي

ڪتاب جو نالو: راضي فقير جو رسالو
موضوع: شاعري
شاعر: راضي فقير لشاري
ترتيب:
غلام رسول قاضي
ڇاپو: پهريون
سال 2011ع 1432ھ
ڇپائيندڙ:
عبدالعليم خان ڪلهوڙو
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ
الشيخ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ سينٽر سانگي
قيمت:
ملڻ جا هنڌ:
اسٽار ڪمپيوٽر سينٽر ميرپور ماٿيلو گهوٽڪي
فون نمبر: 03003193769...03342590759
عزيز ڪتاب گهر بيراج روڊ سکر
****
RAZI FAQEER JO RISALO
(Poetry)
By
Razi Faqeer Lishari
Compiled by
Ghulam Rasool Qazi
Edition:First
Year2011,1432 H
Publisher:
Abdul Aleem khan kalhoro
Price:
Stockist
Star Computer Centre Mirpur Mathelo Distt: Ghotki
Cell#03342590759-03003193769
Aziz Kitab ghar Barrage Road Sukkur

انتساب

مان پنهنجي والد الحاج احمد علي خان ڪلهوڙي مرحوم، پنهنجي وڏي ڀاءُ محترم لطف علي خان ڪلهوڙي ڊپٽي ڪمشنر، برادرم جان محمد خان ڪلهوڙي رٽائرڊ سيشن جج ۽ ائڊيشنل لا سيڪريٽري سنڌ، برادرم ڊاڪٽر عبدالڪريم خان ڪلهوڙي سينيئر ميڊيڪل آفيسر، ڪئپٽن ڊاڪٽر عبدالرحيم ڪلهوڙي، جيڪو هن وقت P.I.A ۾ سينيئر ميڊيڪل آفيسر آهي.

مذڪوره بالا بزرگن سان هي ڪتاب ”راضي فقير جو رسالو“ وڏي عقيدت ۽ احترام سان منسوب ڪريان ٿو.

خادم العلم

عبدالعليم خان ڪلهوڙو

مير پور ماٿيلو ضلعو گهوٽڪي

فهرست



بسم الله الرحمن الرحيم



مهاڳ

منهنجا والد ماجد، خانصاحب احمد علي خان ڪلهوڙا صاحب جن انگريزن جي دور ۾ سنڌ صوبي ۾ فاريسٽ آفيسر هُئا.

جڏهن دادو ضلعي ۾ هئا ته هِنن جو مانجهند شهر ۾ وڃڻ ٿيو. اُهو جمعي جو ڏينهن هو. نماز پڙهڻ لاءِ جيڪي به ماڻهو مسجد ۾ آيا هئا سي سمورا نماز کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ هڪ فقير جي چوگرد ڦري ويا. فقير کي گيڙو ڪپڙا پاتل هئا ۽ مخمور نگاهن سان هر هڪ ماڻهو کي ٿي ڏٺائين بلڪل خاموش بيٺو هو. گيڙو ڪپڙا مسلمان نه مگر هندو سنياسي فقير ۽ ٻڌ ڌرمي ٻاوا پائيندا هئا. تنهنڪري مولوي صاحب فقير کي هڪ ته سُڪر جي حالت ۾ سمجهيو ۽ ٻيو غير شرعي پوشاڪ ۾ تنهنڪري فقير تي امام صاحب فتويٰ جاري ڪئي ته فقير صاحب ناراض نه ٿيو ۽ هي چيائين ته:

”شرع محمّد مصطفيٰ ﷺ مطابق مون تي فتويٰ جاري ڪئي آهي. واقعي مان اِنهيءَ جي لائق آهيان، مگر مولوي صاحب مون کي هي ٻڌايو ته اوهان جي ڪيسي ۾ ڇا آهي؟ مولوي صاحب جي پاسي واري ڪيسي ۾ هڪ ٽامي جو پيسو هيو. هي سن 1932ع جي ڳالهه آهي. فقير صاحب پيسو هٿ ۾ وٺي شوڪاري مولوي صاحب کي چيو ته:

”هيءُ وٺ تنهنجو انعام آهي.“

مولوي صاحب ۽ ٻين ماڻهن ڏٺو ته ٽامي جو سڪو ته سوني ڳِني ٿي پيو آهي. ڏسڻ وارا سڀ حيران ٿي ويا. مولوي صاحب کين چيو ته:

”مان ٽامي جو ديڳڙو ڪٽي اچان.“

ماڻهن مولوي صاحب کي چيو ته ”جنهن تي تعزير لاڳو ڪئي اٿيئي،



تنهن کي صاحبِ ڪرامت سمجهي، لالچ ۾ اچي ٽامي جا ٿانوَ سونا ڪرائڻ وارا مولوي صاحب تنهنجي فتويٰ ته لڙهي ويئي. پوءِ مولوي صاحب فقير صاحب کي خُلاصي ڪچهري لاءِ عرض ڪيو. فقير صاحب مولوي صاحب جو عرض اگهايو. اها خبر بعد ۾ ماڻهن خانصاحب کي ٻُڌائي خانصاحب نماز پڙهي جلد هليا ويا هئا. ٻي ڀيري مانجهند ۾ ئي راضي فقير سان خانصاحب جي مُلاقات ٿي. آهستہ آهستہ بابا ۽ فقير صاحب جون صحبتون ۽ محفلون ۽ ڪچهريون وڌنديون ويون جيڪي آخردم تائين قائم رهيون. بابا مرحوم جن جتي جتي فاريسٽ آفيسر ٿي رهيا اُتي اُتي راضي فقير ساڻن گڏ رهيا.

بابا سائين، راضي فقير جي مُلاقات حاجي مولا بخش خان سومري مرحوم سان ڪرائي. خانبهادر راضي فقير کي عام فقير سمجهي ڪجهه نذرات ڏني ته فقير چيو، ”اسان جو ڪنڌائي آ خالق، ڪوڏڙو مل ته نه آهي جو ڪٽي ويندو، ڪپ نه اٿم.“

سوال ڪنون ڪال ڀلا نه ته سُتت نڪالين ساهه
جي هووين طالب حق دا ته منگ مُول نه ڪا

هڪ ڏينهن ۽ پهريون پيرو بابا سائين، راضي فقير کي حضرت مولانا حماد الله صاحب رحمة الله عليه هاليجوي وٽ وٺي ويا. بزرگ جيئن نماز پڙهڻ کان فارغ ٿيا ته جماعت کي فرمايائون ته ، ”هي پڪو موحد آهي جنهن کي اصل فقير چئجي سو هي آهي. ڏسٽو اٿو ته ڏسي وٺو.“

جڏهن راضي فقير بابا سائين وٽ ايندا هئا تڏهن آءٌ ننڍو هوس. فقير سائين جي ٻاجهارن ٻولن کي سمجهي ڪونه سگهندو هوس. جڏهن وڏو ٿيس ۽ سمجهه پرو ٿيس ته مونکي بابا سائين فقيرصاحب جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو بابا سائين وٽ ايندا هئا اُهي به راضي فقير جون رمزون ٻُڌائيندا هئا.

راضي فقير جو ڪتاب ”راضيءَ جون رمزون“ نالي سان مرحوم الهه بخش ٽالپور سن 1963ع ۾ ڇپرايو هيو. اُن ڪتاب کي ٻي ڀيري ”شاهه لطيف ڪتاب گهر“ جي طرفان سن 2007ع ۾ شايع ڪيو ويو. اُهو ڪتاب خريد ڪيم ته دل ۾ راضي فقير جي رسالي شايع ڪرائڻ واري ديرينہ خواهش دل ۾ ٻيهر پيدا ٿي. ان سلسلي ۾ پرچوندي شريف جي



ميان نظر محمّد صاحب سان ڳالھ ڪيم. ان صاحب رسالي ڇپرائڻ لاءِ منهنجي همت افزائي ڪئي. ان ڪانپوءِ پنهنجي دوست غلام رسول قاضي اسسٽنٽ پروفيسر صاحب کي رسالي جو مُسوّدو ترتيب ڏيڻ لاءِ ڏنم.

ميرپورماٿيلي جي محقق، تاريخدان، اديب ۽ شاعر پروفيسر غلام رسول اڪرم صاحب سان مشورو ڪيم هن صاحب هر طرح تعاون ڪرڻ جي حامي ڀري. اُن بعد لاڙڪاڻي جي رهاڪو محقق ڈاڪٽر بشير احمد شاد سان ان سلسلي ۾ ملاقات ڪيم. حقيقت هن طرح آهي ته

راضي فقير جي رسالي کي فقير گل محمد بلاولي، فقير صاحب جي وفات کان به سورهن سال اڳ لکي پورو ڪيو هيو. جون 2011ع تائين ڪنهن به صاحبِ حيثيت نه ڇپرايو. مون کي رسالي ڇپرائڻ جو شوق ننڍپڻ کان هُيو.

الحمد لله، ربّ العزت، راضي فقير جي رسالي جي ڇپرائڻ جي مونکي توفيق فرمائي آهي. اجهو هي ”راضي فقير جو رسالو“ اوهان پڙهندڙن جي خدمت ۾ حاضر آهي. فقير صاحب جو ڪشتو، تسبيح ۽ حاصو (عصا) مون وٽ تبرڪ طور محفوظ آهن.

اوهان جي دعائن جو طالب

عبدالعليم ڪلهوڙو
ڳوٺ حاجي احمد علي خان ڪلهوڙو
ميرپورماٿيلوضلعو گهوٽڪي
0300-3115886



بسم الله الرحمن الرحيم

تعارف

نالو:

راضي فقير، لشاري قبيلي ۾، رانجهن فقير جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ڇٽي جي رات سندس نالو مهر علي رکيو ويو پر پيار منجهان هن کي اڪثر ماڻهو راضي فقير ڪري ڪوٺيندا هئا. تنهنڪري پاڻ به پاڻ کي راضي سڏرائيندو هو.

جاءِ پيدائش:

راضي فقير ڳوٺ جمال حاجاڻو لڳ پير بلاولي تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد ۾ اک کولي هئي. هن فقير جي پيدائش ربيعُ الاول مهيني جي ٻارهين تاريخ سومر جي رات 1317ھ ۾ ٿي.

تعليم:

راضي فقير جڏهن پڙهڻ واري عمر کي پهتو تڏهن سندس والد محترم کيس هڪ مُلان وٽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وهاريو. فقير جي پڙهڻ سان ڪابه دلچسپي نه هئي تنهنڪري مُلان فقير صاحب جي والد کي اهڙو اطلاع ڏنو.

راضي فقير کي سندس والد چيو ته:

”تو کي قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ وهاريو اٿم. مُلان وٽ دل لائي پڙهين ته پڙهه نه ته هلي انيون چراءِ.“

راضي فقير پيءُ جي چوڻ تي ڪجهه وقت مُلان وٽ پڙهيو پوءِ اُٺيون چارڻ شروع ڪيائين. ان بعد رهڪي پوکي به ڪرڻ لڳو.

سير ۽ سفر:

راضي فقير جڏهن چوڏهن سالن جي عمر جو ٿيو ته رهڪي پوکي وارو ڪم ڇڏي، گهر کي الوداع چئي ڀٽ شاهه طرف روانو ٿيو. ڀٽ شاهه جي روضي ٻاهران رستي تي سندس وقت گذرندو هو. ڪجهه عرصي بعد درياءَ جي اولهندي طرف شاهه اويس قرني جي مزار وٽ ۽ اُن جي آس پاس رهيو ٿي.



اِنهيءَ سفر دوران راضي فقير کي عشق مجازي جي مهيز لڳي ويئي. هن فقير پنهنجي مجازي محبوب کي مخفي رکيو تنهنڪري ويو جهوري ۾ جُهرندو.

راضي فقير پٽ شاهه تي ٻيو پيرو پهتو، چاڪاڻ تہ هِن کي مجازي عشق جيڪا چاشني چکائي تنهن سببان هو بيساختہ بيت چوڻ لڳو. ڀٽائي ﷫ جي رسالي جا بيت ۽ وايون فقيرن کان ٻُڌي سُٺي گهڻائي بيت ياد ڪيائين. فقير صاحب ان دور ۾ جيڪي بيت چيا تن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ پنج سو هيو اُهي بيتن وارا پنا ڦاڙي درياءَ ۾ اُڇلي ڇڏيائين.

راضي فقير جيڪو سفر پنهنجي ڳوٺ کان شروع ڪيو هو سو پٽ شاهه تائين محدود نہ رکيائين. سنياسي فقيرن سان گڏجي هنگلاج کان گنگا تائين پهتو. سنڌ سموري جا اڪثر شهر گهمي چڪو هو. سن 1946ع ۾ فقير محمد صالح کٽي سان جيمس آباد جي رستي کان، فقط هڪ روپيو کڻي اجمير شريف وڃي پهتو.

راضي فقير ٺٽي ۽ ڪراچي جو جيڪو سفر ڪيو ان سفر ۾ فقير جو پهريون سوانح نگار فقير گل محمد ساڻس گڏ هيو. هي فقير سفر توڙي حضر ۾ راضي فقير سان ويهہ سال گڏ رهيو.

گنگا ۽ هنگلاج جي سفر دوران راضي فقير ڪنهن بہ مذهب جي قيد ۾ نہ رهيو. ڪنهن بہ ماڻهو کان هن کي نفرت نہ هئي.

حضرت شاهه عبداللطيف جئن لئي وارين ڊِرِين ۾ رهندو هو تئن راضي فقير بہ لئي وارين ڊرين ۾ ذڪر فڪر ۾ گذاريندو هو.

راضي فقير جي خانصاحب حاجي احمد علي خان ڪلهوڙي سان ملاقات:

خان صاحب جي سن 1932ع ۾ دادو ضلعي ۾ ملازمت هئي. فاريسٽ آفيسر جي حيثيت سان مانجهند ويا. جمعي جو ڏينهن هو. هڪ مسجد ۾ نماز پڙهڻ لاءِ ويا راضي فقير سان اُتي سندن ملاقات ٿي. خان صاحب راضي فقير جي انمول ٻولن کان متاثر ٿيو ۽ راضي فقير انگريزن جي دور واري آفيسر جي شفقت ڀرئي انداز کان متاثر ٿيو. اهڙي طرح ٻنهي جي اتفاقيہ ملاقات دوستي ۾ اهڙي طرح تبديل ٿي جو سندس زندگي جي آخري گهڙي تائين قائم رهي.



راضي فقير جي هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلي ۾ آمد:

جڏهن آئون راقم الحروف (غلام رسول اڪرم) ۽ خان صاحب حاجي احمد علي خان ڪلهوڙي مرحوم جو وڏو فرزند محترم لطف علي خان ڪلهوڙو، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپور ماٿيلي ۾ پڙهندا هئاسين تڏهن هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر صاحب مرحوم منظور احمد ڀٽو جن هوندا هئا.

ڀُٽي صاحب ۽ خانصاحب جا پاڻ ۾ گهرا مراسم هئا. خانصاحب جي وساطت سان راضي فقير خانصاحب سان گڏجي سن 1955ع ۽ 1956ع ۾ ٻہ ڀيرا اڳوٺي ڊائننگ هال ۾ اچي ناصحانہ ۽ ظريفانہ ٻول ٻڌايا هئا. انهن ناصحانہ نقطن کي "راضيءَ جون رمزون" ڪوٺيو ويندو هو. اُنهن راضيءَ جي رمزن کي مرحوم الهه بخش ٽالپور سن 1963ع ۾ شايع ڪرايو هيو.

راضي فقير جون رهاڻيون:

راضي فقير جڏهن بہ خانصاحب احمد علي خان ڪلهوڙي صاحب وٽ ايندو هو تہ وڏيرو نبي بخش خان ميراڻي، اڳٿو فقير ميراڻي ۽ محمد عظيم ميراڻي بہ ساڻس ملاقات لاءِ ايندا هئا. اِنهن صاحبن ڪانسواءِ ٻيا جيڪي لکيا پڙهيا ۽ سُرت سمجهہ وارا ماڻهو گاهي بہ گاهي فقير صاحب سان ملڻ لاءِ ايندا هئا تن منجهان ڪجهہ حضرات هي هئا. جمعدار محمد الياس سومرو، مولوي عبدالرحمان نائچ، حاجي فتح محمّد ڪلهوڙو ڪڏواري وارو، وڏيرو محمّد بخش ڪلوڙ، الهرکيو ڪلوڙ، قاضي الهرکيو ڪلهوڙو سيد پوري، رئيس الهه بخش سيال، جمعدار سبزل خان نائچ. ڪوڙو مينگهواڙ.

راضي فقير جڏهن ميرپورماٿيلي ۾ هوندو هو تہ اڪثر جمع جي نماز مولوي محمّد عالم سومري مرحوم جي ٺهرايل مسجد ۾ اچي پڙهندو هو.

جڏهن خانصاحب احمد علي خان سردار دادن خان اول سان ملاقات لاءِ ويندو هو تہ راضي فقير سان سردار صاحب روح رهاڻيون ڪندو هو. فيض محمّد خان ڪلهوڙو ، حضور بخش ڪلهوڙو اهي ٻيئي فقير جا صحبتي هئا. خانصاحب سان پهريون ڀيري جڏهن راضي فقير گڏجي هاليجي شريف پهتو تہ بزرگن جماعت کي چيو فقير ڏسٽو اٿو تہ هي



مُوحد فقير ڏسي ڇڏيو. داروغو صوبدار خان ٻُلو ڪوٽ ٻُلا وارو فقير صاحب سان ملڻ لاءِ ايندو هو.

لوءِ صاحبان گهوٽڪي جون اهم شخصيتون جن منجهان حاجي شير محمّد شاهہ ، حاجي فخرالدين شاهہ، حاجي غلام حيدر شاهہ، حاجي غلام حسين پناڻ، خير محمّد خان پناڻ، سيد علي شاهہ وڪيل ۽ ٻين سان فقير وڃي رهاڻيون ڪندا هئا.

ميرپور ماٿيلي جي نائچ قبيلي ۾ نيڪ مرد غلام رسول خان نائچ سُپروائيزنگ ٽپيدار بہ خانصاحب وٽ گاهي گاهي اچي راضي فقير سان صحبت ونديندو هو.

محترم لشڪر خان مهر جي والد مرحوم اسلام خان مهر جي خانصاحب سان دوستي هُئي ڪڏهن ڪڏهن اِنهن جون پاڻ ۾ روح رهاڻيون ٿينديون هيون. راضي فقير بہ ان محفل جو حصو هوندو هو.

حضرت احمد سائين خانگڙهہ واري بزرگ جي پياري مريد آدم فقير جو فرزند ماستر جمال الدين هر وقت فقير جي خدمت ۾ حاضر رهندو هو. غلام محمّد سيال ونگي وارو، راضي فقير جي خدمت ۾ هڪيو تڪيو رهندو هو. هي فقير صاحب جي گهڻن ئي بيتن جو حافظ آهي. سکر شهر جو مشهور بزرگ حاجي سچل فقير ڪوري ڊيملا مل سکر وارو پنهنجي وقت جو نيڪ ۽ بزرگ هو هن سائين سان بہ فقير جون محفلون مچنديون هيون. عبدالحميد ڪلهوڙو هاليجي شريف جو فقير ، استاد ميان جي سائينداد فقير ڪلهوڙو ڪڏواري وارو بہ فقير جي صحبتين منجهان هڪ هُيو. سکر شهر جي برڪ ۽ بزرگ هستين منجهان ميان عبدالستار پيرزادو ۽ ميان مُڪل جيئي شاهہ بادشاهہ جي متولي وٽ بہ اڪثر ويندو هو.

دادلوءِ(پني عاقل لڳ) جي سردار علي نواز خان ڏاريجي بہ هڪ پيرو فقير صاحب سان ڪچهري ڪئي هئي. فقير صاحب جي گفتگو ۾ هڪ قسم جي چاشني هوندي هئي جيڪا ڪشش جو سبب بڻجندي هئي.

سيد حسن بخش شاهہ سڪرنڊ محراب پور وارو، سيد بشير احمد شاهہ ۽ سيد شبير احمد شاهہ جن سان بہ فقير جون مثالي محفلون رهيون. ضلعي دادو جو فقير امام بخش سولنگي ۽ مانجهند شهر جو مشهور



فقير ٻڍل ڪوسو بہ فقير جا صحبتي هئا.

هالا جي بزرگ هستين منجهان حضرت مخدوم غلام محمد ؒ، حضرت مخدوم طالب المولىٰ، حضرت پير خان محمّد شاهہ جيلاني هالا پُراڻا ۽ سيد غلام محمّد جندل شاهہ جن سان بہ فقير جون ملاقاتيون ٿيون ۽ رس رهاڻ ۾ وقت گذريو.

درگاهہ پير بلاولي جو پانڌي فقير راضي فقير جي عاشق فقيرن منجهان هيو. لنواري شريف مان آخوند محمّد صالح جون بہ راضي فقير سان رهاڻيون ٿيون.

بر صغير هند و پاڪ جي مشهور سومرا خاندان جي مشهور شخصيتن مرحوم جناب احمد ميان سومرو، جناب الٰهي بخش سومرو، جناب افتخار احمد سومرو ۽ جناب ڊاڪٽر منصور احمد سومرو صاحبان جي والد ماجد الحاج مولا بخش سومري صاحب جن جي خانصاحب حاجي احمد علي خان ڪلهوڙي سان دوستي پائيپي واري رنگ ۾ هئي.

خانصاحب جي ڪري حاجي مولا بخش خان سومرو مرحوم راضي فقير سان قرب ڀريون ڪچهريون ڪندو رهندو هو.

هادي بخش سومرو، جيڪو هن وقت سومرا هائوس شڪارپور جو انچارج آهي. سو بہ راضي فقير جو صحبتي رهيو ڪيس راضي فقير جا بيت اچا بہ ياد آهن. فقير گل محمد بلاولي ، فقير محمّد صالح ڪٽي، خدا ڏنو فقير راضي فقير جا هم سفر ۽ همراهہ رهيا.

مٿي ذڪر ڪيل شخصيتن جي نالن لکڻ منجهان منهنجي مراد هي آهي تہ هي فقير وڏو سيلاني هو. ڪليل دل ۽ کُليل دماغ جو صاحب هيو، نهايت کرو ۽ سچو فقير هيو. سندس مجلس ۽ محفل سدا آباد رهندي هئي. هن بزرگ جي انمول، سچن ۽ کرن ٻولن جي مناس ۽ چاشني جي ڪري هي بزرگ مشهور هيو. هن سان جنهن بہ هڪ ڀيرو رهاڻ ڪئي ۽ مجلس ۾ وينو تہ ڏيهن کي وڃي ڏس ڏيندو ۽ اُنهيءَ ڏس پٺي تي محبتي ۽ معزز ماڻهو لکيا پڙهيا توڙي ڪورا ڇٽ بہ اچي فقير جي ڪچهري ۾ ويهندا هئا.

جيڪي نالا لکيا ويا آهن سي معاشري ۾ مانائتا رهيا آهن. فقير سان ٻين عام ماڻهن جي بہ وڏي انگ ۾ صحبت رهي. اِهي نالا نهايت ئي



مختصر ۾ خاص لکيا ويا آهن. فقير اُن چشمي جي برابر هيو. جيڪو چشمو بر ۾ بيابان ۾ هجي متو بہ هجي ، ان جو پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ آساني بہ هجي تہ پوءِ ڪئن نہ پياسا پرند چرند ۽ درند اچي حاضر ٿيندا؟ راضي فقير شادي نہ ڪئي مجرد رهيا. سن 1963ع ۾ 18 ذي القعد 1384ھ تي انگريزي ڪئليندر مطابق 65 سال ۽ اسلامي ڪئليندر مطابق 67 سالن جي عمر ۾ وفات فرمايائون. سندس مزار پير بلاولي ۾ آهي. راضي فقير جي وصال کي پاروان اٺيتاليهہ سال ٿي ويا آهن ۽ ....راضي فقير جو هي رسالو راضي فقير جي وفات کان سورهہ سال اڳ ۾ لکجي چڪو هو. ٻين لفظن ۾ ايئن ڪٽي لکجي تہ چوهٺ سالن گذرڻ بعد جون 2011ع تائين ڪنهن بہ صاحبِ حيثيت رسالي کي ڇپائڻ جي سعادت حاصل نہ ڪئي. راضي فقير جيِ وفات حسرت آيات کان اٺيتاليهہ سال پوءِ خانصاحب حاجي احمد علي خان ڪلهوڙي جي فرزند جناب عبدالعليم ڪلهوڙي صاحب هڪ طرف پنهنجي والد مرحوم ۽ ٻي طرف راضي فقير مرحوم جي ارواح کي راحت رسائي تہ ٿين طرف خود پاڻ بہ سعادت حاصل ڪئي آهي.

الحمد لله جزاڪ الله في الدارين خيرا

پروفيسر غلام رسول "اڪرم" سومرو
ميرپور ماٿيلو



ٻہ اکر

آءٌ بدن پٽ ڏٽي جو، پاڻ منهنجو پساهہ
ڄاڻي هڪ الله، تہ رتي ناهہ رواز جي

"راضي فقير جو رسالو" جڏهن منهنجي سرسري مطالعي هيٺ آيو تہ مان حيران ٿي ويس جو سندس ڪلام ۾ لطيف سرڪار وارو ئي رنگ نظر آيم. رسالي جي شروع ۾ راوي فقير گل محمّد پيربلاولي، راضي فقير جي لطيف سائين کان متاثر ٿيڻ جي حوالي سان لکي ٿو:

" چوڏهن ورهين جي عمر ۾ پوک کان بيزار ٿي درگاهہ شاهہ لطيف ڏانهن راغب ٿيو. جتان وري شاهہ اويس قرني تي وڃي رهيو. پر وري بہ شاهہ صاحب جي درگاهہ جو رخ ڪيائين. جتان ڪيس روحاني فيض مليو. شاهہ جي ڪلام جو مطالعو ڪندي مٿس روحاني شاعريءَ جو غلبو ٿيو ۽ هن شعر چَوَڻ شروع ڪيو. 500 بيت گڏ ٿيا تہ ڦاڙي درياءَ جي حوالي ڪيائين. پوءِ وري سير سفر تي نڪتو. عالمن عاقلن سان صحبتون ڪيائين. شريعت جو پابند هو. پوءِ وري موٽي پٽ شاهہ تي آيو ۽ شاعري شروع ڪيائين. 1300 تقريباً بيت لکجي ويا تہ پوءِ اهي مولوي علي محمد کان ٻيهر لکرايا ويا."

راوي جي لکت مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ راضي فقير جو ڪلام سائين غلام مرتضيٰ شاهہ ، مخدوم محمد زمان ۽ ڊاڪٽر دائود پوٽو جي نظر کان بہ گذريو ٿو پاڻئجي جو انهن سيني اڪابرن ڪلام ڇپرائڻ جو مشورو ڏنو. جيئن تہ لکت مان معلوم ٿئي ٿو تہ فاضل راوي راضي فقير سان ويهہ سال گڏ رهيو تنهنڪري سندس روايتن کي مستند ئي پائنبو.

راضي فقير جي ولادت جي تاريخ 12 ربيع الاول 1317ھ ۽ وفات 18 ذوالقعد 1384 ھ ٻڌائي وڃي ٿي. فقير گل محمّد 1368ھ ۾ رسالو لکيو. سندس ڪل عمر 67 سال ٻيهي ٿي.

الله تعاليٰ انسان کي هن دنيا جي درياهہ ۾ چوڪنيو ٻڌي ڦٽو ڪيو ۽ مٿان اهو حڪم صادر فرمايو تہ پاند پسائڻو بہ نہ آهي. اهڙو اظهار لطيف



سائين پنهنجي رسالي ۾ هن ريت فرمايو

مونکي مون پرين ، پٽي وڌو پار ۾
متان ائين چون، متان پاند پُسائيين

هاڻي بنا پاند پسائڻ جي دنيا جي درياهہ مان اُڪري پار پوڻ عام انسان لاءِ تہ نهايت مشڪل ۽ محال آهي. اهڙي عمل لاءِ تہ اهڙو عامل ڪامل گهرجي جيڪو بنا پاند پسائڻ وچي پار پيو هجي. ان ڏس ۾ ڏاهن مرشد ڪامل اختيار ڪرڻ جو ڏس ڏنو آهي. اهو مرشد جيڪو حقيقي معنيٰ ۾ ڪامل هجي. منهنجي نظر ۾ لطيف بلا شڪ مرشد ڪامل هو. جنهن جي دامن راضي فقير جهڙن درويشن پڻ ورتي ۽ ٽپي پار پيا.

راضي فقير صحيح معنيٰ ۾ لطيف سرڪار جو عاشق ۽ طالب نظر اچي ٿو. سندس ڪلام پٽ ڌڻي جي رنگ ۾ رنگيل آهي. لطيف سائين وانگر راضي درويشن پڻ سُرن جو سهارو ورتو آهي. سندس رسالي ۾ ڪل12 سُر اچي وڃن ٿا. سُرن جو وچور هن ريت آهي:

سُر يمن ڪلياڻ، سُر سريراڳ، سُر سهڻي، سُر سارنگ، سُر ڪيڏارو، سُر سسئي آبري، سُر معذوري، سُر ڪوهياري، سُر مومل راڻو، سُر رامڪلي، سُر ليلا چنيسر ۽ سُر مارئي. مزيد سُر سسئي ۾ ٽيهہ اکري ۽ ٻيو ڏناسري اچي وڃن ٿا.

راضي فقير جي ڪلام جو وڏو حصو پٽ ڌڻي پلاري جي ڪلام سان ايتري قدر تہ مماثلت رکي ٿو جو جيڪڏهن پڙهندڙن جي آڏو بنا ٻڌائڻ جي راضي فقير جا بيت پيش ڪجن تہ هو اهي بيت پٽ ڌڻيءَ جا پائيندا. ثابتي طور هتي اهڙا چند مثال پيش ڪجن ٿا جن مان معلوم ٿيندو تہ راضي فقير جي فڪر تي ڀٽائي سرڪار جو ڪلام ڪيترو ڇانيل آهي.

شاهہ سائين جي سُر ڪلياڻ جو شعر آهي

جوڙي جوڙ جهان جي جڏهن جوڙيائين
خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چتو چيائين
انا مولاڪ وانت محبوبي، ائين اتائين
ڏکي ڏنائين، ٻئي سرائون سيد ڪي

راضي فقير پنهنجي رسالي جي سُر يمن ڪلياڻ ۾ داستان پهريون جي



ٽين بيت ۾ لکي ٿو:

جوڙي جوڙ جهان جي پاڻ ڪيائين پسند
خاوند خاص خلقيو موچارو محمّد (ﷺ)
اَنَا مَوْلَاكَ وَ اَنْتَ مَحْبُوْبِیْ صحي چيو صمد
راهہ وتائي رند، جوڙيائين جوڙ جهان جي.

پٽ ڌڻي جو ساڳي سُر ۾ هڪ بيت هن ريت آهي

وحده لا شريڪ لہ ايءُ وهائج ويءُ
ڪتين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ
پاٽان چوندءِ پيءُ، پري جام جنت جو

راضي درويش ساڳي سُر ۾ فرمايو آهي:

وحده لاشريڪ لہ واحد وهائج وٽ
ڪتين جي هارائين تہ هي تنهنجو هٽ
پرين ڏيندءِ پٽ، پري جام جنت جو.

لطيف سرڪار جو هڪ بيت آهي

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ ڀل
هُو هلاچو هل، باالله سندو سچٽين

راضي فقير ساڳي خيال کي هن رنگ ۾ پيش ڪيو

وحدتا ڪثرة ٿي وحدت ڪثرت ڪم
حق حقيقي هيڪڙو ٻيا وجائي سڀ وهم
هو هلاچو هم، باالله سندو سچٽين.

پٽ ڌڻيءَ جو بيت آهي:

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو

راضي درويش پڻ سُر يمن ڪلياڻ جي داستان ڇهين جي بيت (1) ۾ فقط چند لفظن جي تبديليءَ سان لکيو آهي

عاشق ابليس، ٻيا مڙيئي سڌڙيا
منجهان خام خبيث، لعنتي لعل ٿيو




مٿ مان خرار پرکڻ جي مصداق مون هتي فقط هڪڙي سُر يمن ڪلياڻ مان ڪجھ بيت مثال طور پڙهندڙن آڏو پيش ڪيا آهن جن مان قاري کي مماثلت جو گهرو رنگ نظر ايندو.

منهنجي نظر ۾ ” راضي فقيرجو رسالو“ روحاني رمزن جو ڀنڊار آهي. جيڪو لڳ ڀڳ مُني صدي اڳ راضي فقيرجي فقير گل محمّد لکي تيار ڪيو. خبر ناهي هن وقت تائين اهڙي خوبصورت تخليق قدردانن جي نظر کان ڪيئن اوجهل رهي آهي ۽ شايع ٿيڻ کان ڇو رهجي وئي آهي. هن قحط الرجال واري دور ۾ اها ضرور شايع ٿيڻ کپي. ان سان راضي فقير جي محبّت ڀري محنت ضرور رنگ لائيندي ۽ اهلِ ادب ان مان ضرور لاڀ پرائيندا.

پروفيسر بشير احمد ”شاد“
لاڙڪاڻو



بسم الله الرحمن الرحيم



مرتب جو اظهار خيال

(1) منهنجي مهربان محترم عبدالعليم ڪلهوڙي صاحب راضي فقير جي رسالي جا ٻه ماخذ ڏنا اُهي ٻيئي ماخذ اصل ۾ هڪ ڪاتب جي لکت کي ٻي ڪاتب جدا ڪتاب تي اُتاري چڙهيو هيو. ڇاڪاڻ ته راضي فقير جي پهرين سوانح نگار فقير گل محمّد پهرين ڪتابت ٽن جُدا جُدا ٻُوڪن تي ڪئي هئي.

(2) رسالي ۾ لکيل بيتن کي ترتيب ڏيڻ وقت اِهو خيال دل ۾ آيو ته هر هڪ داستان کي الڳ الڳ جاءِ ڏجي.

(3) هر هڪ داستان کي نئين پني تي آڻجي.

(4) رسالي ۾ داستان اول لکڻ کان پوءِ داستان ٻيون ۽ ٽيون لکيل هيو جيڪو ادبي اعتبار کان درست نه آهي اول کان دوئم ۽ سوئم لکيو آهي تنهنڪري ”اول“ لفظ کي بدلائي اتي .پهريون، لکيو ويو آهي.

(5) سر سسئي ۾ ابري، معذوري ۽ کوهياري لکيل آهي لفظ ابري اصل ۾ لفظ اَپري آهي يعني ڪمزور تنهنڪري جتي به ابري لفظ آيو آهي اُتي اَپري ڪري لکيو اٿم.

(6) رسالي ۾ لفظ ماروي آهي جيڪو اصل ۾ ماروئي آهي لفظ ماروي کي بدلائي اُتي ماروئي لکيو ويو آهي.

(7) بيتن کان واين يا ڪافين کي الڳ الڳ لکيو ويو آهي.
هڪ ئي پني تي بيت ۽ ڪافي ڪن ڪن رسالن يا ڪتابن ۾ لکيل هوندا آهن سي درست نه هوندا آهن.

(8) راضي فقير جي رسالي ۾ جيڪي بيت لکيل آهن ڪوشش

ڪري انهن بيتن کي ان حالت ۾ لکيو ويو آهي. ڪا خاص تبديلي نہ آندي ويئي آهي. تبديلي آڻڻ سان مقصد فوت ٿي ويندو آهي.

(9) ڪي بيت اهڙا آهن جيڪي ماڻهن کي چيڙائيندا ۽ ناراض ڪندا پر جئن تہ پهرين سوانح نگار لکيو آهي تہ عالمن ۽ مولوين اُهي بيت ڪڍي ڇڏيا جيڪي اعتراض جوڳا هئا.

(10) اجابہ ڪي اعتراض جوڳا بيت آهن مگر پهرين سوانح نگار لکيو آهي مولوين سڀ اعتراض جوڳا بيت ڪڍي ڇڏيا ۽ هاڻ نئين سر رسالو سال 1368ھ ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي تنهنڪري جيڪي بيت رسالي ۾ لکيل آهن سي سمورا بيت شايع ڪرائي پڙهندڙن جي خدمت ۾ حاضر ڪجن ٿا.

خادم العلم
غلام رسول قاضي
اسسٽنٽ پروفيسر
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميرپور ماٿيلو
0300-3193769
0334-2590759

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سر يمن ڪلياڻ

داستان پهريون

(1)

اول چئو الله اعليٰ , پوءِ ڪر قصو قرب جو
هادي سيني هيڪڙو، مُلڪ ڏٺي موليٰ
مالڪ مِڙني جا ڪيا صاحب ڪم سولا
قادر جي قولا، جُڙي جوڙ جهان جي.

(2)

لڳي مشاهدو ملڪُ جو خاوند ڪيو خيال
جوڙي جوڙ جهان جي ٿيو راضي ربّ جلال
سڄڻ تنهن جي سنيال، منهنجو ساهه سدير ڪيو.

(3)

جوڙي جوڙ جهان جي پاڻ ڪيائين پسند
خاوند خاص خلقيو موچارو محمّد (ﷺ)
اَنَا مَوْلَاكَ وَ اَنْتَ مَحْبُوْبِيْ صحي چيو صمد
راهه وٺائي رند، جوڙيائين جَوڙ جهان جي.

(4)

بندا هن بر ۾ ويسارو تي نه ويهه
ماڳ تنهنجو مهند ٿيو هي پرائو ڏيهه
سدا جت ساٽيهه، رک محبت انهيءَ ملڪ جي.

(5)

موڳا هن ملڪ ۾ تون غافل ٿي نه گُذار
ماڳ تنهنجو مهند ٿيو هي فاني سپ سنسار
جتي قاضي رب قهار، اتي شل ڪاٽياري ڪانه ٿئي.

(6)

جيڏو تون خاوند اوڏو آسرو آهه،
ڪانهي مون ڪميٽي کي واحد توري واهه
اجهو آهين الله، بي ڪنڌي ساريان ڪانه ڪا.

(7)

صمد، صاحب، ڏٽي، احد چوندو اچ
پڙهي فرض واجب سنتون راهه وٺي تون رچ
ننگا پنهنجي نفس کي سدا سٽائج سچ
توبهه ڪر تاڪيد سان، ڪوڙ ڪدي سپ ڪچ
صحي سپيريان جي ڳالهه تي، پتنگ وانگر پچ
محبت جي ميدان ۾ نسنگ ٿي تون نچ
سندو دوزخ مچ، تو اوڏو ئي نه اچي.

(8)

صمد صاحب ڏٽي توّاب توڙئون رهيو تن
سچاتو سبحان کي ڪُن ڪان ڏيئي ڪَن
مچيم محمّد ڪارڻي محبّت رکي من
پيائي ڏيئي پن، ٿيس حوالي حق جي.

(9)

صمد صاحب ڏٽي، وائي وهائج وير
ڪتين جي هارائين متان ٿئين دلگير
لا تقنطوا من رحمة الله سيئي لنگهندا سير
سچو سخن سبحان جو سٽين ٿيو سدير
جن سان محمّد مير، تن کي ڪانه باک بهير ۾.

(10)
وحده لاشريڪ له واحد وهائج وڻ
ڪٽين جي هارائين ته هي تنهنجو هٿ
پرين ڏيندءِ پٽ، پري جام جنت جو.
(11)
وحده لا شريڪ له , جن اُتو ڏينهن ازل
تن مجيو محمّد ڪارڻي منو مير مرسل
ان تان خوف خلل، مولا مٽريئي معاف ڪيا.
(12)
وحدو لاشريڪ له جڏهن وائي واريائون
تڏهين ڪلمي سان ڪفر جي، ٻيائي ٻاريائون
مُدعي ماريائون، مجي محمّد ڪارڻي.
(13)
وحده جي وديا, سي ڪن الله ڏي آر
هِنيون حقيقت گڏيو طريقت رکن تار
معرفت جي ميدان ۾ ڏورين در ڏاتار
سُک نه سُتا ڪڏهين ساري سپ ڇمار
وحدت وارو وار، اصل ڪم عاشقن جو.
(14)
وحد تان ڪثرت ٿي, ڪثرت وحدة ڪار
حق حقيقي هيڪڙو ٻيا وجائج ويچار
هُو هلاچو هر وار، رک سدائين روح ۾.
(15)
وحدتًا ڪثرة ٿي، وحدت ڪثرت ڪم
حق حقيقي هيڪڙو ٻيا وجائي سپ وهم
هو هلاچو هم، باالله سندو سڄڻين.

(16)
تون چئو الله هيڪڙو ٻوڙا ٻيو نه چاڻ
”وحده لا شريڪ له“ پرور چيو پاڻ
اُو تان تو ئي ساڻ، سڄڻ ساهه پساهه ۾.
(17)
تون چئو الله هيڪڙو ٻولي ٻي مَ ڏار
لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُوْلَدْ پريَن ڪر پچار
ته ڏيهه ڏٺي ڏاتار، رهي تنهن جي روح ۾.
(18)
وحده لا شريڪ له جن پرتئون چيو پاڻ
تن مجيو محمّد ڪارڻي هيجئون هنئين ساڻ
اُن تان قادر لاٿي ڪاڻ، ابتڙ سي نه اوليا.
(19)
وحده لا شريڪ له اي پروڙج پند
ڪٽين جي هارائين هيءُ تنهنجو هنڌ
مهندان ڏيندءِ مَنڊ، پري جام جنت جو.
(20)
صمد. صاحب. ڏٺي اُتو جن اصل
تن مجيو محمّد ڪارڻي اُهي آگي ڪيا امل
ان تان پلي لاٿي پل، ابتڙ سي نه اوليا.
(21)
صمد. صاحب. ڏٺي اتو جن الست
تن مجيو محمّد ڪارڻي سي ٿيا محبت ۾ مست
ان جي پرور رکي پت، ابتڙ سي نه اوليا.

(22)

وحده لاشريڪ له، جن ڏنو ڏينهن ميثاق
تن وسائي وجود تي سدا محبت ماڪ
پرور ڏٺي پاڪ، مڃيائون محمّد ڪارڻي.

(23)

جن مڃيو محمّد ڪارڻي سي سُتڙ ويا سچار
راتو ڏينهان روح ۾ ڪن پرين جي پچار
تن مان واحد سڀ ويچار، قادر ڪل ڪڍي ڇڏيا.

(24)

قادر ڪل ڪڍي ڇڏيا نسورا نور تيا
لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ سچن سور ويا
مولي معمور ڪيا، انگ انهن جا ازل ۾.

(25)

سگهن سڌ نہ سور جي، ڪَن رويو رنجوري رنگ
پيل پاسو پٽ تي پچن جيئن پتنگ
وحدت جي ونگ، ڪيا لعل لشاري چئي.

(26)

سگهن سڌ نہ سور جي، اگهن ڇا آچار
پيل پاسو پٽ تي ڪن وصل جو ويچار
پرين جي پچار، رهجي وين روح ۾.

(27)

سگهن سڌ نہ سور جي اگهن ڇا احوال
پيل پاسو پٽ تي گهرن واحد جو وصال
جانب جي جمال، ڪيا لعل لشاري چوي.

(28)

سگهن سڌ نہ سور جي رڻڪن رنجوري رجال
پيل پاسو پٽ تي مجذوبن مثال
لڳين لُوهہَ لشاري چئي جر وهائين جال
جانب جي جمال، ڪيا مست ميدان ۾.

(29)

نابودي نهال، عبد ڪي اعليٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي پيا صورت ۾ سال
ڪبي ڪيهي ڳال، پريان سندي پار جي.

سر يمن ڪلياڻ
داستان پيون

(1)

تون شافي تون ڪافي، تون سڻ درد جون دانهون
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جون آهون
واحد ڪر واهون، ميان مريضن جون.

(2)

تون شافي تون ڪافي، تون ڊٿن ڪرين ڊول
ڏئين تون لاهئين تون قادر تنهنجو قول
ٻاجهارو ڪر ٻول، موليٰ مريضن سين.

(3)

تون شافي تون ڪافي تون دردن ڪرين دم
ڏئين تون لاهين تون قادر تنهنجو ڪم
هي وڏو مون وهم، جو واريو ويچ وهارئين.

(4)

تون شافي تون ڪافي، تون دردن ڪرين ڏرم
ڏين تون لاهين تون قادر تنهنجو ڪرم
پلا ڪر پرم، تہ آجي ٿيان آزار ڪان.

(5)

دارون منهنجي دردن جا ڪيا طبيبن تيار
دوا مُنهن جي دل کي پرين جي پچار
هي وڏو مون ويچار، جو واريو ويچ وهارئين.

(6)

ڪيا حڪيمن هزار، دارون منهنجي درد جا
دوست جو ديدار، دوا منهنجي دل کي.

(7)

ديدار ڪر دلبر جو ڪعبي وڃين ڪوهہ
پيو مڙيئي ڏوهہ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

(8)

عاشقن علاج، پسڻ آهي پرينءَ جو
تن لاءِ مدامي معراج، جي ڏسن منهن محبوب جو.

(9)

محبوب محمّد ڪريم، ٻيو مڙيئي مجاز
نوراني نماز، پسڻ آهي پرين جو.

(10)

طبيبن تات، هڏ نہ وٺي هاڻ مون
دوا منهنجي دل کي وحدت وائي وات
توڙي کُهن ڪات، تہ بہ هُجان در حبيب جي.

(11)

حبيبن هيڪار، هنئي ناوڪ نينهن جي
طبيبن تنوار، وڃا وڃي وسري.

(12)

برهہ رکجي بي پرواهہ سان، جو مورهئون ڏي نہ مان
ڪوڙئين هٽي ڪان، تہ بہ در نہ مٽجي دوست جو.

(13)

اسرافيل اکين ۾ توکي قهري ڪات
ساجن انهي سونهن سين ڪُٺيَئہ سڀ جماعت
ٻي وائي ڪر نہ وات، تنهنجي پهرئين ئي پورو ڪيو.

(14)

عزرائيل اکين ۾ توکي قهري ڪان
ساجن انهيءَ سونهن سين ڪُنيَئہ ڪل جهان
ٻيو مارج مان نہ، تنهنجي پهرئين پورو ڪيو.

(15)

حملو ڪري حق جو اکين ڪيو اوقات
ڪُهن رِيءَ ڪات، اڇيو عاشقن ڪي.

(16)

ڪري شوق شڪار جو اکيون ٿيون اثبات
گهورن سين گهات، اڇيو ڪن عاشقن ڪي.

(17)

هڻ حبيب هٿ ڪٽي، ٿئي ڪم ٿورو ڪر
دوست تنهنجي در، مران تان مانُ لهان.

(18)

هڻ حبيب هٿ ڪٽي تِڪا پري تير
مون هوند مِنهن ٿئي ڪريان نت نظير
پرين تنهنجي تڪبير، ڪُسان تان قربان ٿيان.

(19)

تارا آهن تير، نيزا نيڻ پرين جا
وجهن ٿا تڪبير، سانگو نہ رکن ساهہ جو.

(20)

ڪنز قدوري قافيہ جي پڙهي پروڙين ڪُل
تہ بہ حقيقت جو هُل، ٿئي نہ پسڻ ڏاران پرينءَ جي.

(21)

ڪنز قدوري قافيہ ڪين پروڙيم ڪال
حقيقت جو حال، ٿيو پسڻ منجهان پرينءَ جي.

(22)

مُلن مطالعو ڪنز قدور، مون مطالعو سپرين
پڙهان سوئي پور، جنهن ۾ ورق وصال جو.

(23)

سا سِٽَ نہ سمجهائين، جنهن مان پسڻ پرينءَ ڪي
ماريو مُنجهائين، اَياڳا اکرن ۾.

(24)

ڪنز قدوري قافيہ، ڪيو طالبن طب
جنهن مان ريجهي ربّ، سو پڙهڻ ئي وچان ٻيو.

سر يمن ڪلياڻ
داستان ٽيون

(1)
ڪـنـز قـدوري قـافـيـه، مـوڳـن رکـيـو مـن
طـالـب الـمـولـيٰ مـذکـرٌ تـوڙؤن رهـيـو تـن
ڪُنَ ڪان ڏيئي ڪن،سچن سچاتو صاحب ڪي.

(2)
روزا ۽ نــمـــازون اي پـــڻ چڱـــي چـــال
اُوءِ ڪا ڳجهي ڳال، جنهن سان پسجي پرين ڪي.

(3)
ڪـاتـب ڪـچـاڙي لاءِ ڪـريـن مـتـي پـنـن پـيـهـه
ورق ورائـيـن ويـهـه، تـه بـه اکـر اهـو ئـي الـف جـو.

(4)
ڪـاتـب ڪـچـاڙي لاءِ ڪـريـن مـتـي پـنـن پـور
جي تـو نظر نـور، تـه بسم الله ئي بس آهي.

(5)
هـاري وجـهـه هِـنـئـيـن تـي الـف جـي اوٽ
ڪتابن پڙهين ڪوٽ، ته بسم الله ئي بس آهي.

(6)
ڪـاتـب ڪـچـاڙي لاءِ ڪـريـن اکـرن آر
واريـن ورق هـزار، تـه بـه اکـر اهـوئـي الـف جـو.

(7)
هـاري وجـهـه هـنـئـيـن تـي الـف جـي آر
ڪـتـابـن ۾ ڪـار، بـسـم الله ئـي بـس آهـي.

(8)
اکـر پـڙهـه الـف جـو ڪـنـز قـدوري سـٽ
اِنَّ اللهَ مَـعَ الصَّـابِـرِيْـنَ خـودي وڃـائـي ڪـٽ
ويـهـه تـنـي وٽ، جي سڃـاڻـن صـاحـب کـي.

(9)
جي نـه سڃاڻن صاحب کي، هل تنين ڪان هير
پـڌر وڃـائـي پـيـر، اُتـي پـس پـريـنءَ کـي.

(10)
پـريَـن ڏي پـيـر، سُـتـيـن تـون سـنـوان ڪـري
وِڌءِ وڏو ويـر، سـاڃـاهـه نـه ٿـيـئـي سـپـريـن جـي.

(11)
طـالـب مـطـلـوبـن جـي، جـهـلـي ويـهـه ڳـلـي
ٻُـڪـي ڏيـنـدءِ ٻـاجـهـه جـي مـنـجـهـان حبّ هـلـي
مـتـي چـٽ چُـلـي، پَـسُ پَـنـهـنـجـا سـپـريـن.

(12)
طـالـب مـطـلـوبـن ريءَ وتـي ويـڳـاڻـو
پسڻ نـه ٿـئـيـس پـريـنءَ جـو گـهـمـي ڪُـومـاڻـو
مـحـبـوبـن جـو مـاڻـو، رسڻ راحـت پـائـيـان

(13)
رسڻ رحـم پـريـنءَ جـو، پـرچـڻ پـائـيـج پـيـار
لاهـي لـوڪ مـيـار، ٿـيءُ حـوالـي حـق جـي.

(14)
عـاشـقـن ڏيـنـهـن ازل جـي مـردن ڪـيـو مـعـراج
"راضـي" روز مـيـثـاق جـي تـوڙئـون پـائـي تـاج
حـاصـل تـنِ هـاج، جـن صـحـي سڃـاتـو سـپـريـن.

(15)

آهي انسانن تي، فرض فرقاني
وٺو امر عجيب جو اَتَوَقرض قرآني
سجدا سبحاني، لکيا لوح محفوظ ۾.

(16)

سجدو سبحان کي مون ميثاقان مهند ڪيو
پرينءَ جي پسڻ جو پرو مون پيو
راضيءَ کي راهه ۾ رهبر ربّ ٿيو
وچان وير ويو، ملڻ سان محبوب جي.

ڪافي

ڏس عشق جو ايمان يکي لُڙي ٿو جهان سان
نه دولت نه دٻدٻو نکي سواري کٽي سامان
هٽي نعرو حق جو مانجهي ملهائي ميدان
برهه باري بار مٿي تي ڪنيو زير و زبر آسمان
راضي روشن رُوءِ زمين ۾ سورهه سخي سلطان

(17)

جهڙي طبيعت طفل جي تهڙو عاشقن ارواح
ٻئي بانڪا گهمن بي پرواهه، ڪاڻ نه ڪين ڪنهن جي

(18)

ديد اڙائي ديد سان ڪئي عاشقن عيد
شهنشاهه شهيد، راضي روءِ زمين تي.

(19)

عاشق ڪن عيد سدائين سوريءَ تي
دُرس اڙائي ديد، چڙهيا نيزي نينهن جي.

(20)

سوريءَ تيو سڏ ڪا هلندي جيڏيون
جيءَ جسو ۾ هڏ، ڏيندڙيون ڏيڻ واريون.

(21)

سوريءَ آهي سوال، اصل عاشقن جو
لَا تَقْنَطُوْا مِن رَّحْمَةِ الله صاحب ڪر سنيال
قربئون چڙهيا ڪال، محبت جي ميدان ۾.

(22)

سوري آهه ثواب، اصل عاشقن کي
ڪُسي ٿيا ڪباب، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

(23)

سوري آهي سڪ، اصل عاشقن جي
توڙئون ڏيئي ٽِڪ، آيا محبت جي ميدان ۾.

(24)

سوري آهي سوپ، اصل عاشقن جي
لالچ ڇڏي لوپ، پسڻ ويا پرينءَ کي.

(25)

سوري آهي سونهن، اصل عاشقن جي
ويا لاءِ ورونهن، محبت جي ميدان ۾.

(26)

سوري آهي سنُ، اصل عاشقن جو
ويا خاطر ون، محبت جي ميدان ۾.



سر يمن ڪلياڻ
داستان چوٿون

(1)

اصل عاشقن جا، سوريءَ چڙهيا سندَ
هاديءَ پسي هنڌ، آيا محبت جي ميدان ۾.

(2)

سوريءَ سپ چمار، پسڻ آهي پرين جو
عاشقن آڌار، آهي نام الله جو.

(3)

سوريءَ آهي سچ، اصل عاشقن کي
محبت ٻاري مچ، پسڻ ويا پرين کي.

(4)

هادي پنهنجي هٿ سان، مونکي سوري ڏئين سپ
تہ ڪر راضي ٿيو ربّ، جانب منهنجي جيءَ تي.

(5)

سوري آهي سڪ، اصل عاشقن جو
ڏٺي لِهن ڏک، پسڻ سان پرينءَ جي.

(6)

ڪپيو هجين تہ ڪاهہ، نہ تہ وٺ واٽ
ٽُڪڻ چيرڻ چچرڻ، رمز رندن جي راهہ
اول سِسِي لاهہ، پوءِ پڇج پرينءَ جو.



(7)

وڍيو هجين تہ واهہ، نہ تہ وٺ واٽ گهَرَ جي
ڏين سر سبيل ۾، عاشقن عادت آهہ
هيءَ تني جي جاهِ، جن کي ڦهري ڪات هٿن ۾.

(8)

ڪاتيءَ ڪنا ڪين پر الفت ڪٽي اڏ ڪيا
عاشق اجل کي نيهي نزديڪ ٿيا
وحدت منجهہ ويا، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

(9)

ڪاتيءَ ڪنا ڪين، پر عشق ڪيا اڏ
"يُجَاهِدُونَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" ڪوريو ڏين ڪنڌ
وحدت جي وصال جا رسيو وٺن رند
پچائي پرين پنڌ، آيا محبت جي ميدان ۾.

(10)

پتنگ چائين پاڻ کي، مچ ڏسي مَ مُڙ
جيري جي جييءَ ۾ گهور ڏيئي تون گهڙ
پسڻ خاطر پرينءَ جي تيءُ پرزا متي پڙ
وحدت وٺي وڙ، آگ نہ ڏي عام کي.

(11)

عشق سدائين آڳ جو پتنگن ڪيو پسند
راهہ وٺي رند، ڪاٽا ڪوري وچ ۾.

(12)

پتنگن پند آهي اڳيئي آڳ جو
قربئون ڏيئي ڪنڌ، ڪاٽا ڪوري وچ ۾.

(13)

پتنگن پياس، آهي الستي آڳ جي
ڪيائون ڪونہ قياس، ڪاٺا ڪوري وچ ۾.

(14)

پتنگ پيار، آهي ازلي آڳ جو
لاهي مچ ميار، ڪاٺا ڪوري وچ ۾.

(15)

پتنگن پچار، آهي اصل آڳ جي
ڏيئي سر سچار، ڪاٺا ڪوري وچ ۾.

(16)

پتنگن پروڙ، آهي سدائين آڳ جي
منجهان ذوق ضرور، مڙي آيا مچ تي

(17)

پُري پتنگ آئيا، سورهيہ سرويچ
پختا اڙائي پيچ، اچي پيا آڳ ۾.

(18)

پتنگهن ڪان پري، بيحد باهہ پچي وڃي
ويسهہ ڪونہ ڪري، ان التيءَ ڳالهہ تي.

(19)

سر ڳوليان ڏڙ نہ لهان ڏڙ ڳوليان سر ناهہ سنيال
هٿ ڪَرايون آڱريون ويا ڪانهن ڪپجي ڪال
وحدت جي وصال، جي ويا سي وڍيا.

(20)

سر ڳوليان تہ ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڳوليان هڏ ناهي هيءُ
قلم قسمت جا ويا ذوقئون ڪپجي زيءُ
وحدت وڏو ويءُ، جن پيتو سي پُر تيا.

(21)

پاڻهي پسي پاڻ کي پاڻهي ربّ رحمان
پاڻهي پير مريد ڪري پاڻهي ملڪ منان
ڏري ڏس ڏيان، تہ منجهان تو معلوم ٿئي.

(22)

پاڻهي مالڪ ملڪ جو، پاڻهي بادشاهہ بحال
پاڻهي پير مريد ڪري پاڻهي سر سنيال
ڳُجهہ مڙيائي ڳال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

(23)

پاڻهي پسي پاڻ کي پاڻهي پاڻ مالڪ
پاڻهي خلقي خالق، پاڻ طالب تن جو.



سر يمن ڪلياڻ

داستان پنجون

(1)

عشق جي اسرار جي، پر ۾ ڪيائون پچار
آخر والعصر جو ڪيو عجيبن اظهار
تنهان پوءِ تيار، دانهيان تي ديدار لاءِ.

(2)

دانهين چو ديدار لاءِ، ڪرين چو نہ ديدار
بيادر تن مُردار، هيءُ در جَنِ ديکيو.

(3)

صحبت صالحن جي، آهي اندر اُجار
من مليو ماه ڪن جيئن، لاهي ڪٽ قلعي دار
تن وٽ سپ چمار، گذارجي گولو تي.

(4)

صحبت صالحن جي، آهي نالائقن نواز
ڪري عاشق آڳ جو، جهڙو بحري باز
شتابي شهباز، تي رسيو رحمان سين.

(5)

جو ئي راهون رد ڪري سوئي رهبر آهي رقيب
وَ تُعِزُّ مَنۡ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنۡ تَشَاءُ هلايو حبيب
هادي آهي حبيب، هميشہ هڪل ۾.

(6)

ترڪ ڪيائون ترڪ کي سگهو سچائي ساڻ
پرين پسايو پاڻ، پردا سپ پاسي ڪري.



(7)

ڪوڙئين قدرتون تنهجون باري بيشمار
لکڻ ليکو نہ ٿئي ڪري ڪونہ شمار
پرين تنهنجي پچار، چا پڌايان پين ڪي؟

(8)

سڌڙيا شراب جي، ڪن ڪوهہ پچار
ڪات ڪلالن ڪديا پچي تيا بيزار
پِڪ تني کي پيار، سر جني جا سٽ ۾.

(9)

عاشق اصل اڻ موٽ، وِهہُ ڏسي وهسن گهٽو
ڪڙي ڪيف ڪثير کي پِين پُر سدائين پالوٽ
لڳن لؤن "لشاري" چوي رکن روز رموٽ
توڙي چڪن چوٽ، تہ بہ آهہ نہ سلين عام کي.

(10)

عاشق تيا اُڻ جهل، وهہ ڏسي وهسن گهٽو
ڪڙي ۽ قاتل کي پين سدائين پل
لڳين لؤن "لشاري" چئي، جوش وهائين جل
درد منجهن دَل، انت نہ ڏين عام کي.

(11)

عاشق تيا اڻ ٿَرَ، وهہ ڏسي وهسن گهٽو
لڳين لَون "لشاري" چئي جوش وهائن جر
توڙي سڙن منجهہ سقر، تہ بہ آهہ نہ سلين عام کي.

(12)

عاشقن آسائش، ڪڏهن تان ڪانہ ڪئي
اندر ڪشمڪش، ويچارن واحد جي.

(13)

عاشق اوچي ذات، وهه ڏسي وهسن گهٽو
ڪڙي ڪيف ڪثير جي، ڪن وائي سدائين وات
رکيائون رحمان تي السّتي اعتقات*
پڙهيائون پريت مان رئڻ جي رڪعات
ٻُڌِن ڪين ٻانگ ڪي، نڪا جوڙ جماعت
چيو حق حِڪات*، ريڌا وتن رمز ۾.

(14)

محمّدي ميدان ۾، ٿي حيدر ڪيم هُل
ڪَٽي ڪوٽ ڪفر جا، قبضي ڪيم ڪل
آهيان پاڻ امل، هنيم نعرا حق جا.

(15)

محبت جي ميدان ۾ غازي ٿيا گڏ
عاشق اجل ڪي، ڪن سدائين سڏ
جيءُ جسم ۽ هڏ، رند اُڇلين راهه ۾

(16)

محبت جي ميدان ۾ نڪري ٿيءُ نروار
جهلي نيزا نينهن جا، عاشق ٿي اظهار
توڙي ڪن سنگسار، ته به ٻڌائج ڪين ٻين ڪي.

(17)

محبت جي ميدان ۾ ٿيءُ عاشق عملدار
جهلج نيزا نينهن جا ساري سپ چمار
توڙي ڪن قتل جي ڪار، ته به ٻڌائج ڪين ٻين ڪي.

*اعتقات (اعتقاد)، حِڪات (حڪايت)

(18)

محبت جي ميدان ۾ طالب ڇڏ سپ تانگ
چڙهه سوريءَ سپيريان جي لعل ورائي لانگ
ٻي ٻڌج نه ٻانگ، سواءِ هاديءَ هيڪڙي.

(19)

محبت جي ميدان ۾، وڃڻ وائي وات
وحدت جي وصال ۾ وڃي ٿيءُ وفات
لاهي سر "لشاري" چئي پڙهيا لؤن سباجهي لات
آهي اَڏي ۾ ڪات، سدائين سر عاشقن جي.

(20)

سدائين سر جي صادق سخا ڪن
لاهيو لحم لڱن تان، وڍيو ڏيهه ڏين
راضي روز ڪُسن، عاشق در الله جي.

(21)

محبت جي ميدان ۾ ڪر ڪسڻ جو ڪم
راضي انهي راهه ۾ قربئون ڏر قدم
ته دوست تو ڪان دم، پرين پاسي نه ٿيئي.

(22)

محبت جي ميدان ۾ عاشق ڪيو امارو
ڪاهي پيا ڪٽڪ ۾ وير ڪري وارو
نِت هٽي نعرو، آيا محبت جي ميدان ۾.

(23)

محبت جي ميدان ۾ عاشقن آچار
لڳين لئون "لشاري" چئي، ڪن پرينءَ جي پچار
توڙي سڙن سپ چمار ته به آهه نه سلن عام ڪي.

(24)

جنهن عاشق مٿي دم، سو دعويٰ نہ ڪري دوست جي
سائو منهن سونهن وٽي لڱن ناهي لحم
وڃائي سڀ وهم، مٿي سر سودا ڪري.

(25)

هئي هئي وَهي هُل، من ۾ محبوبن لاءِ
جيرا جوش جلايا ڪڙهي ويا ڪُل
عاشق ٿيا امل، ڏيئي سر سبيل ۾.

(26)

منهن ۾ موسيٰ جهڙو اندر ۾ عزازيل
ڏُوئيءَ جو دليل، ڪڏي ڪوهہ نہ ڇڏئين.

سر يمن ڪلياڻ
داستان ڇهون

(1)

عاشق ابليس، پيا سيئي سڙيا
منجهان خام خبيث، لعنتي لعل ٿيو.

(2)

قرآن جن جي قلب ۾، پوٿي ٿا پڙهن
سقر منجهہ سڙن، ٻَڏا جي ٻِن سان.

(3)

اوڏو نہ وڃ آءٌ ڪي، مون نہ رکج من
ڪنبي ڪجاڻ ڪَن، عاشق انهي اکر ڪي.

(4)

ٽُڙ جهلي ٿا هر ڪر ناحق ڏور مَ ڏار
لڱيئہ لڙهہ لاٽُن سان، اوڳا اٿئي آزار
سو ئي صاحب سار، جنهن ۾ عالم آسرو.

(5)

حبيبن هڪل، منجهان ئي مهر ڪئي
سا مون ياد پئي، ميثاقي من ۾.

(6)

منجهان مهر ڪئي، حبيبن هڪل
توڙئون جي توڪل، رهي آهي روح ۾.

(7)

سا ئي صورت”ح“ ڪِي، سا ئي صورت”ج“
اوپر نقطہ دور ڪرو تہ رَهي ”ح“ ڪي ”ح“

(8)
صوفي سير سين ۾، جيئن رڱن ۾ روح
محبت جي ميدان ۾ پسي سنجهه صبوح
توڙي لڳي لُوهه، تہ بہ انت نہ ڏجي عام کي.

(9)
صوفي سير سين ۾، جيئن جيءَ اندر جيرا
وِيهي ڪل وجود ۾ درس ڪري ديرا
صوفيءَ سويرا، اڏيا تڪيا تن ۾.

(10)
صوفي سير سين ۾ جيئن رڱن ۾ رت
پيو پسي پاڻ ۾ اٺئي پهر عبرت
جا ماڻهن منجهائي مت، سا سنئين سُهائي صوفئين.

(11)
صوفي سير سين ۾ جيئن جسي جا وار
وهي ڪل وجود ۾ ساري سپ چمار
پِريَنِ پسي پار، پڌائي ڪين پين کي.

(12)
من مڙهي تن حجرو ڪين چاليها ڏر
مُوۡتُوۡا قَبۡلَ اَنۡ تَمُوۡتُوۡ قلب سدائين ڪر
جيڏانهن ڪريان نظر، تيڏانهن صاحب سامهون.

(13)
تهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو
لَا مَقۡصُوۡدُ فِي الدَّارَيۡنِ اِلَّا هُوَ جانب سداءِ جي
وحدت جي ويءُ، جن پيتو سي پُر ٿيا.

(14)
من مڙهي تن طلب ڪيم چاليها رک
وحدت جي وصال جي چاش سدائين چک
جيڏانهن ڪريان اک، تيڏانهن سڄڻ سامهون.

(15)
هادي منهن جي حال جو، آهي شڪور شاهد
وسيلو واحد، ورتو راضي روز ميثاق جي.

(16)
قادر بنا پيو ڪم، ڪريان تان ڪافر ٿيان
دوست سدا منجهہ دم، راضي رکيم روح ۾.

(17)
طالب ڪٿر سونهن سر اِيءُ روميءَ جو رنگ
جَن ديکيو دنگ، تن بہ ڪُڇيو ڪين ڪي.

(18)
طالب ڪٿر سونهن سر ايءُ روميءَ جي رات
جن سڃاتي ذات، تن بہ ڪُڇيو ڪين ڪي.

(19)
اِجهي عاشق آيا، مدامي مئي پياڪ
ڏيئي سر سبيل ۾ چڙهيا بهادر بوراق
چوڏهن طبق چاق، لحظي ۾ لنگهي ويا.

(20)
اجهي عاشق آيا مئي پياڪ منير
ڏيئي سر سبيل ۾ صادق ٿيا سڌير
اٺئي پهر اُڪير، ڪوپن ڪي ڪلال جي.

(21)
اجهي عاشق آيا مئي پياڪ موالي
ڏيئي سر سبيل ۾ پيئن سُرڪ سنوالي
ڪوپا ڪلالي، گهمن مست ميدان ۾.

(22)
اجهي عاشق آيا، ڪوپا ڪيهر شينهن
وسائيندا وجود تي سندا محبت مينهن
پاٽي پياري نينهن، راول گڏيندا رڪ سين.
(23)
اجهي عاشق آيا ڪوپا ساهي ڪر
متان لاهي مر، راوت گڏيندا راز سين.
(24)
اجهي عاشق آيا ڪوپا ڪلالي
جوڙي جلالي، تيغون ڪندا تڪيون.
(25)
اجهي عاشق آيا ڪوپا ڪل ذات
هٽي سر روات، تيغون ڪندا تڪيون.
(26)
اجهي عاشق آيا صوبا صلحدار
ڪري آڳ تيار، تيغون ڪندا تڪيون.
(27)
اجهي عاشق آيا ڪوپا ڪلاوت
رڪ وجهي راوت، تيغون ڪندا تڪيون.
(28)
اجهي عاشق آيا ڪوپا ڪُل ڪامل
رڪ ڪري شامل، تيغان ڪندا تڪيون.
(29)
عشق نہ اهڙي بات جو جيئن ڪيڏن ڳيرو
سسي پاسي ڪات، اڇل تہ اڏ تئي.

(30)
عشق نہ اهڙي ڳال، جو سيڪو سڌ ڪري
ڪنڌ پاسي ڪلال، اڇل تہ ٻہ اڏ تئي.
(31)
لائق جنهن کي لقب ڏنو، خاوند خوب خواجا
رئيس تيو راجا، راضي روءِ زمين ۾.

﴿ڪافي﴾

من مثنوي، هڏ حافظ ديوان، لڳ عبداللطيف
روح راضي، چار ئي يڪ چولي، ٻول حق ٻولي.

توراة موسيٰ مثل مثنوي، زبور داؤد حافظ ديوان
انجيل عيسيٰ عبداللطيف، فرقان فرمان رحمان
راضي ڏس ڳجهہ اندر ڳولي، ٻول حق ٻولي

شاعر شمار ۾ چوڪا چار، مثنوي، حافظ ديوان
عاشق عبداللطيف، راضي رمز دار چار ئي يار
سڀ ڄمار ڄاڻي ربّ ستار خوب پڙهہ تون کولي
ٻول حق ٻولي، ٻول حق ٻولي

و نحن اقرب اليہ من حبل الوريد اظهار
انس جي اولي ٻول حق ٻولي ٻول حق ٻولي



وائي ڇيڙ جي

خاڪ ڪاوي خاڪ پيوي خاڪ هلي خاڪ چلي
خاڪ اوڍي خاڪ سوڍي خاڪ نيچي
خاڪ اوپر خاڪ ميرا خيال تيري ڏوڙ ۾ ڏمال
خاڪ چل خاڪ هل پاڪ پل متي
ميرا مال تيري ڏوڙ ۾ ڏمال.

تيري مورت تيرا حسن ميرا ڪلر ۾ ڪمال
تيري ڏوڙ ۾ ڏمال

خاڪ ٻولي خاڪ چولي خاڪ اُني خاڪ بيني
خاڪ آوي خاڪ جاوي خاڪ جهيڙي خاڪ ميڙي
سمهڻ ۾ سنڀال تيري ڏوڙ ۾ ڏمال

”راضي“ ديکا روز ازل ڪي اچا هي جانب ڪا جمال
تيري ڏوڙ ۾ ڏمال



سر سريراڳ
داستان پهريون

(1)

ڪِن ڪيڙي سير سمنڊ جي، ڪن ڪيو جبل تي جولان
ڪي عاشق ويا آسمان، تي چڙهي متي چوگان
جتي جاءِ نہ جنّ ملائڪ جي، آدم نہ انسان
اتي نظارو عاشقن جو ڪرايو ربّ رحمان
پسي هند هُماء جو هزارين ٿيا حيران
ڏري ڏس ڏيان، تہ پسڻ سڀ پچري ۾.

(2)

صاحب تنهنجي سڪ ۾ سمنڊ پيان سڀ
رازق چاڙهي ربّ تہ قلزم قوت نہ پائيان.

(3)

سهڪي سمنڊ سير تنبي ريءَ تري وجي
اَهُڪي جبل جهير، رت ڪڍي تي راهہ ۾.

(4)

جبل منهنجي جان ۾ سمنڊ منهنجو ساهہ
جتي شمس نہ ماهہ، اتي پسڻ ٿيو پرينءَ جو.

(5)

تن ۾ تئونس پرين جي رُئان رات و ڏينهن
قلزم پيان ڪيئن، سمنڊ سرڪي نہ ٿئي.

(6)

ٻيڙا پنهنجي ٻاجهه سين پيڙا ڪر پتار
صاحب ڪر ستار، سڀ اڪارين سير مان

(7)

ٻيڙا پنهنجي ٻاجهه سين ڪنڌي ڪر ڪريم
رازق ربّ رحيم، سڀ اڪارين سير مان.

(8)

سائين ڪي هر ساعت، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عالم ۾ متي تي ميوات
جن ڪي وحدت وائي وات، سي اڳهيا در الله جي.

(9)

سدائين ستّار، جاڳي جن ياد ڪيو
انهيءَ جي عالم ۾ متي تي موچار
ڏيهه ڏٺي ڏاتار، ڪيا سيئي سلامي تن جا.

(10)

اڳهيا در الله جي ساري سڀ چمار
ان جي عالم ۾ متي تي مروار
باريءَ بيشمار، ڪيا سيئي سلامي تن جا.

(11)

صاحب رات ساري، جاڳي جن ياد ڪيو
ان جي عالم ۾ متي تي موچاري
تني تي بيحد باري، لطف ڪيا "لشاري" چئي.

(12)

جيڪي منجهه جنسار، سو سڀ تاري تڳي تنهنجي
لطف تنهنجو "لشاري" چئي آهي باري بيشمار
عدل چتي نه عيبدار، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو

مروار=مرواريد، موتي

(13)

سيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪار
تحقيق تِي تسليم سان وهم ڪڍي ويچار
صاحب ربّ ستار، حاصل ڪري حاج تون

(14)

وَڪر سو وِهاءِ، جو وٽي اڳيان واحد ڪي
هيري لعَل جواهر جو سنو سات سنياءِ
روئي ربّ ريجهاءِ، ڪامل وڏي قرب سين.

(15)

وڪر بار و بار پر وِهائو ويسرا
ڪن وهائي وس ڪيو وڪر وڏيءَ وار
ڪن گهمندي هٽ بازار، وڪر اڳ وڪامي ويو.

(16)

اڳهائي ته اڳهامي ڏوڙ، نه ته اچي موٽ ماٽڪن ڪي
جي قبولي ڪوڙ، ته پدمنئون پري ٿئي

(17)

ڪٿوري اتي ڪول، جتي سوداگر سرهاڻ جا
ناحق رقم نه رول، ٻڌائي ٻين ڪي

(18)

هزارن ۾ هوندو ڪونه، لکن مان ليي ڪو لاچار
ارب پدم وجي ڳول هوندا ٻه نه ته چار.

(19)

ناڪئو نگهدار منجي معلم خبرون
تن ساري ڪنيو سمنڊ ۾ سفر جو سينگار
لطف سان "لشاري" چئي تڪ لنگهي ويا تار
سنيالي ستار، وجي عدنئان اُڪريا

سر سريراڳ
داستان پيون

(1)

آڏو تک وهي تار، منهنجي موج نہ سهي مڪڙي
ميڙي مَناين جي چاڙهيم ڪوڙئين ڪئين بار
لڪڻ ليڪو ناهہ ڪو مون ۾ عيب اپار
پسي مدايون منهنجون ٿيو شيطان شرمسار
پرور اڪارين اپار، ٻيڙا پنهنجي ٻاجهہ سين.

(2)

هڪڙي ٻانهي چت ۾ ٻي ڪري جبار
پاڻهي وجهي ڪُنَ ۾ پاڻهي اڪاري پار
صاحب ربّ ستار، ستڙ سيئي ڪري.

(3)

شيوا ڪر سمنڊ جي جت جر وهي ٿو جام
سوين وهن سير ۾ امل ماڻڪ عام
ماسو لَهن مدام، پوچارا پُر ٿيا.

(4)

پوچارا پُر ٿيا سمنڊ سوجهيائون
اونهي تنهن عميق مان امل آندائون
لعلون لڌائون، ملهہ مهانگو اُن جو.

(5)

ماڻڪ جت مدام، اتي چورن تڪيو
سريو تن سلام، جي امل اويائي آيا.

(6)

جتي ماڻڪن ميدان، اتي چورن تڪيو
سريو تن سامان، جي امل اويائي آيا.

(7)

سُتا اتي سنيال، ننڊ نہ گهرجي ايتري
تو جو ساڻيهہ پانيو سو مونجهارو محال
حقيقت جو حال، ننڊن ڪندي نہ ٿئي.

(8)

تن تسبيح من مڻيون، دل طنبورو ڏار
وحده لا شريڪ لہ رڪ تندن منجهہ تنوار
بنا سر سبحان جي، پيهي ڪر پچار
سمهڻ سپ چمار، ننڊ عبادت ان جي.

(9)

تن تسبيح من مڻيون دل طنبورو آهہ
فَاذڪُرُونِي اَذڪُرڪُم قربئون اتي ڪاهہ
تندون جي طلب جون وحدت سان وڄاءِ
سمهڻ جن ساڃاءِ، ننڊ عبادت اُن جي.

(10)

وڍيا گڏيا ٽڪين سين ڪي جو ٻوليو تن
ڪاٺ ڪريم ڪريم ڪري تندون تون هِين تون ڪن
سي ٽا رت رئن، ٽيئي گوندر گم ٿيا.

(11)

وڍيل وايون ڪري، ڪتل ڪئي ڪوڪار
توڙئون پيئي تن ۾، توحيد جي تنوار
پرين جي پچار، رهي آهي روح ۾.

(12)

جي جاڳيا سي ڀاڳيا، سُتا ٿيا سُڃا
اُهي ٿيا اُڃا، جن جو ناتو ننڊ سان.

(13)

جاڳڻ آهي جس، سمهڻ ناهہ سڀاڳ
ڀلو تن جو ڀاڳ، جن سدا سودو صاحب سين.

(14)

جاڳڻ آهہ جس، سمهڻ ناهہ سک
اندر جن عشق، تن ستيئي سبب ٿيو.

(15)

وهڻ وهہُ ٿيو سمهڻ سوري ڀانيان
اديون آَس نہ لاهيان، پسان مانَ پرين کي.

(16)

وِهڻ وهہ ٿيوم، سمهڻ ڀانيان سوري
ٿَي پوڄارن پوري، ٻيئي جن ڇڏيا.

(17)

سمهڻ سوري ڀانيان وِهڻ وهہ ٿيوم
جڏهن پرين ياد پيوم، تڏهن وريو ورق وصال جو.

(18)

وهڻ آهہ وصال، سمهڻ ناهہ سنڀال
حاصل تني حال، جني صحي سڃاتو سپرين.

(19)

سبحان تنهنجي صاحبي، عجب تو اسرار
پَنَ رکين پاتار ۾، پهڻ تارين تار
جي پرين اچين مون پار، تہ ميريائي ماڻُ لهان.

(20)

وٺي وجهہ وکر، وحدت جو وجود ۾
اڳيان سودو وٽي سچ جو صاحب آهہ سڌر
هلي کونہ حبيب سان وحدت ري مکر
مولا مور نہ لاهين مون تان قرب ڪکر
پرينءَ کي پَکُر، چڙهي ترهي توحيد جي.

(21)

ڀلي آئين تون منهنجا وَلها والي تون ور
الست کان اڳي گهوٽ ويٺين تون گهر
هادي پنهنجي هٿن سان ڏنئي پاڻ ڏٽي پاکر
تنهن جي پت رکي پرور، داور سدائين دارين ۾.

(22)

ٻيڙي ڏاري ٻاجهہ جي وحدت ونجهہ وهاءِ
لاڄو تنهنکي لطف جا پڳهہ پريت پهاءِ
سِڙهہ سونهڻ سک جا سامونڊي سنڀاءِ
مکڙي ماهو من ۾ دامن دُرس چکاءِ
مصري محبت جي ناتاري نينهن نماءِ
وجهي رس روح ۾ هنئين ساڻ هلاءِ
کري جملو جهاز جو رتي کين رهاءِ
چڙهي ترهي توکل جي مٿي کُنن کاهہ
اولا الفت جا کلمي قرب کماءِ
وحدت جي وير ۾ ”راضي“ وٺج راهہ
صدقو کري ساهہ، هل سامونڊي سبحان ڏي.

(23)

ماء ساموندي سنبھيا اتر ھليا عام
جھاز جاوي ڏي غوراب ھلائين گام
واريان وڻجارن کي کري سر قتلام
اَلتَّائِبُ مِنَ الذَّنْبِ كَمَنْ لَا ذَنْبَ لَهٗ جنبي ويا جام
جتي عميق انعام، اتي پھچڻ آھي پھت سين.

(24)

عشق اُپايس نينھن نپايس برھ کيس بحال
اسين الست کان اڳي ھئاسين ٿي كُنْ فَيَكُوْنَ کال
ھاديءَ جو حال، لکيو لعل لڳن ۾.

(25)

عشق ڏئي ارواح کي، سدائين ٿيو منجھ سکرات
پسڻ کارڻ پرين جي ڏسي ڏينھن نه رات
وحدت وائي وات، ”راضي“ کي رحمان جي.

سر سھڻي
داستان پھريون

(1)

وھ تک واھڙ تک جتي نينھن تک نرالي،
جن ساءُ چکيو سک جو سي وحدت وصالي
جن کي عشق عميق جو سي مست موالي
قادر آڻ قوالي، ھنيون جن ھٿ کيو.

(2)

کنڌيءَ کچون انڌي وچون تن لھي نه تار
صورت ساھڙ ڄام جي کيا ڏيل اندر ۾ ڏار
واھڙ تن وار، جن سنياران سپرين.

(3)

گھڙي گھڙو ھٿ کري سنياران ٿيو سڌ
جيءُ جٿو ۽ ھڏ، سھڻيءَ اچليو سير ۾.

(4)

گھڙي گھڙو ھٿ کري گھيڙ نه ڳولي گھٽ
کاھي پيئي کُنن ۾ سھڻي ڏيئي سٽ.

(5)

گھڙي گھڙو ھٿ کري سنيالي ستار
ملائين مھراڻ ۾، باري مون پتار
جاني مون جيار، اکارج عميق مان.

(6)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري سنڀالي سبحان
سڻيج سڏ سيگهہ ۾ "راضي" جا رحمان
باري تون برهان، اڪارج عميق مان.

(7)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري محبت رکي من
وڏائين وصال جي ڪوڪ پريان جي ڪن
تار اڇلايئين تن، ميثاقي ميهار ڏي.

(8)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري وچہ وسيو وڪيل
سڻين سڏ سيگهہ مان جَرَ ۾ سڀ جليل
جاني تون جميل، اڪارج احسان سان.

(9)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري رسج تون رشيد
سڻي سڏ سير ۾ شتابي شهيد
"راضي" ڪي روح ۾ رهيو محب مجيد
هادي تون حميد، اڪارج امن سين.

(10)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري گولي چئي غفور
سڻي سڏ سير ۾ شتابي شڪور
صاحب ربّ صبور، اڪارج احسان سين.

(11)

گهڙي گهڙو هٿ ڪري سڏيائين سلام
سڻي سڏ سير ۾ ڪريان جي ڪلام
اَجهو تيءُ عَلّام، سگهو رسج سپرين.

(12)

رازق روحن کي امر ڪيو عجيب
اَلَسۡتُ بِرَبِّكُمۡ هلايو حبيب
قَالُوۡا بَلٰى قريب، چيو "راضي" روز ميثاق جي.

(13)

رازق روحن تي رحم ڪيو رقيب
"راضي" ڪي روز ميثاق جي مرهيو ربّ مجيب
منهنجو نور نصيب، ڪيو قادر ڪُن ڪان اڳي قرب سين.

(14)

رازق روحن کي امر ڪيو الله
رباني راز جي سُڻي مون صلاح
رسيا سي فلاح، جن سڃاتو ساهڙ ڄام کي.

(15)

رازق روحن کي ڪيو خوش خدا
جن سڃاتو ساهڙ ڄام کي تن کان جانب ناهہ جدا
سچي سڏ پڌاءِ، احد جي اسرار جي.

(16)

اصل ارواحن جي، هئي جباري جوڙ
مالڪ جي ميدان ۾ خاڪي هئا ڪوڙ
"راضي" در رحمان جي ڪر سدائين سر جوڙ
ميهر پاتا موڙ، لتا ڏولائا ڏيهہ تان.

(17)

الست ارواحن جي ڪئي جوڙ جبار
هادي پنهنجي حڪمت سان ساهڙ ڪيو سردار
ميهر تيو مهندار، لتا ڏولائا ڏيهہ تان.

(18)

الست ارواحن کي توحيد جي تات
پسيائون پرينءَ کي جتي ڏينهن نکو رات
وحدت وائي وات، مونکي محب ميهار جي.

(19)

الست ارواحن کي توحيد جي تنوار
رات و ڏينهان راضي چئي ڪن پرين جي پچار
مونکي محب ميهار، سگهو رسج سپرين.

(20)

الست ارواحن کي توحيد هو تمام
فاذاڪروني اذڪر ڪم ساهڙ جا سلام
راضي روز ميثاق جي من ۾ موج مدام
التحيات لله وصلواة والطيبات پرين جا پيغام
مونکي ميهر ڄام، سگهو رسج سپرين.

(21)

الست ارواحن کي جاڳايو جلال
من ڪاڍو ميهار ڏي تي سهڻيءَ کي سنيال
وحدت جو وصال، نماڻيءَ کي نصيب ٿيو.

(22)

الست ارواحن کي فرمايو فائق
سهڻيءَ کي سڪ ساهڙ جي تي شتابي شائق
لشاري تي لائق، ڪياقادر ڪُن ڪان اڳي قرب سين.

سر سهڻي
داستان پيون

(1)

الست بربڪم جڏهن قادر وڏم ڪن
تڏهن قالو بلىٰ قرب سين تتي چيم تن
سي پلي وحدت منجھ وڃن، ميثاقان ميهار ڏي

(2)

الست بربڪم جڏهن قادر وڏم قلب
تڏهن قالو بلىٰ قرب سين تتي ڪيم طلب
سي هليا وڃن حلب، احد جي اسرار ۾

(3)

احد جي اسرار جي ڪل ٻڌايان ڪيئن؟
پرين مونکي پڙهايو جتي رات نکو ڏينهن
نماڻيءَ کي نينهن، هادي ڏنو هٿ سان.

(4)

احد جي اسرار جي ڪريان ڳالھ ڪيهي
تہ ٿيو مست ميهار لاءِ سرتيون سپيئي
سڪ نہ سمهو ڪڏهين رهو نہ ويهي
پرينءَ لاءِ پيهي، پسو هوند پاتار ۾.

(5)

اصل منهنجي انگ ۾ پرين لکيو هو پاتار
تنهن لاءِ تران تار، ڪاهيو پوان ڪُنن ۾.

(6)

الست احمد چام تي آندو مون ايمان
رازق روز ميثاق جي ڪيو غير گمان
ڪلمون، قرب، قرآن، هاديءَ ڏنو هٿ سان.

(7)

الست احمّد چام ڪي ڪيو مون قبول
بيشڪ تون باريءَ جو آهين رحماني رسول
هاديءَ پنهنجي هٿ سان مولا ڪَيُئہ قبول
متان ٿيو ملول، سرور آئي سڪ تيا.

(8)

الست احمّد چام تي رکيم شوق شتاب
طالب المولىٰ مذڪرٌ مليو خوب خطاب
رازق روز ميثاق ڪيا مونکي حرف حساب
منهنجو قلب ڪتاب، هادي ڪيو هٿ سان.

(9)

الست احمّد چام ڪي ڪيو مون منظور
من ڪاڍو ميهار ڏي پيم پرين جو پور
ڏک مڙيئي ڏور، موليٰ ڪٽي معاف ڪيا.

(10)

الست احمد چام ڪي سڃاتم صحي
مدائي من جي پري وڃي پئي
وتان مون وئي، اڄڻ سان عجيب جي.

(11)

الست احمّد چام تي آندم اعتبار
رازق روز ميثاق جي عجيب ڪيا اسرار
موليٰ مونکي معاف ڪئي محشر جي ميار
عين سدائين الفت جا ڪٽي نيڻ نهار
احمّد اکين ٺار، رهيو آهي روح ۾.

(12)

الست ارواحن ڪي جڏهن جاڳايو جبار
تڏهن من ڪاڍو ميهار ڏي تي سُهڻي ڪي سنيار
ڪوڙين در ڪريم جي نميا لک هزار
پدمن ڪي پرينءَ جي هئي طلب اندر ۾ تار
رازق سين روحن ڪي ذات ڏني ڏاتار
ڪلمي جي آڌار، سڀ لنگهندا سير مان.

(13)

سهڻو سيني ۾، نور نبي نروار
احمّد چام اظهار، هٽي ڏک حُسن جا

(14)

سهڻو سيني ۾ نور نبي نجيب
احمد چام عجيب، هٽي نعرا حق جا

(15)

سونهارو سيني ۾ نور نبي نشان
احمّد جهڙو انسان، پيو ڏنم ڪونہ ڏيهہ ۾

(16)

سهڻو سيني ۾ نبي نور نسنگ
احمّد چام اڙٻنگ، هٽي نعرا حق جا

(17)

سهڻو سيني ۾ نور نبي نيڪ
احمّد ڄام ايڪ، پيو ڏٺم ڪونه ڏيهه ۾.

(18)

ڪڍيا جي ڪنيار سي چٽ ڏسي چري ٿي
سُپڪ پانيو سهڻيءَ جوين جو جنسار
درياءُ ڏُو پار، لحظي منجهه لنگهي پيئي.

(19)

وجي ڪُن ڪپيندي سهڻي منجهان سير
مونکي ميهر مير، اڪارج امن سين.

(20)

سِرجندي سعيو، منهنجو من ميهار ڏي
روح اندر رايو، سدا ساهڙ ڄام جو.

(21)

سِرجندي سانپارو، منهنجو من ميهار ڏي
اُڪاريندم اوپارو، ساهڙ ڄام سير مان.

سر سهڻي
داستان ٽيون

(1)

ساهڙ جا سامان اڻ لِکيا اڳي هئا
ڪُنْ فَيَڪُوْنَ کانه هئي، نڪو اپ آسمان
بنيو هو نه بت ۾ اڃا ڪو انسان
ميثاقان مهند هئي عشق جي آذان
ريجهي سان رحمٰن، لاتائين لئون ”لشاري“ چئي.

(2)

ساهڙ جي سڄاڻ مون اڻ ڏٺي اڳي هئي
ڪُنْ فَيَڪُوْنَ کانه هئي نڪا ڪُنن ڪاڻ
نڪو جنّ جهان ۾ نڪو پسڻ پاڻ
نڪي ڪانهن ڪنڌين ۾ نڪي پولين پاڻ
ريجهي روح رهاڻ، ڪيم محب ميهار سان.

(3)

جان جان هئي جيئري ويني تان نه وري
ويئي منڌ مري، ميثاقان ميهار ڏي.

(4)

جيسين هئي جڳ ۾ تيسين هئي اداس
لڙهي لهرين پاس، ميثاقان ميهار ڏي.

(5)

جان جان هئي جيئري تيسين آيس نه آرام
لڙهي لهرين لام، ميثاقان ميهار ڏي.

(6)

جان جان هئي جيئري ويني نه هڪ وار
لڙهي لهرين پار، مُيائي ميهار ڏي.

(7)

سائر ٻوڙي سهڻي ڍنڍ نه ڪي ڍوري
گهڙي سر گهوري، ميشاقان ميهار ڏي.

(8)

واهڙ آسائتيون نه ٻوڙ، تو پڻ ليکو ڏيٺو
سدا سانوڻ ڏينهڙا ڪين هلندءِ توڙ
وِهاٽيءَ ولوڙ، پونديئِه پرين جي.

(9)

واهڙ وَهين مَ تار سڪي ٻيٺاري ٿئين
ڏسان تنهنجي ڏيل ۾ جگر جمون ڄار
ڪُنن ۾ ڪنوار، تو آسائتي ٻوڙي.

(10)

ڪُوڙيون قِرن ڪپرين سچيون گهيڙ نه پچن گهار
عشق جني جو آر، تن ڪي ندي ناهه نگاهه ۾.

(11)

صحبت ساهڙ ڄام جي جن پرتئون ڪئي پِرِيات
سي ويون سٺينديون سيرمان رميون ڏينهن رات
ڪُهي وڌيون ڪات، محبتي ميهار جي.

(12)

محبت محب ميهار جي جن ڏني پهرئين ڏينهن
سڪ نه ستيون ڪڏهين ڪانڌ پاسي ڪيئن
نائي وڌيون نينهن، مدامي ميهار جي.

(13)

مورت محب ميهار، جي ڏسو منجهه ڏيل
سڪ نه سمهو ڪڏهين ڪانڌن پاس قليل
اولانيي عشق جي اندر ڪيو عليل
دوست جو دليل، ڪاهي ڏسو ڪُنن ۾.

(14)

صورت ساهڙ ڄام جي ڏسو جي ٻيهار
هوند ترسو ڪين تار ڪان، هلي ڇنو هار
ساڙيو سڀ سينگار، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

(15)

صورت ساهڙ ڄام جي جن ڪي ڏيکاري ڏاتار
سڪ نه ستيون ڪڏهن ٿيون بدن ڪان بيزار
پرين جي پچار، ڪنديون ويون ڪُنن سان.

(16)

صورت ساهڙ ڄام جي ڏسو جي ٿيهار
ته سڪ نه سمهو ڪڏهين سرتيون سڀ ڄمار
هوند پرينءَ جي پار، ڪاهي پئو ڪُنن ۾.

(17)

صورت ساهڙ ڄام جي چلي ڏسو چوڌار
ميهر پانيو من ۾ دوست ناهي ڌار
هوند ڪسڻ جي ڪار، ڪريو ڪل ڪُنن ۾.

(18)

صورت ساهڙ ڄام جي جيڏيون پسو جام
ته سڪ نه سمهو ڪڏهن طلب نه رکو طعام
ڪاري پانيو قيام، ڪاهي پئو ڪُنن ۾.

(19)
صورت ساهڙ ڇام جي جيڏيون پسو جال
تہ سک نہ سمهو ڪڏهن ڪُسو وٺ ڪلال
سوريءَ مٿي سال، هٿو نعرا حق جا.

(20)
سدا ساهڙ ڇام جو ڏنو جن جمال
سي سک نہ ستيون ڪڏهين ڪُنيون ڪُل ڪمال
حسن ڪيون حلال، سرتيون سيئي سير ۾.

(21)
صورت ساهڙ ڇام، جي سرتيون پسو سي
وساريو هوند وجود کي ڇئو راتيان ڏينهان رب
لالچ ڇڏي لب، ڪاهي پئو ڪُنن ۾.

(22)
لهرن لک هزار پاٽيءَ پسڻ هڪڙو
تانگهہ نہ لڏي تارئين ڪلي خبر چار
مئي مٿي مهران جا واري ڇڏ ويچار
ترڻ جي تنوار، لاهہ تہ لالڻ لڳ تئين.

(23)
لهرن لڪين لڙ، پاٽيءَ پسڻ هڪڙو
مهراڻ ڏسي نہ مڙ، ڪاهي پئو ڪنن ۾.

(24)
جي گهڙيا سي چڙهيا انهيءَ ۾ آهي
مئي مٿي مهراڻ ۾ ڪُڏي پئو ڪاهي
تہ موليٰ ميهار ملائي، سنيوڙو سيٽاهہ سين.

(25)
ساهڙ ڏاران سهڻي اهي ضعيف زوال
ڏم پاسي ڏڪندو مُنڌ ميهر وٺ متوال
ڪري قرب ڪمال، پسي منهن پرينءَ جو.

(26)
هاري حق سڃاڻ سنياران ساهڙ جو
فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ پرين چيو پاڻ
لنگهي منڌ مهراڻ، پسي منهن ميهار جو.

(27)
هاري حق سنيال سنياران ساهڙ جو
خواب خيال خطرا تن کي ڪر زوال
لائق پسين لعل، جنهن لاءِ جفائون ڪرين.

(28)
هاري حق سنيار، سنياران ساهڙ جو
خام خيال خطرا وهلا سي وسار
تہ ترت لنگهي تار، پسين منهن ميهار جو.

سر سهڻي
داستان چوٿون

(1)

ساهڙ سڪيءَ ۾ ساڻي ٿئي، ڪري بحر منجھ ٻلو
سنڌو ڏوڙ دلو، تار ترندو ڪيترو؟

(2)

اڪيون منهن ميهار ڏي، جن خوب رکيون ڪوڙي
ٻنا سنڌ سير ۾، چوهه گهڙن چوڙي
تني ڪي موڙي، سائر سگهندو ڪينڪي.

(3)

ڪُنْ فَيَڪُوْنَ ڪان هئي نڪو جم نه ڄاڻ
طَالِبُ المَولىٰ مُذَكَّرٌ رهي تن اندر ۾ تاڻ
مونکي پرين پاڻ، سبق پڙهايو سڪ جو.

(4)

ڪُنْ فَيَڪُوْنَ ڪانه هئي لَحَمُ نڪا لِڪَ
سهڻيءَ کي سڪ، هئي ميثاقان ميهار جي.

(5)

هڪ ڪاري رات ٻيو ڪچو گهڙو ٽيون بادل چوٿون بحر
ڪاهي پيئي ڪست مان پنجون لُڙ گهڻو لهر
جهان وٺ سٽ واهڙ ڪي ستان ڪُن قهر
اتين موج مهراڻ جي نائين پسجي نه پهر
اتي وسيلو ٿي واهر، ساهڙ ساڻي سير ۾.

(6)

هڪ ڪاري رات ٻيا ڪچئون ٽيون سارنگ سيارو
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ جتي پاڻي سپ پارو
پرين پيارو، ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(7)

هڪ ڪاري رات ٻيا ڪچئون ٽيون مرن جو مارو
سيسر اچن سيگهه مان واڳون ڪن وارو
ٻلهڻيون ٻروچ چئي ڏين ڏورون ڏيڪارو
ساهڙ سويارو، ساڻي ٿيندم سير ۾.

(8)

ڪاري رات ڪچئون گهٽا وسڻ جو وارو
تن اچلايائين تار ۾ ساهڙ لاءِ سارو
ميهر موچارو، ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(9)

هڪ ڪاري رات ٻيو ڪچو گهڙو ٽيون بادل ڪري نه بس
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ جتي لُڙ وهي لس
سهڻيءَ کي سَسُ، پلي پليندي ڪيترو؟

(10)

ڪاري رات ڪچئون گهٽا، مٿان مينگهه ملار
ڪاهي پئي ڪُنن ۾ جتان ابتا ڪري آر
سهڻيءَ کي سنيار، هئي مرندي محب ميهار جي.

(11)

ڪاري رات ڪچو گهڙو مٿان بادل برس
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ جتي سيسر سرّس
ڪري ڪين ترس، وڃي سٽيندي سير مان.

(12)
ڪاري رات ڪُن گهٽا ڪپر تو ڪاهي
آٽيو سيٽاهن ڪي، لهرين منجهه لاهي
هيءَ عورت در الله جي آسائتي آهي
هڪ ميهر نہ منجهائي، تہ ڇا ڪندا دور درياءَ جا؟

(13)
ڪڙ ڪڙ ڪُن مَر ڪاهہ، ڪين مُڙندي سهڻي
ميندين مان مِهار جي ڏوئي لاهيندي سس ڏاء
صدقي ڪنديس ساهہ، ساهڙ اڳيان سير ۾.

(14)
ڪاري رات ڪُن گهٽا جتي گهورون ڏين گهوڙا
سوين سيٽاهيا سير ۾ ويا ڳاڙيندي ڳوڙها
جن کي محبتي مُوڙها، تن کي ندي ناهہ نگاهہ ۾.

(15)
ڏَڙَ ٻَڙَ ڏومر درياهہ ۾ جتي هيبت ناڪ هلن
سيسر واڳون سير ۾ چوڏاري چلن
مَهندان تيو ملن، سنيها ساهڙ ڇام جا.

(16)
دڙ ٻڙ دَونس درياهہ جي جتي جر واڳون جال
جنهن کي محبت محب ميهار جي سا قربئون کهي ڪال
ساهڙ لهہ سنيال، سهڻيءَ جي سير ۾.

(17)
دڙ ٻڙ ڏومر درياهہ ۾ جتي جر واڳون جام
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ جنهن کي طلب تمام
ساهڙ جهل تون سام، سهڻيءَ جي سير ۾.

(18)
ڏُنڌوڪار درياهہ ۾ جتي دولهہ جي ڏمال
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ نڊر ڪري نال
ڪامي ويا خيال، ساهڙ ڏاران سهڻيءَ جا.

(19)
ڏنڌونڪار درياهہ ۾ جتي هيبت وڏو هول
ڪاهي پيئي ڪنن ۾ جتي جر گهٽو جهول
ٻَڌو مون ٻول، ميثاقي ميهار سان.

(20)
ڏنڌونڪار درياهہ ۾ جتي هُل سُجي هيبت
گهِڙو گهَڙي ڪان اڳي ڪري ڪانہ ڪَٿ
پرور تون پسائين سندي ساهڙ سَٿ
هادي ڏيئي هٿ، اونهي مان اُڪارئين.

(21)
ڏنڌونڪار درياهہ ۾ هت هيبت وڏو هُل
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ جتان جر وهي جهل
محبت ڪونهي مُل، ستيان تي سر سير ۾.

(22)
ٻارهن ڪُن ٻتيهہ تڙ مڙيئي تار
عشق جني جو آر، پتڻ سي نہ پڇنديون.

(23)
ٻارهن ڪُن ٻتيهہ، تڙ تڙ متي تات
عشق جني جي بات، تن کي ندي ناهہ نگاهہ ۾.

(24)
ٻارهن ڪن ٻتيهہ تڙ، تڙ تڙ، متي تند
عشق جني جو پنڌ، ٻجهان سي نہ ٻڏنديون.

سر سهڻي
داستان پنجون

(1)

هڪ چڙن چت چريو ڪيو، ڀيو اڇي نہ آرام
سارياں ساهڙ ڄام کي سرتيون صبح شام،
ڪاري پانيان قيام، جي ڏسان نہ منهن ميهار جو.

(2)

هڪ چڙن چت چريو ڪيو ڀيو لڳيم لڪئي جي لار
سارياں ساهڙ ڄام کي سرتيون سڀ ڄمار
دوست بنا دلدار، وهڻ مون وهہ ٿيو.

(3)

چڙي ڪئي چونگار، منهنجو من ميهار ڏي
ڪاهي پيئي ڪُن ۾ وئي پريان جي پار
تانگهو توڙي تار، سهڻي پانئي نہ سير ۾.

(4)

چڙا تو ۾ تات، ڪتان پيئي پرينءَ جي
”ڏيئي منهن مچ ۾ ڪيي لوهارن لات
هڪڙي مار متركن جي ڀيا قهري وهيا ڪات
تنهان پوءِ وائي وات، پيئي مون پرين جي“.

(5)

چڙا تو ۾ وائي، ڪتان پيئي پرين جي
”رکي سر سنداڻ تي لون لهارن لائي
ڏيئي منهن مچ ۾ دل تنور تپائي
تهان پوءِ سڪ سوائي، پيئي مون پرين جي“.

(6)

چڙا تو ۾ ٻولي ڪتان پيئي پرينءَ جي
”رکي سر ساندان تي ڏني لوهارن لولي
ڪوري دل ڪولي پوءِ مون پرينءَ ڏي“.

(7)

چڙن چوري آهيان، ڪيئن سک تي سمهان هاڻ
سرتيون ساهڙ ڄام جي ڪيم رات و ڏينهن رهاڻ
ميهار مرڻ ساڻ، نِيرَ پاتم نينهن جو

(8)

چڙن چوري آهيان، ڪيئن سک تي سمهان سال
سارياں ساهڙ ڄام کي جر ۾ وجيو جال
منهنجو من متوال، ڪيو ميهر روز ميثاق جي

(9)

ڪَرڪِئي ڪيو خوشحال مونکي ميهر ڄام جي
ميثاقان من ۾ تيم ساهڙ جي سنيال
الست جا احوال، رهيا اتم روح ۾

(10)

هُن پر سُيم هاڪار، سُتي سانيرن جي
ٻيلي ٻنهي ڪنڌئين ڪيم نت نهار
ميهر مون مهندار، ماٺهن ليکي مهٽو

(11)

هُن پر سُيم هونگار، سُتي سانيرن جي
ٻيلي ٻنهي ڪنڌئين تن لڳي مون تار
ساهڙ مو سردار، مُلن ليکي مهٽو

(12)
ڪچا رَچ ڪنيار جا ڪچي نهائين ڪل
مئي متي مهراڻ ۾، اچن هانگاما هُل
باري لاهين پُل، تہ ملان ميهر چام ڪي.
(13)
ڪچي ڪٽ نہ جهليو پيلو ٿيو بيزار
لٿي لهريون ويئون چُري سپ چوڏار
هنئين منجه هزار، ٻوليون ملڪ الموت جون.
(14)
سيئي سٽڙ ڪرين، ڪونہ منجهائين پار
سوکي ڪج سچا ڏٽي، قبر سندي ڪار
پرين تنهن جو پار، ولهيون ڊِڪڻ وِلها.
(15)
پيتائين پريم جي، ميهاران ملار
تنهن مُنڌ مستان ڪئي، جيئن وسي بوند بهار
ساري سپ چمار، نينهن نهوڙي سهڻي.
(16)
گهَڙن واريون تڙن تي، گهڙن بيشمار
سپ ڪا چئي آئون سهڻي، پئيِ پريان لَئہ پاتار
تن جني جي تار، سي پاڻهي ٿينديون پڌريون.
(17)
گهڙن واريون تڙن تي گهڙن لک هزار
سيڪا چئي آئون سهڻي پئي پريان جي پار
دوست جي دربار، سُيان سپ سُڃاپبيون.

(18)
ٻيٽ، نہ ٻيڙو، نڪا دنگي درياهہ ۾
ڪَير اچي ڪُن مان ڪري پر ڪنڌيءَ ٻيڙو
ميهر ڪج ميڙو، سهڻيءَ سان سير ۾.
(19)
ديواني درياهہ ۾ پرجهي پائج پير
ويتو اتئي وير ۾ واڳون وجهيو وير
ڪي داناءَ مرد دلير، مانجهي مارين مڇ ڪي.
(20)
تو جي بيت پانئيا سي آيتون الاهي
لَئون تني لائي، پريان سندي پار ڏي.
(21)
اُتي آئي اڌ رات جو ڪاهي پر ڪپر.
ملڻ ڪاڻ ميهار جي ڪيا ويچاريءَ ور،
خواهش جي خمار ۾ پيس ڪانہ خبر،
سَسُ آندو ساڙ ڪان ڪچو تانءُ ڪنير،
جڏهن پڄي ويس پر، تڏهن ٻاڪاريندي ٻڏي ويئي.
(22)
چڪڻ چڙهي تار تري آيون متي پاڻ
سٽي سڏ سنگهار جا ڪنديون روح رهاڻ
مينهون ميهر ساڻ، پرچي پار لنگهنديون.
(23)
چڪڻ چڙهي تار تري آيون منجه ميدان
سٽي سڏ ميهار جا ڪنديون درس ڏيان
مينهون ساڻ امان، پرجهي پار لنگهنديون.



(24)

چڪڻ چڙهي تار تري آيون مٿي سير
سٽي سڏ ميهار جا، تين ساهه سڌير
جن سان ميهر مير، سي پُرجهي پار لنگهنديون.

(25)

چڪڻ چڙهي تار تري ايون منجهه درياهه
سٽي سڏ ساهڙ جا سَرهو تين ساهه
جن سان وسيلو واهه، سي پُرجهي پار لنگهنديون.

(26)

چڪڻ چڙهي تار تري ايون مٿي مڏ
کوڙئين ڪر ڪٽنديون سٽي ساهڙ سڏ
مينهون ميهر گڏ، پرجهي پار لنگهنديون.

(27)

چاهڪ چري تار تري چڙهيون مٿي چوٽ
سٽي سڏ ميهار جا ڪنديون پر پالوٽ
ڪُل ڪلمي جي ڪوٽ، پرجهي پار لنگهنديون.

(28)

اُٿئي ويٺي تار سرتيون ساهڙ چام جي،
ڪاهي پيئي ڪُنن ۾ تار نه جهلي تار،
تَن سدائين تار، مونکي مُحب ميهار جي.



وائي

ڪيو مست محبوبن جي ديدار مونکي
وسري نماز، نه ياد ڪم ڪار مونکي

علم عقل عشق وڃايو،
ناهي هڪ حرف هوشيار مونکي
نه ڪا ڪاڻ قاضين جي
وسريا حڪم هموار مونکي
نينهن نيڻن جي نايو
ڪيو برهه بي اختيار مونکي
راضي روز ازل کان
رهي سڪ سپ ڄمار مونکي.



سر سارنگ

(1)
اکين آگم لائيا، بادل ڪئي برسات
بوندون بس نہ ڪن رَمن ڏينهان رات
وسڻ وائي وات، سارنگ جي سرير ۾.

(2)
سارنگ ڪنان سرس، آهي آب اکين ۾
ڪري ڪانہ ترس، وسي روز وجود ۾.

(3)
عشق جي آب جي سارنگ ناهہ سنيال
منجهان اکين آل، وسن روز رتول ۾.

(4)
نت نينهن وسائي مينهن، اکين منجهان آب جا
جيڪي حياتي ڏينهن، بادل وسي بس نہ ڪئي.

(5)
وسڻ اکين جيئن، جي سکين مينگهہ ملار
تہ سارنگ سپ چمار، بادل وسي بس نہ ڪرين.

(6)
نت نينهن وسائي نار، اکين منجهان آب جا
سرتيون سپ چمار بادل وسي بس نہ ڪئي.

(7)
عشق وسائي آب جا، منجهان نيڻن نير
اندر منجه اکير، سدا سانوڻ مينهن جي.



(8)
پڌيون پاهڙ مير تي، واحد ڪر وسون
قادر لاهہ ڪسون، هادي هر جهان جون.

(9)
جنبي جيسلمير تي، صاحب ڪيو سُڪار
ڏاتر نيو ڏڪار، هاديءَ هر جهان تان.

(10)
سوين ٿين سڪار، تہ بہ ڏڪيءَ ڏڪار نہ لهي
جي اڇي سچ ڪاپار، تہ بہ انڌي اوندهہ نہ لهي.

(11)
دغا جن جي دل ۾ تن لاءِ ڏهاڙي ڏڪار
توڙي لڳي پيسي خرار، تہ بہ بک نہ لهي بي ايمان جي.

(12)
محبت جن جي من ۾ تن لاءِ سدائين سڪار
توڙي نہ وسي سپ چمار، تہ بہ الڪو نہ ٿئي عاشقن کي

(13)
مدامي مينهن، عاشق وسائين اکين مان
جن کي رات و ڏينهن، محبوب ئي من ۾.

(14)
ڊٿ ڊُري پٽ پيئون، ويون جنبي جيسلمير
سارنگ اڄ سوير، عالم ڪل آباد ڪيو.



(15)

اج پــڻ اتــر پــار ڏي ڪــڪــر ڪــئــي ڪــٽ
وچــون وســڻ آيــون گــوڙيــون نــہ آهــن گــهــٽ
ڪي چڙهي ويون چين تي ڪي ڊُريون مٿي ڏٽ
ڪي رمي ويون روم تي ڪنوٽيون ڪري ڪٽ
ڪي اتيون عرب پار ڪان وچون ڪٽي وٽ
ڪي آيون اپرندي ڪان جولان ڪري جهٽ
ڪــي ڳِــڙن گــرنــار ۾ لاهــي لڳــن لــٽ
والــي ســپ وســايــا پــرور مــڙئــي پــٽ
ويو ڏڪار ڏيهہ مان، تيون مانداٽيون مٽ
ڪئين قدرتون ڪريم جون نٿو چاڻي چٽ
پسڻ ڪارڻ پرين جي سيئي سانگا سٽ
ڪر عاجزي در الله جي جيئن باهي بينو پٽ
راضي انهيءَ راهہ ڪان هرگز تون نہ هٽ
سارنگ وسي سوايو مٿي اندر منجهہ اپٽ
چپر وسائي چٽ، لڙي ويئون لاهوت ڏي.

(16)

اج پــڻ اتــر پــار ڏي وچــون تــيــون وســن
ڪي چڙهي ويئون چين تي ڪي مٿي ڏٽ ڏرن
ڪي هليون حلب ڏي ڪي مٿي روم رمن
ڪي آيون عرب پار ڪان ڪي پورب منجهہ پرن
ڪي مڙيون مشرق پار ڏي ڪي گرنار گڙن
واليءَ ســپ وســايــا ســنــدا ڏيــهــہ ڏِســيــن
راضيءَ ڪي راهہ ۾ مان پهچايو پرين
اچي اوهيرن، عالم ڪل آباد ڪيو.



(17)

اج پڻ رسيلا رخسار بادل ڪديا برجن سين
سارنگيون ساز سرندا وڄيا چنگ ٻنگ چوڌار
تيو سارنگ سپ چمار، جانب آيو جوءِ ۾.

(18)

جــانــب آيــو جــوءِ ۾ رتــا رنــگ رتــول
وجهي رحمت روءِ زمين تي ڏاتر ڪديا ڏول
اج پڻ منهنجي ڍول ، عالم ڪل آباد ڪيو.

(19)

مــوتــي مــانــداٽــن جــي پــري ڪــيــائــيــن پــال
مــيــنــهــون پــاڻ مــراديــون لــنــب چــرن لــعــل
ڪچي پاسي ڪنڌيون چاهڪ چرن چال
پوچاڙيءَ جو پَٽن تي موجون ڪري مال
ڏاتــر ڏيــهــہ مــان، قــادر ڪــديــو ڪــال
پنجن مان پندرهن ٿيا جي مليا تي محال
تــي بــهــاري بــاغــن ۾ گــلــن ڪــيــا گــلال
گهٽي محبت ماڻهن ۾، ڪسي ويا ڪلال
رحمان تنهن ”راضي“ جو صاحب اونايو سوال
پســڻ لاءِ پــريــنءَ جــي ســويــن ٿــيــا ســال
هنڌين ماڳين هر ڪنهن ڪي، ٿيو واحد جو وصال
سارنگ وسي سوايو، ڪيو نطارو نهال
ڪئين ميواتون ملڪ ۾ جانب ڪيون جال
هادي هر ڪنهن جاءِ تي، ڪئي سڪن جي سنيال
جوڙي ربّ جلال، عالم ڪل آباد ڪيو.



(20)

موتي مانداڻن جي، وري ڪيائين وس،
واحد وڏائي ڪيا گاهه متي گس،
ويو ڏڪار ڏيهه مان ٿيون رهاڻيون رس،
پنجن مان پندرهن ٿيون جي مليون تي مس،
ڪئين قدرتون ڪريم جون پينار سدائين پس،
رحمان "راضي" ڪي جبار ڪري جس،
مون ڪان خيال خبيث جا، خاوند سيئي ڪس،
موليٰ منهنجي مدعي کي دور نيئي دس،
ٻانهي در ڏڻيءَ جي هميشه تون نه هس،
سارنگ وسي سوايو، بادل ڪري نه بس،
وجهي رحمت روءِ زمين تي چڱي ڪيائين چس،
سڪا وڻ ساوا ٿيا، قلبن لٿي ڪس،
ڏاتار تنهن جي ڏس، عالم ڪل آباد ڪيو.

(21)

اُتران تي آئيو، ڪري هڪل هونگار
پري تل ترايون جوڙي هليو جنسار
اچي روبڪار، اُتو روضي پاس رسول جي.

(22)

مند تي مندل وچيا گگن ڪئي گوڙ
وٺا مينهن وڏڦڙا صاحب لاتي سوڙ
هارين هر سنياپا تي جڪ وڏي جوڙ
الله انن جا خاوند ڪيا ڪوڙ
ويو ڏرت ڏيهه مان موليٰ ڏنيس موڙ
سي طالب رسيا توڙ، جن جو عشق الله سان.



سر ڪيڏارو

داستان پهريون

(1)

ڏنو محرم ڏينهن سونچو شهزادن ٿيو
سيّد وسايو سر تي سندو ماتم مينهن
يُجَاهِدُوْنَ فِي سَبِيْلِ الله حسين هليو هينئن
نئون لائي نينهن، قربئون ڪربلا ۾.

(2)

ڏنو محرم وار، سونچو شهزادن ٿيو
سيّد ڪنيو سر تي سورن جو سينگار
عاشق تي اظهار، ڪامل ڪنو ڪربلا ۾.

(3)

ڏنو محرم روز، سونچو شهزادن ٿيو
سيّد وسايو سر تي سندو سورن سوز
عاشق پڙهي اَعُوذُ، مرڪي مور شهيد ٿيو.

(4)

سختي شهادت جي نسورو ئي نور
هادي حسين کي پلي ڪيو پرپور
ڏک مڙيئي ڏور، موليٰ ڪٽي معاف ڪيا.

(5)

سختي شهادت جي هئي ماڪيءَ کان ٻه مٺي
امامن ڏينهن ازل جي، ڏوران ئي ڏٺي
چڱي تن چٽي، جن ڏنا سر سبيل ۾.

(6)

سختي شهادت جي مڙوئي ملير
ذرو ناهه يزيد کي عشق جو اڪثير
توڙئون هٽي تقدير، جا آئي امامن تي.

(7)

شهيدن جي شوق ۾ هميشه هَنجهون هار
فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيلًا وَّ الْيَبْكُوْا كَثِيْرًا وسائج سارنگ سپ چمار
هَئي حسين هر وار، "راضي" رکج روح ۾.

(8)

ڪوپا قلعي کوڙيا، راوت ۽ رڻ مل
وجي وڙهيا ويرين سين ڪري هونگ هڪل
مانجهي سي ئي مل، مرڪي مور شهيد ٿيا.

(9)

حسن مير حسين لاءِ رنو جڳ جهان
مَلڪن ماتم ڪيو اُڀ رُنا آسمان
هميشه حشر ۾ عاشقن ڪيو ارمان
وڻ ٽڻ ورونهيا مرون ٿيا مستان
صاحب ربّ سبحان، پاڻ وٽنديون جو ڪري.

(10)

حسن مير حسين لاءِ رُنا بادل بيشمار
عاشقن آب وهائيو ساري سپ چمار
ٿيو زلزلو زمين تي رئڻ زار و زار
ڪُلُ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَّ يُبْقَا قادر ربّ قهار
مَلڪن ماتم ڪيا عرشن پئي اوچنگار
رندن رت وهائيو عارفن اظهار
ڏيهه ڏٽي ڏاتار، پاڻ وٽنديون جو ڪري.

(11)

حسن مير حسين لاءِ رنا ڪئين رَجال
عاشقن ارمان ۾ جر وهايو جال
جابر ذوالجلال، پاڻ وٽنديون جو ڪري.

(12)

حسن مير حسين لاءِ اندر جن نه ارمان
صاحب ربّ سبحان، مور نه مرهيندو تن کي.

(13)

حسن مير حسين لاءِ اندر جن نه آر
قادر ربّ قهار، مور نه مرهيندو تن کي.

(14)

حسن مير حسين لاءِ اندر نه اڪير
قادر ربّ قدير، مور نه مرهيندو تن کي.

(15)

حُر هلي آئيو عاشق سو اڙٻنگ
وجي ويرين وچ ۾ هنيائين تير تفنگ
جوان ڪٽي جنگ، سو پڻ شير شهيد ٿيو.

(16)

حر هلي آيو مانجهي موچارو
وجي ويرين وچ ۾ وير ڪيو وارو
نر هٽي نعرو، مرڪي مور شهيد ٿيو.

(17)

حر هلي آيو، عاشق سو اڻ جهل
کاهي پيو ڪٽڪ ۾ ڪُٺائين ڪرڳل
مانجهي انهيءَ مهل، هيءُ به شير شهيد ٿيو.

(18)

حر هلي آيو عاشق سو اڻ موت
وڃي ويرين وچ ۾ چڙهي ڏنائين چوٽ
ڪفر ڀڃي ڪوٽ، هيءُ پڻ شير شهيد ٿيو.

(19)

ڪامل ڪربلا ۾ غازي ڪن غزا*
اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصَّابِرِيْنَ مانجهين ڪيا مزا
رحماني رضا، آئي امامن تي.

(20)

ڪامل ڪربلا ۾ آيا سيّد سلطاني
وَ جَاهِدُوْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ڪيائون سر قرباني
رضا رحماني، آئي امامن تي.

* غزا=غزوه ، لڙائي

سر ڪيڏارو
داستان ٻيون

(1)

آيو علي شاهه مرڪيو مديني ڏٽي
سونهاري سيّد ري ٻيو ڪير ڪندو ڪاهه
رهبر وٽي راهه، ڀڳا ڪوٽ ڪفار جا.

(2)

آيو علي چام، مرڪيو مديني ڏٽي
سونهاري سيّد ريءَ ڪير ستاري سام
محبت جي ميدان ۾ اجاريو تنهن اسلام
قربئون ڪرم الله ڪي سوين ڪن سلام
ڪامل ڪوثر تي، پياري پر جام
عاشق تي امام، ڀڳا ڪوٽ ڪفار جا.

(3)

جو مُلن ميهٽو سوئي مون سينگار،
آهي علي شاهه جو نظارو نروار،
محبت جي ميدان ۾ عاشق ٿيو اظهار،
محمّد سان مهندار، هر دم هو هڪل ۾.

(4)

سر ڏيئي ستار، اسلام احمّد چام جو
مرسل تي مهندار، هٽج نعرا حق جا.

(5)

سڏايم سرتي سورهيه سخي سرمد
قربئون ڪپائي ڪنڌ، آيس ڪُسي ڪربلا ۾.

(6)

سڏايم سرٿي حر حسيني حبدار
مونکي سيّد سردار، تاج ڏڪائي توحيد جو.

(7)

سڏايم سرٿي حسيني حقدار
مونکي پرور پڳدار، ڪيو رزق روز ميثاق جي.

(8)

سڏايم سرٿي سخي سرور جو سالار
مونکي مرسل مهندار، ڏني مبارڪ روز ميثاق جي

(9)

سڏايم سرٿي غوث گيلاني
مونکي جبر جيلاني، ڪيو رازق روز ميثاق جي.

(10)

سڏايم سرٿي جيلاني جنسار
مونکي محي الدين مهندار، ڪيو رازق روز ميثاق جي.

(11)

سڏايم سرٿي شهنشاهہ شهباز
عرش جا آواز، ٻڌايا "راضي" روءِ زمين تي.

(12)

سڏايم سرٿي شهنشاهہ شهزور
مرد مدامي مور، "راضي" روءِ زمين تي.

(13)

سڏايم سرٿي خاص خواجہ غريب نواز
الست جا آواز، ٻڌايم "راضي" روءِ زمين تي.

(14)

سڏايم سرٿي گيلاني گل
حقيقت جا هُل، ٻڌا "راضي، روءِ زمين تي.

(15)

سڏايم سرٿي گيلاني گلزار
مونکي ربّ جبار، ڪيو محي الدين ملڪ ۾.

(16)

سڏايم سرٿي گيلاني گهوٽ
ڪري هڪل حيدري ڪفر ڪيرايم ڪوٽ
چئنچل ڏيئي چوٽ، هنيم نعرا حق جا.

(17)

سڏايم سرٿي سيّد سخي سردار
محمدي مير مهندار، آيو "راضي" روءِ زمين تي.

(18)

سڏايم سرٿي خاص خاتم الخليل
ڄاٽي ربّ جليل، تہ رتي ناهہ رواز جي.

(19)

سڏايم سرٿي من ۾ مست قلندر لعل
ڄاٽي ربّ جلال، رتي ناهہ رواز جي.

(20)

سڏايم سرٿي قلندر ڪلنگي دار
ڄاٽي ربّ ستّار، رتي ناهہ رواز جي.

(21)

سڏايم سرٿي عنايت العالمين
ڄاٽي ربّ العالمين، تہ رتي ناهہ رواز جي.

(22)

سڏايم سرٿي قلندر ڪلالي
مونکي جانب جلالي، ڪيو رازق روز ميثاق جي.

سر کيڏارو
داستان ٽيون

(1)
قلندر واري قرب ۾ غازي ٿيا غرق
ورائي وحدت ورق، هنيائون نعرا حق جا.
(2)
قلندر واري قرب ۾ مانجهي ٿيا مستان
سورهه ٿي سلطان، هنيائون نعرا حق جا.
(3)
قلندر واري قرب جو، مانجهين لڌو مان
جابر ٿي جوان، هنيائون نعرا حق جا.
(4)
قلندر واري قرب جو مانجهين لڌو ماڳ
ورائي وحدت واڳ، وڃي حاصل ٿيا حق سان.
(5)
قلندر واري قرب جو مانجهين لڌو مڪان
نيهي نر نيشان، "راضي" لاهوتي لعل ٿيا.
(6)
اصل عاشقن جو ڪسڻ آهي ڪم
ڏسي ڪاتي قريب جي گوندر لهن غم
پسڻ خاطر پرينءَ جي وڃائين سڀ وهم
لاهوتين لحم، لِلّٰهِ ڪارڻ لُٽيو.

(7)
اصغر ڏي آهن گهٽا، تون ڪر اڪبر ڏي آر
عهد سدائين عشق جو پتنگ وانگر پار
لعل ٿي نهار، محبت جي ميدان ۾
(8)
اصغر ڏي آهن گهٽا، تون اڪبر ڏي اچ
پسي ڪاتي قريب جي نحل ٿي نچ
پتنگ وانگر پچ، محبت جي ميدان ۾
(9)
اصغر ڏي آهن گهٽا، تون اڪبر ڏي مُڙ مُور
پسي ڪاتي قريب جي نت نهارج نور
پئو پرين جي پور، محبت جي ميدان ۾.
(10)
محبت جي ميدان ۾ غازي ڪٽن گوءِ
هت هڏ هين نه هوءِ، پسڻ ڏاران پرين جي.
(11)
انا الحقّ اوري ٿيو عاشق اڳي آهين
عارف اتي ڪاهين، جتي ناهه جاءِ جبرائيل جي.
(12)
اناالحقّ هزار، عاشق آهي ڪونه ڪو
جنهن ۾ پرين پار، سو پسڻ ڪان پري ٿيو.
(13)
عالم سارو اناالحقّ ، عاشق آهي ڪونه
جنهن سان پرين پڪ، سو ڏسڻ ڪان ڏور ٿيو.



(14)

خودي ۾ خدا ٻئي ماپي ويندءِ من ۾
منصور ۾ مولىٰ، ڪيئن ريجهي ويا هڪ رمز ۾.

(15)

منصور ڪي محبت جا سيڪاريم سبق
تنهان پوءِ طبق، روشن ٿيس ”راضي“ چئي.

(16)

مڙني ڪي محبت جا سيڪاريا مون سبق
تنهان پوءِ طبق، روشن ٿين ”راضي، چئي.

(17)

جيئرن جانب نه ڏنو مُئن مليو محبوب
خاص ٿياسي خوب، جي پاڻ وڃائي پوريو.

(18)

جيئرن جنگ نه ٿئي ، مئن ڪٽيو ميدان
صاحب ربّ سبحان پاسي پاڻ وِئن جي.

(19)

ڳجهون ڳاڙهي رنگ، اڄ اڏامي آئيون
پيئون پڇن جنگ، ڪٽي شير شهيد ٿيا؟

(20)

ڳجهون ڳاڙهي رُوءِ، اڄ اڏامي آئيون
پُڇيون پڇن جُوءِ، ڪٽي شير شهيد ٿيا؟

(21)

ڳجهون ڳاڙِهي وات، اڄ اڏامي آئيون
پييون پڇن بات، ڪٽي وير ونهَائيا؟



وائي

امامن جو يتيمن جو، ماتام مونکي شهيدن جو
ڪربلا جي پِڙ ۾، ڪيڏو ڪيس ٿيو
حضرت شاهه حسين سان، ڪوفين قهر ڪيو
هڪڙي سختي ساهه ڪي، ٻيو پاڻي نه مليو
سختيون سور سهمان، سڀيئي ڏاتار ڏيج ڏنو
قضيو شاهه قاسم جو، آهي وهم وڏو
ٻڌي سورن سندرو، لالڻ لاڳ لڌو
راحم ”راضي“ ڪي، آگا امن ڏيو
برڪت شاهه شهيدن جي، پرور پوش ڪريو

وائي

اڪسير عجب اسرار علي آهي مولا مهندار
حيدر هيٺن مسڪينن سان مولا عاشق اڙين جو آڌار
انا مولىٰ و علىٌ مولىٰ جنهن ڪي سرور چيو سردار
لَا فَتىٰ اِلَّا عَلِی ڏنيس سوڀ ستار
اسد الله ڪل شيءِ غالب ڏنس ڏيج ڏاتار
يد الله فوق ايديهم محب مولا ڪيو مختيار
راضي چئي روز ازل کان اٿم تنهن جي پرت پچار
ڏيئي لاڳ لنگهي ڪي پهرايو پينار.

سر سسئي آبِري
داستان پھريون

(1)

سورن ۾ سڙي، سچ اياريم سرتيون
پالهي پسان ڪانه ڪا گوندر ري گهڙي
رندن منجھ رڙي، هاڻي مرنديس هوت لاءِ.

(2)

سڪن وئي سال ٿيا، هاڻي ساٿي سور
اديون عجيب جا پون پلٽيو پور
محبت جا مذڪور، اديون ڪنهن سان اوريان.

(3)

سور هِئين ۾ ساندي، سپيئي سپيريان جا
توڙي تين لاندي، ته به پڌرا ڪج نه پرينءَ ري.

(4)

ساندِ هِئين ۾ سور، مڙيئي محبوبن جا
پاريو ڏين پور، متان لوڪ لڪائيين.

(5)

سور نه سمهڻ ڏين ويني جم نه جيءَ کي
نهوڙيو تا نين، سرتيون ساهه سرير کي.

(6)

سورن سجاڻي سرتيون مون سان سگ ڪيو
پورن پچاڻي، ڪئي آهي ڪنل سان.

(7)

سڪن تي سڏ ڪريان، اوري ڪين اچن
ڏکن جا ڏيل ۾ سدا مچ مچن
پلپل تا پچن، جيرا جوش جڏيءَ جا.

(8)

ڏک گهڻا ڏسجن، سک نه ساٿي هڪڙو
ڪونه وهائو وريو ڏسي جنهن ڏجن
ويتر پيا وڌن، ڏک ڏکيءَ جي ڏيل ۾.

(9)

سور سوايا سرتيون، مَنا مور نه تين
ڏک منهنجي ڏيل کي نهوڙي تا نين
ساجن کي سارين، اکيون روز ازل کان.

(10)

ڏکي تي ڏمر، اچيو ڪنهن پر ڪريان
اڻ ڪونيا اچن هليا، ڪُوپا ساهيو ڪر
اديون انهي ڳالهه جو، وڏو تِيُم وڪر
مون ۾ مچ مگر، اچي درد دکايو.

(11)

سورن سموري، پنهنجي پچاڻي ڪئي
شدت شوخي شام سين، پورن ڪئي پوري
سڪن کي سوري، ڏکن ڏيکاري ڇڏي.

(12)

ڏک مڙيئي ڏات، سک مڙيئي سور
ڪو جو پويم پور، ته ويجهي نه وجان وصال کي.

(13)

ڳڻتين ٻڌا ڳوٺ، جيڏيون منهنجي جيءَ ۾
سکن کي سرتيون ٿي کيچ طرف ڪوٺ
مَنُ مثالي موٺ، ڪڙهي سپ ڪارو ٿيو.

(14)

آئون نہ گڏيس پرينءَ کي سکندي ٿيم سال
دردن اچي دل تي جوش مچايا جال
ڏونگر ڏوري نہ سگهان آئون ضعيف زال
شوهر ملي شال، آري ڄام اڱهيءَ کي.

(15)

آءُ نہ گڏيس پرينءَ کي، هيٺو ٿيم حال
آري ڄام اڱهيءَ جو، اچي پيچ احوال
توريءَ قيامت ڪال، وسري ويم وجود مان.

(16)

آئون نہ گڏيس پرينءَ کي جلي ويو جوين
مُنيءَ جو محبوب ري ٿيو ٿهوارون تن
جوانيءَ ۾ جيڏيون ماري ويو موهن
مشفق ڏاران من، ڦاٽي ٿو فراق ۾.

(17)

آئون نہ گڏيس پرينءَ کي، وئي جوين جواٽي
ڏوري ڏونگر لڪيون، سڙي ٿيس ساٽي
آريءَ لاءِ عليل ٿيو، وتان ويڳاٽي
ڪوري جيئن ڪاٽي، پيئي ڏونگر ڏوريان.

(18)

آءُ نہ گڏيس هوت کي، حال ٿيم هيٺو
جيءَ جانب جت ري، جهڄي ٿيو جهيٺو
ڇيرو اندر جندڙي ٻاري ويا ٻيٺو
ڦتيل تي ڦيٺو، وجهن ما نہَ وصال جو.

(19)

آئون نہ گڏيس پرينءَ کي ويئي مون وَهِي
پل پرانهون پنهونءَ ري، سگهان نہ سَهي
آري ڄام عشق ۾ ويو ڪالهہ ڪهي
پانڌي ڪو پَهِي، ڏي ٻارانيا پرينءَ کي.

(20)

ملڻ ڪارڻ مينهن، ويني هوت وسائيان
رڙي رات رُجن ۾ ڏوري ڪيم ڏينهن
نماڻي سان نينهن، ڇني وڃ مَ ڇپرين.

(21)

ڇني وڃ مَ ڇپرين نينهن ندوريءَ ساڻ
وري وسائين ولِهيءَ جو، ورنہ وير وتاڻ
پرين پلائي پاڻ، موٽج مون مسڪين تي.

(22)

ڏکن ٻڌو ڏيهہ، جيڏيون منهن جي جيءَ ۾
ڇنيپي تن ڇڏايو سکن کي ساٺيهہ
ڇُلي مون سان ڇيهہ، گوندر گهٽو ئي ڪيو.

(23)

جيڏيون منهنجي جيءَ ۾ ورِهہ ڪيو وتاڻ
وَسائي ويهي رهيو، پرين پنهنجو پاڻ
سرتيون سکن ساڻ، ڏکن ڏاڍو ڏول ڪيو.

(24)

جيڏيون منهنجي جيءَ تي ورِهہ ڪيو وارو
آسڻ اُٿيڙي ڇڏيو، سکن جو سارو
ونجهليو ويچارو، رندن ۾ ريهون ڪري.



(25)

صحبت سپرين جي، آهي نسورو نور
حق جو حضور، ڏيندا مون ڏير ويا.

(26)

صحبت سپيريان جي، آهي نوراني ناز
رحماني راز، ڏيندا مون ڏير ويا.

(27)

صحبت سپيريان جي آهي وحدت جو وصال
محبت جو مثال، ڏيندا مون ڏير ويا.

(28)

صحبت سپيريان جي، چڱي آهي چال
محبت جو مال، ڏيندا مون ڏير ويا.

(29)

جيڪا ڏيندي بُل، مون جيئن ٻاروچل کي
هميشہ هُل، ڪندي هوتن پنيان حَب ۾.

(30)

جيڪا ڏيندي داءُ، مون جيئن ٻاروچن کي
هميشہ هاءُ، ڪندي ساجن پنيان سچ ۾.

(31)

جيڪا ڏيندي وَجهه، مون جيئن ٻاروچل کي
سرتيون صبح سنجهه، ڪندي دانهون درد فراق جون.

(32)

جيڪا ڏيندي دل، مون جيئن ٻاروچن کي
خوشي تنهن کي کِل، ڪڏهن رهندي ڪينڪي.

(33)

جيڪا ڏيندي من، مون جيئن ٻاروچن کي
دولت تنهن وٽ ڌن، ڪڏهن رهي ڪينڪي.



(34)

جيڪا ڏيندي حال، مون جيئن ٻاروچن کي
ملڪيت تنهن وٽ مال، ڪڏهن رهي ڪينڪي.

(35)

جيڪا ڏيندي مام، مون جيئن ٻاروچن کي
سرتيون صبح شام، ڪندي ڪاڍو ڪيچ جو.

سر سسئي آبِري

داستان پيون

(1)

جيڪر ٿيان پٽي، جانب جي جُتيءَ جي
اچي ڪيچ ڌڻي، لتاڙيم لتُن سان.

(2)

جيڪر ٿيان پٽي، جانب جي جُتيءَ جي
اچي ڪيچ ڌڻي، ڪر مِهر مسڪين تي.

(3)

جيڪر ٿيان واري، نرمل جي نعلين جي
اچي تون آري، لتاڙيم لتن سان.

(4)

جيڪر ٿيان زمين، پرينءَ جي پيرن جي
اچي تون امين، لتاڙج لتن سان.

(5)

جيڪر ٿيان خاڪ، جانب جي جُتيءَ جي
پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾ چڪن ٿا چاڪ
پرور ڌڻي پاڪ، ساجن ميلين سُج ۾.

(6)

واري ور وٺي ويا، ڪري ڏير ڏنگائي
ساجن بنا ساٿيهه ۾ پانيان عالم اونداهي
سرتيون سهائي، پنهون ڪٽي ويو پاڻ سان.

(7)

واري ور وٺي ويا، اندر لائي آڳ
محشر جو ماڳ، ڏٺم اڄ اکين سان.

(8)

واري ور وٺي ويا، ڪيچي قهر ڪري
سسئي تنهن ساجن لاءِ وندر منجهه وري
سورن ساٿ پري، ڏيئي مونکي ڏير ويا.

(9)

واري ور وٺي ويا، ڪيچي ڪري قهر
پنهونءَ ڌاران پهر، وهڻ مون وِهُ ٿيو.

(10)

واري ور وٺي ويا، آري ڄام امير
ساجن لاءِ سرتيون، نت وهايان نير
پروچ پاونگير، ڪِلي دل ڪسي ويو.

(11)

واري ور وٺي ويا، چوري هٿ چڏي
گوندر منجهه گڏي، ماري ويا مسڪين کي.

(12)

ڏونگر ڏينهان رات، پاڻ مٿانئين گهوريان
تو ۾ وحدت وائي وات، سدا پاروچن جي.

(13)

سِرجي تہ سک ويا، ساماڻي تہ سقر
اهي ٻئي اکر، نماڻي نصيب ٿيا.

(14)

سرجي تہ سور، ساماڻي تہ سکن سؤ هزار
نماڻيءَ نصيب ٿيو، دوست جو ديدار
اهي ٻئي پار، لکيا اصل منهنجي انگ ۾.

(15)

ارٽ اُلاٽي چڏيو آتڻ اڄ اظهار
موڪلائي مون ڪنان، پٽي ڪيو پار
هئي هئي هوت وٺي ويا ساٿ ڏٽي سردار
هاڻي هن ٻنيور ۾ لِڪ ٽِڪڻ لاچار
تنهن مُنهن چائي چار، جا وَرَ رِيءَ ويس ڪري

(16)

ٻينر هن ٻنيور ۾ هتِ نہ ٽڪان هاڻ
حشر ڪنديس حب م کَهي ڪيچن ڪاڻ
چڙهي ڏاڍن ڏونگرن پٽون ڪنديس پاڻ
ٻاروچل هٽي ٻاڻ، ڪلندي دل ڪسي ويو.

(17)

ڏوريندن ڪان ڏور، ڏٽي ناهي ڏار
توڙ رسائي تن کي جن پرتان ڪئي پچار
وٽي وين واپار، ساجن جي صحبت جو.

(18)

توڙي هلين وِک توڙي هلين ڊوڙ
لکيو ويٺي لوڙ، جيڪي واحد انگ وهايو.

(19)

توڙي وِلاڙون ڪرين توڙي هلين تِک تمام
جيڪي کَهيو ربّ ڪلام، سو رَتي مور نہ رهجي.

(20)

لکيو جو پالڻهار، سو قلم ڪياڙيءَ نہ وهي
هاڻي ويٺي گهار، جيڪي واحد انگ وهايو.

(21)

قلم جنهن جي هٿ ۾، ڪجن در تِنهن جي دانهون
اونائي آهون، لکي اکر اَمنُ جا.

(22)

چوريءَ رات چڙهي ويا ٻچي ٻنيوران ٻيرو
هاڙهي ڏونگر حب ۾ منهن نہ پئي ميرو
ٻانيڻ جو ٻروچ لاءِ جلي ٿو جيرو
پنهونءَ جو پيرو، مٿان لڪ لنگهي ويو.

(23)

مٿان لڪ لهي ويو، سو هلي رائَي پسو رند
ماري ويا معذور ڪي، اوٺي ڪري انڌ
ٿيا روانا راهہ ۾ ڪيچي ڪٽي ڪنڌ،
آئون سُتي هو هليا، هوت چڏي هي هنڌ
سگهو ناهي سنڌُ، سسئي جو سورن ڪان.

(24)

سڪن گهوري سيڪا ڏک ڪانہ ڏوري
اچا ٿيون اوري، پسڻ ڪان پرينءَ جي.

(25)

کَهان تان ڪيچان پري، وِهان تان مون وٽ
پنهون ڪارڻ پٽ، عبثَ اڳي نهاريم.

(26)

ڪهان تان ڪيچان پري، وهان تان مون وٽ ور
ٻُلي نهاريم ٻر، عبث آري ڄام لئي.

(27)

سنجهي رهيون سمهي، وساري وريام
اَسُر جن آرام، اٿ نہ ٻيلي اُن جا.

سر سسئي آبِري
داستان ٽيون

(1)

تو جو قول قريب، ويهي ڪيو وڪار ۾
سو پارج هوت حبيب، مون جيهيءَ معذور سين.

(2)

پهرين پارج قول، پوءِ پارڻ پنهونءَ ڄام تي
سو نہ وسارج ٻول، جو هُتي ڪيئہ هوت سان.

(3)

هوت بہ ايندو حب، آئون پڻ اڳيري ٿيان
متان سرتيون چون سب، تہ ڪميڻي مان ڪين ٿيو.

(4)

ڏوريان شال نہ ڏسان ساجن سپ ڄمار
پرين تنهن جي پار، رڙهي مران راهہ ۾.

(5)

مون پانيو مون وٽ، هوندا پرين سپ ڄمار
ويڙهو ڏيئي ويڪرو وهندا اکين جي آڌار
ويا ڪاهي ڪَل قطار، آئَون ئي ڏونگر ڏوريان.

(6)

من ۾ نالو محب جو، تَن ۾ تات تنوار
پلي لنگهن سپ ڄمار، ڪيچي مون تان قطارون ڪري.

(7)

من ۾ نالو محب جو تَن ۾ پرين جي تات
پلي لنگهن ڏينهان رات، ڪيچي مون تان قطارون ڪري.

(8)

جَنِڪ* جن جي هياس، تن پڻ لوڙهي لعل
ماتا*نہ گهُوارا*تي ساجن پُنيءَ سال
وحدت جو وصال، ٿيو سسئيءَ کي سيج ۾.

(9)

اڄ جوڙيم جوڙ جبار، پرين پيهي گهر آئيا
سڪن اڇي ڏڪن ڪي، محڪم ڏني مار
سا پَر سورن سان ٿئي، جا پر ڪٽيءَ ڪار
پينر مون پتار، ور ويني ئي مليو.

(10)

نڪو جن جهان ۾ نڪا ٻرن منجهہ ٻلا
سسئي سجاتو الله، تنهنکي چپر چاڙکي ٿيو.

(11)

تال* هنا* تات، روهہ منا روز چئي
سسئي کي ساجن جي سدا وائي وات
راهہ ملي رات، پنهونءَ کي پنڌ ۾.

(12)

سسئي جي سورن جي ڳُجهي سٽايان ڳال
تہ لڳي ماٺ مِرن کي ڪامي وجن خيال
ڏسو ڪونہ ڏنيال، جبل سپ جلي وڃي

* جنڪ (ڏيءَ)، ماتا (ماءُ)، گهوارا(پينڊ) ،تال(اڄ) هنا (هيڏانهن)

(13)

پنڌ نہ پنڌن جهڙو ڪانہ ٻُجهندي دانهن
جيڪر ڪريان آنهہ، تہ جبل سڀ جلي وڃي.

(14)

آئون نہ هجان شال، اصل آئون پيدا ٿي
سڙي انهي سور ۾ فدا ٿيس في الحال
جانب آيو جال، مُٺين پييَس مامري.

(15)

ڪشي ٻڌ ڪمر، سورائتي سندرو
سسئي ڪي سيج تي ڏنئون سور سمر
ڏکن جو ڏمر، ڏيندا مون ڏير ويا.

(16)

پيڙي پيڙي ٻڌ، سورائتي سندرو
عشق آريءَ ڄام جي ڪيو پٻ پڌرو
ٻاروچل ٻنڌرو، ڏيئي ويا ڏونگر ۾.

(17)

هن منهنجي حال جي پوي نہ خان خبر
حليمن هوت ملي، تڙائي تڪبر
بلوچاڻي بر، ڪاڪيون هلندي ڪانہ ڪا.

(18)

هن منهنجي حال جي ڪيچ پوي نہ ڪل
روز رئان ٿي رت، ڦڙا ڳوڙها مٿي ڳل
پنهونءَ ڏاران پل، ڏٺم ڏينهن قيام جو.

(19)

قيامت ٿي ڪال، تون اجا ٿي آرس ڪرين
ساجن جي سنڀال، منهنجو جيءُ جياريو.

ٻنڌرو=ٻنڌڻو، ٻنڌڻ

(20)

ساجن ساعت هيڪڙي جي جانب ٿئي جدا
تہ محشر جو مُدا، ڏٺم اکين سين.

(21)

ساجن ڌاران سرتيون اندر ناهہ آرام
ڪاڪيون ڪاري قيام، ڏٺيم اڄ اکين سين.

(22)

ساجن ساعت هڪڙي جي دوست ٿئي دور
تہ محشر جو مذڪور، ڏٺم اڄ اکين سين.

(23)

پينر هن پنيور ۾ قيامت پانيان ڪلاڪ
تن ڪي ڏيان طلاق، پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾.

(24)

سرتيون سڀ ڄمار، قيامت پانيان ڪانڌ ري
وسري پيا وجود ڪي پنهونءَ ري پار
حشر ٿيا هزار، هوتن پٺيءَ حب ۾.

(25)

ڪيم ڪيچين لاءِ سوءَ جو سينگار
رنگائي رنگريز ڪان ڪاڪيون ڪيم ڪار
وسري ويم وجود تان هوتن ريءَ هالار
بادل بيشمار، روز وسايم راهہ ۾.

(26)

سُتي سُئم سڏ، آيل ٻاروچن جا
جيءُ جسو ۾ هڏ، گهوريان گهوٽ پنهونءَ تان.

سر سسئي آپري
داستان چوٿون

(1)
سسئي سک سچي، پيئي سکي سک لاءِ
پيتائين پنهونءَ سين ويئي راس رچي
تنهن تڙ اڇي، پيتي پان اُڄ تئي.

(2)
جڏهن پيئي پچار، چپر هوت پنهونءَ جي
گوندر لٿا گولئين سوين ڪيائون سينگار
آيل پُني آر، ڪامل آيو ڪيچ مان.

(3)
جڏهن پيئي هبڪار، چپر هوت پنهونءَ جي
بَهه بَهه تي پنيور ۾، عطر تيو اظهار
سَرهو تيو سنسار، گوندر لٿا گولئين.

(4)
رڃن ۾ رڙ تي، ڪر تاڙي ڪئي تنوار
ڪوئل جي ڪوڪار، اها پڻ آهه عشق جي.

(5)
وڄهڻ جان جبل ۾، آهي وڏو ڏوهه
رِت ڪري تو روهه، پيادءَ ڪي پنڌ ۾.

(6)
وڄهڻ جان جبل ۾، آهي وڏو آزار
پٻ ڪدائي پار، پيادءَ ڪان پنڌ ۾.

(7)
ڪني ڪني ماڻهئين، گوندر تي گذران
ڇڏي هيءُ مڪان، ساٿو ڪجي سور جو.

(8)
ڪِني ڪِني ماڻهئين گوندر تي گذر
ڀَڏي قرب ڪمر، ساٿو ڪجي سور جو.

(9)
ڪني ڪني ماڻهئين، گوندر تيڙو گام
سدا سڙن سورن ۾ سکن صبح شام
پرين ڪان پيغام، راضي مِلين عشق جو.

(10)
جڏهن چئي ڪُنْ فَيَڪُوْنَ تنهن پرين نيو پساهه
سدائين ساجن ڪي ساري منهنجو ساهه
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ واحد چيو واهه
سٽي دل سرهي تي، ڏنم لڪن منجهان لاهه
پنهونءَ جي پيغام، تان مري تيان ماهه
”راضي“ ڪي راهه، هادي ڏيکاري حق جي.

(11)
سمهان تان سک نه اچي، جاڳان تان جنجل
آريءَ ريءَ اجل، پانيان تي پنيور ۾.

(12)
سورن واري سيڪا مون سورن سَوَ هزار
پيهي ويا پاتار جيئن، سرتيون سپ جهار
لکڻ ليکو نه تئي ڪري ڪونه شمار
من ڪو وهائو وري پري ڏيان بار
ڪونهي خريدار، نه ته ڏيان ڏهاڙي ڏيهه ڪي.

(13)

سورن واري سيڪا، مون وٽ سمنڊ سِير
پيهي ويا پُريون ڪري ڪاڪيون ڪوڙي ڪِير
عشق آري ڄام جي نِت وهايم نِير
سدا سارنگ مينهن جيئن وسي بوند بهير
من ڪو وهائو وري، نه پري ڏيان ٻِير
جيئن چڙهي وحدت وير، تيئن رهيا اٿم روح ۾.

(14)

ويه مَ شهر ڀنڀور ۾ موسٽ منڊ وسار
اَسٽ ڏي آر، رک سدائين روح ۾.

(15)

ويه نه منڊ ڀنڀور ۾، موسٽ مور نه مَڄ
وَنِ* چوندي وڄ، ساجن پُٺيءَ سڄ ۾.

(16)

غافل غفلت ڇڏ، تون ڪيئن اٿاسي اوجهرين
ڇُپاتا چلي ويا، لنگهيا لڪن لڏ
سسئي ڪري سڏ، ساجن ڪارڻ سڄ ۾.

(17)

ولَلِيو وٽين چڙهي پسيو لڪن لَڏ
سَسئي سوريءَ چاڙهيا هوتن ڪارڻ هڏ
سرتيون منهنجا سڏ، من ٻڌي ٻاروچو وري.

(18)

وللِيو وٽين چڙهي سُٽي چيٽن ڇهڪار
ڪاري تنهن ڪانيوءَ ۾ ڪيهر ڪن ڪهڪار
ٻُڏائين ٻروچ چئي ٻيلاين ٻهڪار
برهمڻ تي بر ۾ ببر ڪن ٻهڪار
ڏونگر جا ڏهڪار، لنگهائج لطف سين.

*وَنِ=وني، عورت، زال دانهون ڪندي

(19)

واڪا ڪيو وٽين چڙهي، ٿيندي سانباهي سير
ساجن ڪارڻ سسئي لڪن ڪئي لير
پنهون خاطر پٻ ۾ نت وهائي نير
پرور مانَ پياري دوست تنهنجو ڏِير*
دلبر توڪان دير*، ڏنم ڏينهن قيام جو.

(20)

سسئي سرواڻن ڪي سَنجهي نه سڃاتوءِ
پڄاڻا پاتوءِ، ڪشالو ڪيچ جو.

(21)

سسئي سرواڻن ڪي سنجهي نه سمڌوءِ
پڄاڻا پوندوءِ، قدر ڪيچ ڌڻين جو.

(22)

لڳي ڪوسِي هير، لٿيئه لڱ غريب جا
اڃا آهي ساهه سڌير، پسڻ لاءِ پرينءَ جي.

(23)

لڳي ڪوسي هير، واريءَ ڏڪيس وار
پيئي ڪري پچار، پسڻ لاءِ پرينءَ جي.

(24)

ڏونگر ڏکوين تي ڪري روهه رحم
عشق آريءَ ڄام جي وڃايو سڀ وهم
لڱن سوڌو لحم، ڏيندس ڏونگرن ۾.

(25)

پاڙهي رات، پنهون ويو سورن جا سبق
جيڏيون منهنجا جوش ۾ ويا ڪنبي ڪُل طبق
لالڻ متي لڪ، رس رسيلا راهه ۾.

*دير=ديرو، جاءِ * ڏِير=دور ٿي

(26)

واڪن متي واڪا، ڪر سڀاجها سڏ
تہ هوت تنهنجا هڏ، نين ڪوهيارو ڪيچ ڏي.

(27)

ڪيچ منهن جي ڪيچ ۾، مَن تيو مڪران
جيڏيون منهنجي جان، ٿي حوالي هوت جي.

(28)

جيڪا ڏيندي راز، مون جيئن ڀاروچل ڪي
عشق سندو آواز، ڪندي ويندي ڪيچ ڏي.

(29)

جيڪا ڏيندي مام، مون جيئن ڀاروچل ڪي
سرتيون صبح شام، ڪندي ڪاڏو ڪيچ ڏي.

سر معذوري

داستان پهريون

(1)

ڏيرن پُنيءَ ڏوريو سسئي سڀ ڇمار
هوندا ڀاروچاڻا ڀار، تہ ڪوئي نيندس ڪيچ ڏي.

(2)

چڙهيو تن تنور، ميثاقي من ۾
اَلنَّارُ نَصِيۡبُ الۡعَاشِقِيۡنَ پلٽيو پون پور
ساجن تنهنجي سور، گهٽيون گهائي وڏيون.

(3)

نڪي مُئي آهيان، نڪي جيان جال
آئون مران شال، منهنڊان محبوبن جي.

(4)

ڀانهي چون جي ڀائي، تڏهن بہ مون ڪتيو
دوست اڳيان دائي، ڪوئين تہ قربان ٿيان.

(5)

گولي ٿي گزاريان تہ ڀهون ڀانيان ڀاجهہ
روئي رت پرينءَ ڪي وڏا وڏم واجهہ
پينر هن پنيور ۾ ڪنهن سان ڪنديس ڪاج
هتي جن هوت وساريو سي مهند ٿينديون محتاج
اندر ٿِيون عاج، سڌر سور پرين جو.

(6)

پرين خاطر پپ ۾، جلائي تي جيرا
هلي هوت پنهونءَ جا پرت پڇي پيرا
ٻانيڻ تي ٻيرا، ڪُتا ڪِينَئي ڪيچ جا.

(7)

آئون ڪنيزڪ ڪيچين جي ٻانهوتي ٻار
پنهون تنهنجو پار، ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(8)

پيم پناٽن سان جي پشوري ڪن پچار
آئون سنڌي نہ سمجهان هنن جو عربيءَ ۾ آچار
هُو جو پڇن پارسي ۾ مون ٿيو وڏو ويچار
اُتي احمد تي آڌار، رهبر رسج راهہ ۾.

(9)

هو جي اچن ٻہ ڄڻا جُودون جوپ جوان
وَمَا رَبُّكَ وَمَا نَبِيُّكَ وَمَا دِيْنُكَ جون ظاهر ساڻ زبان
ٿيءُ ضعيفن جو ضمان، موت محمّد ڪارڻي.

(10)

هو جي اچن ٻہ ڄڻا جودون جوپ جمال
وَمَا رَبُّكَ وَمَا نَبِيُّكَ وَمَا دِيْنُكَ رکن کست ڪمال
اي رب جلال، رهبر رسج راهہ ۾.

(11)

هي جي ڏنم هاڻ، سي اڳ نہ ڏنم ڪڏهين
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ اچي پڌر ٿيا پاڻ
فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّلْيَبْكُوْا كَثِيْرًا تي تن اندر ۾ تاڻ
اتي ساجن سسئي ساڻ، رهبر رسج راهہ ۾.

(12)

عزرائيل اچي اظهار ستي جاڳائي سسئي
پُرس پڇي پار، تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو.

(13)

پلي آئين پاءُ عزرائيل! تي اظهار
توکي هوت هلايو، پورا ڏيئي پار
مونکي ربّ جبار، ماريو ڏينهن ميثاق جي.

(14)

عزرائيل ڪان آريءَ جا پڇيا سسئي پار
ادا ڪي اوتي ڏنئہ ڪيچي ساڻ قطار
پنهونءَ جي پچار، موت منهنجي من ۾.

(15)

موت منهنجي من ۾ اندر عزرائيل
منهندان منڪر نڪير جي وڏو تون وڪيل
جنهن تي راضي ربّ جليل، تنهن کان ڪونهي پھ پڇڻ جو

(16)

منڪر ۽ نڪير کي ڏنم ڏينهن ميثاق
وَمَا رَبُّكَ وَمَا نَبِيُّكَ وَمَا دِيْنُكَ جن هنئي اچي هاڪ
پرور ڏٽي پاڪ، پنهون ميليم پپ ۾.

(17)

منڪر ۽ نڪير کي سسئي ڪيا سڏ
هوت منهنجا هڏ، ادا ڪي اوتي ڏنوَ؟

(18)

فردا منڊ ڦِتي ڪئي ناقص هلي نار
پتيو ڪڍي پار، پنهونءَ ڪارڻ پپ ۾.



(19)

فردا منڌ ڦٽي ڪئي، هاڙهي هلي هڄ
آريءَ ڏاران اڄ، وهڻ هِنَ وهہ ٿيو.

(20)

فردا منڌ ڦٽي ڪئي، هلي ناقص پنيان نينهن
رمي راتو ڏينهن، پنهون ڪارڻ پيہ ۾.

(21)

هُو، زِيءَ ويا زوري، مان مروشي محبوب ڏي
چپر ۾ چوري، ڪٽي پير پنهونءَ جا.

(22)

هو نائيت ويا نڪري هيءَ ڊي هليو ڊوڙي
لڪن منجھ لوڙي، ڪٽي پير پنهونءَ جا.

(23)

نِدي نيائون، پنهون وٺي پاڻ سان
ڪهل نہ ڪيائون، ماري ويا مسڪين کي.

(24)

سمر ريءَ سَڌون ڪرين، اوري تون آهين
ڪُڇا لئہ ڪاهين، ڪوڙي ڪيچ ڏٺين ڏي.

(25)

جن چيو اڄ نہ سياڻ، سي پهتيون ڪين پنهون کي
جي هتان هليون هاڻ، سي هاڙهي مليون هوت کي.

(26)

جن چيو اڄ نہ ڪال، سي پهتيون ڪين پرينءَ کي
هَئي تن جي حال، روز رهن ٿيون راهہ ۾.



(27)

جي هليون هيل نہ پَرُ، سي پهتيون ڪين پرينءَ کي
ويو تني ڪان ور، روز رهن جي راهہ ۾.

ڪافي

رهبر رمز رلائي ويو، محبت مام ملائي ويو
سٽي سانگا سڀ صفاتي، اناالحق الائي ويو
پير مغان پريت جو پيالو، پُرس پاڪ پلائي ويو
"راضي" رمز رنديءَ ۾، جانب جيءُ جلائي ويو

سر معذوري
داستان پيون

(1)

آئون نہ مليس محبوب کي، آيو موت ماري
سڪان تي سڪرات ۾ ڏي ساجن ڏيکاري
اکين سان آري، پسي پوءِ مانَ مران.

(2)

آئون نہ مليس محبوب کي عزرائيل ٿيو اظهار
سڪندي سڪرات ۾ ويئي سڀ چمار
پسڻ خاطر پنهونءَ جي پٽيو ڪيان پار
سپاجها ستار، ساجن ميلين سچ ۾.

(3)

آئون نہ مليس محبوب کي پويون ٿيم پنڌ
سڪان تي سڪرات ۾ رويو پچان رند
ساهہ نہ وڃي سنڌ، پسڻ ڏاران پرينءَ جي.

(4)

آئون نہ مليس محبوب کي ڪيس موت مڙهي
سڪان تي سڪرات ۾ پيو قلب ڪڙهي
راتو ڏينهن رڙي، پسڻ خاطر پرينءَ جي.

(5)

آئون مليس محبوب کي ويو ساهہ سڙي
ڪيم هڪل هوت کي لڪن منجهہ لڙي
مٿي چوٽ چڙهي، ڪنديس حوالي هوت جي.

(6)

مُٺي تي مُداءِ گهري، ٿيو ڪال قريب
اچين تہ اچ ڪريان، تن جو تون طبيب
جان ڪي مل حبيب، نہ تہ ماري ڇڏ مُٺيءَ کي.

(7)

مٺي تي مداءِ گهري قريب ٿيو ڪال
اچين تہ اچ ڪريان وحدت جو وصال
جان نپ نماڻي نال، نہ تہ ماري ڇڏ مٺيءَ کي.

(8)

هوت ڏيئي ويو حَب ۾ رئڻ سندي راهہ
برهمڻ کي بلوچ ريءَ بدن لڳي باهہ
ساجن ڌاران ساهہ، ڪاڪيون قيامت پانيان.

(9)

رُئان رمان شال، راتو ڏينهان راهہ ۾
اديون اڄ ڪي ڪال، پسان پنهونءَ ڄام کي.

(10)

مر تہ موچاري ٿئين جيئڻ اڳيان جبار
صبر وڏي سنيار، سِگها ميلين سپرين.

(11)

نڪو ساءُ صبر ۾، نڪا ٻولڻ ۾ ٻاجهہ
اهڙو ڏسي ڪو ڪاج، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

(12)

نڪا سوپ سڪن ۾ نڪا ڏکن ۾ ڏات
اهڙي ڏسي ڪو بات، جَنهن سان پسجي پرينءَ کي.

(13)

هـتـان هـڏ نـه ڇـڏيـا، صـبـر سـڀ ڇـمـار
سرمان ۾ سينگار، ويا ويچاريءَ وسري.

(14)

سر ڏني ساجن ملي ته سَجان سڀ ڇمار
اوڙڪ سو اظهار، ڪريان پيش پنهونءَ جي.

(15)

موت منهنجي من ۾ ڏرئون ڪيو ڏٽي
پنهونءَ ڪارڻ پٻ ۾ ڪنديس پاڻ پٽي
جتن لاءِ جبل ۾ وڌيم گهور گهٽي
ڏکيءَ ڪي ڏونگر ۾ ويا هاڃي هوت هٽي
لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةُ اللهِ آهي مون اَٽي
سسئي ساهه ڪٽي، ڪيو حوالي هوت جي.

(16)

يلي آئين ياءُ تون، عزرائيل اچ
هوتن لاءِ حَب ۾ روئي نه ڪيم رچ
ياءُ اتي يج، ڏس ڪو پير پنهونءَ جو.

(17)

ويو سڄ وڻن تان پئي پريان جي پار
جنهن جي تن ۾ تار، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(18)

ويو سڄ وڻن تان پئي پريان جي پاس
جنهن جي مونکي پياس، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(19)

ويو سڄ وڻن تان رنگ ڏيئي راس
جنهن جي مونکي تاس، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(20)

ويو سڄ وڻن تان وندر ڏيئي راس
جنهن جي مونکي آس، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(21)

ويو سڄ وڻن تان رنگ ڏيئي رات
جنهن جي مونکي تات، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(22)

ويو سڄ وڻن تان ڇوهي ڪري ڇِڪ
جنهن جي مونکي سڪ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

(23)

ڏونگر لڳي ڏونگر تي پڇي تيو پورا
لنگهي ويا لڪن مان گس وٺي گورا
ڏکن جا ڏورا، پهتا سڀ پرينءَ ڪي.

(24)

ڏونگر لڳي ڏونگر تي ڦٽي تيو ڦارون
لنگهي ويون لڪن مان ڪرهن قطارون
هڪلون هونگارون، سُٽي ماڻَ سَگهي تيان.

(25)

سٽي ماڻَ سگهي تيان، توڏن تنوارون
ماري ويا معذور کي موڙي مَيَن مهارون
مون ڏي ميارون، هزارين هوتن جون.

(26)

ڪانه پڌي مون ڪڏهين توڏن جي تنوار
مستن تان ميار، مُورائِين معاف تي.

سر معذوري
داستان ٽيون

(1)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي مٿانهين ماٿر
سُجهن گهٽا سُج ۽ مرون مون مادر
آرياڻي آڏر، منهن محبوبن جي.

(2)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾ جت رڻ پٽ سُجهن روهه
لنگهائج "لشاري" چئي ڪاف ڪشالا ڪوهه
ڏاتر بخش ڏوهه، ته تيان حوالي هوت جي.

(3)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي برپٽ بيران
عاقل اُجهي اُت ويا وِير تيا ويران
سسئي لنگهيو سڪ مان محبت سان مڪران
جن جو پنهون پاڻ ضمان، تن کي ڪانهي باک بهير جي

(4)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي جبل غاروغار
ليڙن جي "لشاري" چئي پوي تونگ تنوار
جن ڏنو پير پنهون جو سي پُرجهيو ڪڍن پار
هوندن تي هزار، لاڳاپا لوڪ جا.

(5)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾، جتي جبل وڏا جنجال
پنهون ڪارڻ پبّ ۾ رويو پچي رجال
"راضيءَ" جو راهه ۾ ربّ ٿيو رکوال
ساجن لهه سنڀال، سسئيءَ جي سچ ۾.

(6)

ڪارا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي ڏري منهنجو ڏيل
لڪن منجهه لشاري چئي ڪندي ڪيئن عليل
ٿيندو راضي رب جليل، وهان تان وٺي پئي.

(7)

نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪي ليڙا لس
جتي وندر وس، اتي پسڻ پنهونءَ جو.

(8)

نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪي ليڙا لڪ
جتي "هُو" ۽ حق، اتي پسڻ پنهون جو.

(9)

سمهڻ جو سعيو، ڪڏي ڇڏ قلب مان
روح اندر رايو، رک سدائين رڙهڻ جو.

(10)

سمهڻ منجهان سور، جيڏيون جيڏو ئي ٿيو
پرينءَ سندو پور، مون ڪان غفلت گم ڪيو.

(11)

ننڊ آهي نور، سمهين تان سُڌ پوي
مَا زَاغَ الۡبَصَرُ وَمَا طَغٰى تن مٿي طور
گهايو وجهي گهور، پنهون سندو پبّ ۾.

(12)

سُتي جا سنيال، سا جاڳندي نہ ٿئي
ڪيچ ڪوهياري ڪال، پاڻ پسايو پاڻ ۾.

(13)

جا سڪ سُتي، سا جاڳندي نہ ٿئي
آريجن اتي، پاڻ پسايو پاڻ ۾.

(14)

جا ستي سڪ، سا جاڳندي نہ ٿئي
آريءَ جي عشق، چولي وڌيس چپرين.

(15)

مڙيئي ٽيون معذور، جي پسن ڪين پرينءَ کي
دوست ناهي دور، اکين اوڏو سپرين.

(16)

ڏيرن ڏنم ڏسُ، تہ ڪيچ پراهون ڪاهہ
رڙهي ورتم راهہ، تہ وک نہ پوري هڪڙي.

(17)

ٻاروچو ٻيهار، جيڪس ڏنو جيڏئين
رئان روز رت ڦڙا هوتن لاءِ هزار
مون جيئن ڪيو پار، متي ڏيئي هٿڙا.

(18)

ڪوڙئين پڇن ڪوهيار، هوت پڇي ڪا هڪڙي
جن جو پنهونءَ سان پيار، سي پاڻهي ٿينديون پڌريون

(19)

ٻاروچا ٻيا گهڻا ساجن مون سردار
محشر ويل ميدان ۾ ٿيندو محب مهندار
آريءَ جي آڌار، ملندي معافي مُلڪ کي.

(20)

ٻاروچا ٻيا گهڻا منهنجو آري ڄام اصل
چوندي رکيم چت ۾ الستي اَمل
تنهن ماڻڪ ڪونهي مُل، آهي سرس سڀن ۾.

(21)

ٻاروچا ٻيا گهڻا منهنجو اجهو آري ڄام
اچي ڪامل ڪُل جي سيگهہ جهليندو سام
قربئون ڏينهن قيام، مرڪائيندو مِڙن کي.

(22)

جي حَب نہ هلڻ سڪيا سي جَڏا ميل جلال
لنگهائي "لشاري" چئي سائين سڀ سنيال
وساري وصال، متان مارڳ ڇڏئين.

(23)

جي حَب نہ هلڻ سڪيا سي جڏا ميل جبار
لنگهائي سڀ"لشاري" چئي سائين سڀ سنيار
وسيلا وينجهار، متان متي ڇڏئين.

سر معذوري
داستان چوٿون

(1)

ويو جاڳائي جوان، والي ڪنهن ولايت جو
سِڪَڻَ جا سامان، ڏنم هوت هٿن سين.

(2)

جت مڙيئي جوان، منجهن مرد هڪڙو
محبت جي ميدان ۾ پنهون ٿيو پهلوان
جڙيو سڀ جهان، آريءَ جي اوصاف ۾.

(3)

ساهه ڪڍي وئين سپرين ڪري قتل جي ڪار
دلبر دل ڦري وئين هٿ بدن رهيو بيڪار
پرين تنهنجي پسڻ لاءِ سِڪان سڀ ڄمار
هٿ بدن ڇڏي وئين بيمار، ساهه وٺي وئين سپرين.

(4)

ساهه وٺي وئين سپرين رويو پڇان رند
چانگن سِر چڙهي ويا ڪيچي واري ڪنڌ
ڏيندس ماهه مرن ڪي سرتيون وڍي سنڌ
هُو پُريا متي پنڌ، آئون ٿي وڻن ۾ واڪا ڪريان.

(5)

ووڙيم سڀ وڻڪار، جيڏيون ڪارڻ جت جي
وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيۡءٍ مُّحِيۡطٌ آرياڻي اختيار
سڀ ۾ پنهون پار، پيو ناهي پروچ ريءَ.

(6)

هوت تنهنجي هنج ۾ پڇين ڪوهه پار
وَفِيۡٓ اَنۡفُسِكُمۡ اَفَلَا تُبۡصِرُوۡنَ تو ۾ پنهون پار
پنهنجو آهي پار، آڏو عجيبن ڪي.

(7)

دوزخ پَئي دوست ملي، ته بهشت مثل پانيان
چلي چاهه منجهان چُمي سِر چايان
وجهي هٿ حرص مان پڇري ۾ پايان
لڱن ڪي لايان، ڇپيون ڇيري سنديون.

(8)

جيڏيون هن جهان ۾ دوزخ جو ديرو
سونهون سويرو، پُڇي پسج سسئي.

(9)

دوزخ منهنجي دل ۾ سدا پيو سڙي
راتو ڏينهن رڙي، پسيو اولانيا عشق جا.

(10)

پسي اولانيا عشق جا دوزخ ڪيون دانهون
واحد ريءَ واهون، ويون ويچاريءَ وسري.

(11)

جڏهن دل دوزخ ۾، تڏهن بدن بهشت ٿيو
پڇري منجهه پيو، اُلو رات عشق جو.

(12)

دوزخ ڪي دور ڪر، ٿي بهشت کان بيزار
آريءَ جو آزار، رهبر ٿيم راهه ۾.

(13)

درد ڏي نہ ڏمال، اڳ ڏکوئي آهيان
ڪيچيءَ جي ڪمال، ريءَ ڪاتي مون ڪُٺو.

(14)

جيڏيون منهن جيءَ ۾، ڏکن ڪيا ڏار
گوندر ڪيا گلزار، سرتيون منهنجي ساھ ۾.

(15)

سرتيون منهنجي ساھ ۾گوندر ڪيو گس
ڏکن جا ڏس، جيڏيون منهنجي جيءَ ۾.

(16)

گوندر ڪيو گهر، جيڏيون منهنجي جيءَ ۾
ڏکن سندا ڏر، سرتيون منهنجي ساھ ڪي.

(17)

رئان تہ راحت ڪِلان تہ خواري
اچي جي آري، تہ ميريائي ماڻُ لهان.

(18)

ڪلڻ خواري پانيان رئڻ ٿيو رحم
وندر جي وهم، مونکي محب ملائيو.

(19)

چورِيءَ رات چڙهي ويا، مَن ڪري مُڇ
ماري ويا معذور کي اوٺي ڏيئي اُڄ
اُتي پير پنهون جو جتي رائو سُجهي رُڄ
ساجن ڏاران سُڄ، پانيان ٿي پنيور ۾.

(20)

چوريءَ رات چڙهي ويا ڪري بات بيان
ماري ويا منڌ کي ڏريائون ڪو نہ ڏيان
سورن جا سامان، ڏيئي مونکي ڏير ويا.

(21)

چوريءَ رات چڙهي ويا ڪري بِرَو فازا بات
نِڌر چڏي ننڊ ۾ ويا نَهوڙي ناٿ
سورن پري سات، ڏيئي مون ڏير ويا.

(22)

ڪيو ڪيچن لاءِ ڪامڻ پاڻ قربان
وڍيندس وير نہ ڪري ڏري ڪونہ ڏيان
ساجن ميلين سج ۾ سسئي کي سبحان
جيءَ جُسوَ ۾ جان، ٿيو حوالي هوت جي.

(23)

ٿيو حوالي هوت جي جيءُ جُسو ۾ جان
منهنجو سڱ ساجن سان ڪيو صاحب ربّ سبحان
وٺي ڪونہ وجود کي، آريءَ ري انسان
ڪاڪيون ڪيچ مڪران، ڏٺم پٺيان پنهونءَ جي.

(24)

ولهيءَ کي وجود ۾ هوتن جو هور
لَنگهي پب پري ٿيا، هاڙهو حَب هنگلور
جَتن ساڻ زور، هلي ڪونہ حَب ۾.

(25)

منهنجو هلڻ هوت ڏي، سرتيون سپ چمار
راتو ڏينهان روح ۾، ڪريان گهگهيرن گفتار
تن تِني جي تار، اٿم ميثاقان من ۾.

(26)

جت نہ پانيان رت،ڏارِيان ڏاري ذات
هيءَ سُتي هو هليا ويا، اُٺي آڏيءَ رات
ساجن سندا سرتيون، اٿم سور سوغات
پنهونءَ جا پريات، رجل ڳوليان راھ ۾.

سر ڪوهياري
داستان پهريون

(1)

تا گِرد ترن ۾ وار وڄائين
فَاِذَا جَبَلَ رَوُوْن اندر ۾ آهين
ڪرها نہ ڪاهين، پاروچا پنيور ۾.

(2)

تا گرد ترن ۾ لڏا لاتائون
مان وتي گوون ٻرون، ايزان اِلون ائين تي چيائون
انهن ريءَ آئون، تيس بيراڳڻ برن ۾.

(3)

ساڄن ڏاران سرتيون رهيو من ۾ موت مدام
هميشہ حشر ۾ ڪاري پانيان قيام
دوست وجهي وئين دام، وحدت جا وجود ۾.

(4)

هڪ پهڻ پيا پيچرا تيان جبل سجهن جڳ
آڏا اڻ سونهن ڪي تا ويري وڙهن وڳ
هُو جي مُني مُنهن لڳ، سي ٽارج لڪ لشاري چئي.

(5)

جيئڻ خاطر جيڏيون ڏيرن ڏنا ڏنجهہ
پڳيس جان پنيور ڪان تہ سور مڙيئي سهنج
لتا مون تان اهنج، پنهون تيس پاڻهي.

(6)

پنهون تيس پاڻهي ويئي سسئي جي سرت
تهان پوءِ ترت، تي حوالي هوت جي.

(7)

پنهون تيس پاڻهي ويو سسئي جو ست
تهان پوءِجت، مليس هوت حَبَ ۾.

(8)

سُيَئِي ڪا پچار، ڪِي هُونهَين تي هٿ ڪٽي
سوين روليون سَسُيون هوتاڻن هيڪار
جت پنهونءَ جا يار، رتي رحم نہ سڪيا.

(9)

برو بگيرد بي روان شيشنگ تيا شهزور
شتر هونگاري هليا، لنگهيا هاڙهو حب هنگلور
ڪج پنهون پرگهور، پيادي جي پنڌ ۾.

(10)

برو بگيرد بي روان شيشنگ تيا شهباز
هوُ شتر هونگاري هليا ايزان جي آواز
پنهون ڪري پرواز، رهبر رسج راهہ ۾.

(11)

زرتو مرتو زِيءُ پنهون نيائون پاڻ سين
تڙش تڙش ڪيم ڪي ڏوري ڏيرن تيءُ
جتن ڪارڻ جيءُ، ڏيئي مَرِج ڏونگرين.

(12)

زُرتو مرتو زير، پنهون نيائون پاڻ سين
تڙش تڙش ڪِيَم ڪِي تيءُ ساڄن لاءِ سڏير
نِتُ وهائي نير، هاڙهي ڳولج هوت ڪي.



(13)

ڏاڍا ڏينيو ڏيهه ۾ چيتا گُهمن چوڌار
گدڙ بگهڙ پولڙا بلائون بيشمار
اُتي ربّ جبار، تي مدد مسڪين جي.

(14)

ڏاڍا ڏينيو ڏيهه ۾ پيا جِنَ جانور جال
رسي ڪون "راضي" چئي رڻ ۾ ڪو رجال
اتي ربّ جلال، تيو ماڙ هِن مسڪين جي.

(15)

شب نه جاڳينءَ شوق سين، سُتِينءَ صبح شام
لايو نينهن نندون ڪرين برهه ڪَئيه بدنام
آريءَ جو انجام، پار ته پوري رهين.

(16)

شب نه جاڳينءَ شوق سين سُتينءَ سي پهر
هتان هوت ڪٽي ويا، سات ڏٽي سردار
رهي توتي مُنڌ ميارَ، ڪچو ڪيچين ڪي چَوين.

(17)

شب نه جاڳينءَ شوق سين، سُتينءَ سويري
هتان هوت وٺي ويا وڪوڙي ويري
اتيس اويري، جاڳيس تان جت ويا.

(18)

شب نه جاڳينءَ شوق سين ستينءَ رات ساري
هتان هوت وٺي ويا اُتياري آري
ڏوهڙ تِنئينءَ ڏاري، پَههُ نه سجاتئه پرينءَ جو.



(19)

شب نه جاڳينءَ شوق سان سُتينءَ ڏيئي سَنجهو
ماري ويا معذور ڪي چڏي مُنڌمنجو
ڏيئي ڏير ڏنجهو، چوريءَ رات چڙهي ويا.

(20)

چوريءَ رات چڙهي ويا ڪري بروفاڌا بات
ماري ويا معذور ڪي ڪيچي هٽي ڪات
ڏکي ڏيئي ويا ڏات، سسئي ڪي سج ۾.

(21)

بروفاڌا بات جن جي تانگر روان تو
چوري رات چڙهي ويا بانڪا وٺي بر
ڪيچي ڪٽي ڪر، تيا روانا راهه ڪي.

(22)

بروفاڌا بات جن جي، سَنجهي سنوارين
چوريءَ رات چڙهي ويا معذور ڪي مارين
توڏا تنوارين، هوت هليو حَبَ ۾.

(23)

نَه نِد دلبر دوست ڪي سڪي ڪَيم سڏ
سُو ۽ سِل هڏ، گهوريان گهوٽ پنهونءَ تان.

(24)

بشي ڪان بلوچ ڪري اتي ويا اڌ رات
هُچن هلڻ وقت ۾ وائي نه ڪئي وات
تن تني جي تات، هتان جي هوت ويا.

نه نِند معنيٰ رات ڏينهن + سُو معنيٰ گوشت+ سِل معنيٰ ڪَل

(25)

نہ ننڊ نهاريان راهہ، سدا سپيرين جي
جي هلندڙ هلي ويا تن لاءِ سڪي ساهہ
آڻيندو الله، پڌيري پرينءَ کي.

(26)

ڪُل نانگيون تي نڪرو لالچ ڇڏي لب
هلو سدائين حُب سين سرتيون اوهين سڀ
هادي پنهنجي هٿ سان راهہ رسائي ربّ
پرين پسو پاڻ ۾ هوت هلي حَب
سيڻن سندو سبب، ننڍُن ڪندي نہ ٿئي.

وائي

ڏونگر منجهہ ڏران آئون نہ ٿَران
هِنيون منهنجو هوت ڪٽي ويا
ڪٽي پير پُنهون جو، جبل چوٽ چڙهان
جيڏيون ڪارڻ جت جي،ڪاڪيون روز ڪڙهان
پنيوران مون بس ڪئي، لڪن پاس لڙان
آريءَ جي اتن جا، پسيو رَند رڙان
مونکي سڪ ساڄن جي، سرتيون تي سڙان
”راضي“ سدائين روح ۾ ، پرين پئي پڙهان

وائي

رات پنهل هو پاسي ۾، اڄ هاڙهي ويو هلي
(1) پينر ڏس ڏکيءَ کي،چاڪ پسان آئون چلي
(2) سرتيون ڪنهن سان سليان سور ڪو وارث ناهہ وَلي
(3) جيڪر منهنجي جوش ۾ وڃن جبل جلي
(4) ويندس پٽيان وَرَ جي محب ڏسان ملهي
(5) هاڙهي پب هنگلور جي، ڳوليندس ڳلي
(6) ”راضي“ ڪي راهہ ۾، آ ڳهہ ٿيندو عليّ عَلَيهِ السَّلام

سر ڪوهياري

داستان پيون

(1)

وڏا وڻ ونـدر جـا جـت مِـرُن جـو مـحـشـر
بـلائـون بـرن ۾ ڪُـرڪِـيـو ڪـٽـن ڪَـر
ويـنـيـون وجـهـن ور، ڏُوران ٿـي ڏنـگـڻ لاءِ.

(2)

وڏا وڻ ونـدر جـا، جـتـي سـفـر گـهـٽـو سـانـگ
سـسـئـي ڪـي سـاجـن جـي تـن انـدر ۾ تـانـگـهـ
لالـڻ ڪـارڻ لانـگ، ڪـديـم روز لـڪـن جـي.

(3)

واقـف نـہ وٽـڪـار جـي جـتـي مِـرن جـو مـارو
بـرن ۾ بـلائـن سـان چـلـي نـہ چـارو
ڪـيـچـي ڪـوهـيـارو، ڏسـان تـان ڏاهـي ٿـيـان.

(4)

ڪـيـچـي ڪـري ڪـاهـہ، مُـيـون مـارڻ آئـيـو
لاهـي سـانـگـا سـاهـہ، ٿـيـس حـوالـي هـوت جـي.

(5)

ڪـيـچـي ٿـي قـهـار، مُـيـون مـارڻ آئـيـو
ٿـيـس نـطـاري نـروار، لاهـي سـانـگـا سـاهـہ جـا.

(6)

ڪـيـچـي ڪـاهـہ ڪـري مُـيـون مـارڻ آئـيـو
پـرتـئـون پـيـر پـري، ٿـيـس حـوالـي هـوت جـي.

(7)

اڳـڻ مـٿـي اوپـرا تـوڏا ڏِنـئـہ تـيـار
وَنـگـيـئـہ نـہ وارن سـان، مَـيَـن جـي مُـهـار
تـہ وِلِهي تـو وٽـڪـار، ڏوريـنـدي ڏيـنـهـن نـہ ٿـيـا.

(8)

اڳـڻ مـٿـي اوپـرا جـڏهـن ڪـرهـا ڏنـئـہ ڪـال
وَنـگـيـئـہ نـہ وارن سـيـن جَـمـل اٺـي جـال
هـاٺـي تـنـهـنـجـي حـال، سـور نـہ پِـرايـا سـسـئـي.

(9)

جـڏهـن پـيـچ پِـنـي پـال، تـڏهـن اوٺـيـن اُٺ پـلاڻـيـا
سُـڌ نـہ ڏيـنـديـن سـاٿ جـي سـرتـيـون ٿـيـم نـہ سـنـيـال
مـهـارون مَـيـن جـون ويـا چـنـائـي چـال
اجـان انـهـي ڳـال، قـيـامـت لايـم قـلـب ۾.

(10)

ور لـڪـن جـي لـوڙ، گـهـوريـا سـڪ پـنـيـور جـا
امـڙ تـون جـي آچـيـيـن سـي ڪـم نـہ اچـن ڪـوڙ
جُـسـي مـنـهـنـجـي جـوڙ، ٻَـڌي ٻـاروچـن سـيـن.

(11)

مـٿـان مـٿـي ٻـاهـہ، ٻـريـم ٻـاروچـن جـي
گهـوريـان گـهـوٽ پـنـهـونءَ، تـان سـرتـيـون سـارو سـاهـہ
امـڙ اوري آءُ، تـہ سِـٽَ سُـٽـايـئـيـن سـور جـي.

(12)

هـوتـن پُـنـيءَ حَـب ۾ سِـرج سـپ جـمـار
مَـوتُـوْ قَـبْـلُ اَنْ تَـمُـوْتُـوا مـرڻـان اڳـي مـار
سـسـئـي سـاجـن لاءِ وحـدت وائـي وار
وسـائـج وصـال جـي مـٿـي مـيـنـگـهـ مـلار
بـلـوچ بـيـشـمـار، پـاڙِج قـومَ پـنـهـونءَ سـان.

(13)

لِڳي ڪوسي هير لوڪ مڙيئي لَهسيو
اُين منجاهن آيو توبهہ جو تاثير
مرن موت قبوليو نت وهائي نير
جانب تنهنجي جدائيءَ ۾ سڙي ٿو سرير
پرينءَ جي پسڻ لاءِ اندر منجهہ اڪير
ور وسيلا وير، رهبر رسج راهہ ۾.

(14)

ڏک سکن جو سينگار، گهوريا سک ڏکن تان
وحدت جي واپار، در ڏيکاريم دوست جو.

(15)

سکن ڏيئي سؤ هزار، ورهہ وهايم وترو
ڏک منهنجي ڏيل ۾ پينَر بيشَمار
ويچارن کين وچايو سورن سڀ ڇمار
دوست جي درٻار، سونهان ٿيا سيگهہ ۾.

(16)

تن سورن کي شاباس، جني مون سان گهاريو
مونکي پنڌ پرين جو ڏکن ڏيکاريو
ويچارن کين وساريو، سونهان ٿيڙا سڄڻين.

(17)

سکن کان ڏکن کي شاباس بيشمار
ويچارن کين وچايو سرتيون سڀ ڇمار
پُرس پرينءَ پار، سونهان ٿيا سيگهہ مان.

(18)

آءُ تہ عشق جا پورا ڏسيئين پار
الاهي اندر ۾ باهيون بيشمار
سدائين سقر جيئن، ساڙي سڀ ڇمار
منگل منهنجي من ٻاريا هوت هزار
الڳ ٿيو آزار، ڪا ڪل پسي پرينءَ جا.

(19)

پاسي ڪر پرهيز ڪي پڌر وڃائي پاڻ
جن ڏٺو آري اکين ساڻ، تن سڀ دين ورائي دُرس ڪيا

(20)

آئون سُتي هو هليا، وٺي محب مَيا
جاڳي جتن جا مون روئي رند ڪنيا
ساجن پُٺيءَ سج ۾ لاٿيم لڄ ليا
مهٽا ساري ملڪ جا وسري سڀ ويا
عقل مَت حيا، ويا پنهونءَ ڪارڻ پنڌ ۾.

(21)

لٿو ڪم ڪيچن جو هليا ناقص ڇڏي نار
وندر جي واٽن ۾ ڪَيَم سڏن سَوَ هزار
تون آهين ڏيهہ ڌڻي ڏاتار، هوتن تان هيڏي ڪئي.

(22)

ڏکوين نيشان، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو
ڇڏي هي مڪان، ڏورڻ هليون ڏونگرين.

(23)

ڏکوين جو ويس، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو
دلبر سندو ديس، ڏورڻ هليون ڏونگرين.

(24)

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو هِي ڏکوين پار
وڃن گوندر گڏيون ساڙي سڀ سينگار
سورن سڀ ڇمار، مون سان ننڍي هوندي نينهن ڪيو

سر ڪوهياري

داستان ٽيون

(1)

پٿر مون پيرن ۾ پلي لڳن بيشمار
آگر آگوني نه ملي ڏونگر وجهن ڏار
هاڙهي وندر وچ ۾ سڙان سيپ چمار
ويندي پرينءَ پار، جُتي ذات نه پايان.

(2)

ڪنڊا مون پيرن ۾ مُرُ لڳن لک هزار
آگر آگوني نه ملي ڏُريَون ٽين ڏار
آري اڪين ٽار، ڏسان تان ڏاهي ٽيان.

(3)

لائي خنجر ”لا“ جو، مجوسيءَ کي مار
ودي وهم وجود جا ورق وحدت وار
ڪدي سڌون سرير مان، تَن توحيد سان تار
محبت جي ميدان ۾ ڪر ڪُسڻ جي ڪار
پُر پرينءَ جي پار، ته هلڻ ۾ هلڪي ٿئين.

(4)

ڪيچان آيو قافلو سات ڏٽي سردار
ڪٿوري خوشبوءَ جا پري آيا بار
اها پئي پچار، ته وريو بخت پنيور ۾.

(5)

آڏا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي پنڌ اڙانگا پور
ويچاري وٽڪار ۾، مَين ڪئي معذور
نرمل رسج نور، پياديءَ کي پب ۾.

(6)

آڏا ڏونگر ڏيهه ۾ جتي لڪن لک هزار
بر ۾ بلائن جون ٻهيرون بيشمار
اتي ڏيهه ڏٽي ڏاتار، رس رسيلا راهه ۾.

(7)

آڏا ڏونگر ڏيهه ۾ مٿي لڪن لاهه
پنڌ اڙانگا پب جا منجهان رُجن راهه
پهٽن پير پٿون ڪيا سک سڪايو ساهه
رس رسيلا واهه، سسئي کي سج ۾.

(8)

مرد جنهن مات ڪيا سي سسئي لنگهيا سو هزار
جبل جاڏا بيشمار، نمن مڙيئي نينهن کي.

(9)

هاڙهو ڳاڙهو ڪيرٿر، جت جبل آهن جام
ور وسيلا سپرين عالم جا امام
اَجها آري ڄام، مَن ووڙيندي وَرِ پَئين.

(10)

هاڙهو، ڳاڙهو، ڪيرٿر جبلججها جِت
پنهون ڪارڻ پب ۾ نيڻ وهائي نِتِ
هوت هلي آ هِتِ، ڪر حوالي حق جي.

(11)

هاڙهو، ڳاڙهو، ڪيرٿر جت جبل آهن جال
پنهون ڪارڻ پب ۾ رويو پڇي رجال
"راضي" جو راهه ۾ ربّ ٿيو رکوال
ساجن لهه سنڀال، سسئيءَ جي سيج ۾.

(12)

پرتوو پنهونءَ جو چڱي آهي چٽي
مصيبت مِٽي، اصل آري ڄام جي.

(13)

پرتوو پنهونءَ جو چڱي اهي چال
مصيبت آهي مال، اصل عاشقن جو.

(14)

اڪيون پرين تنهنجون پانيان هاديءَ جو حضور
سپ لاهين سور، جي ڳالهائين ڳاٺ ڪٽي.

(15)

اڪيون پرين تنهنجيون گهايو وجهن گهور
ميثاقي من ۾ پون پلٽيو پور
نظر ڪرين نور، تہ نوازين نادان کي.

(16)

پريان سندي پار جو ڪتو اڇي ڪارو
تہ سِسِي ساهه سارو، قربان ڪريان ڪُتي تان.

(17)

ڪُتِي قريبن جي پونڪي پٺاري
ويٺي ويچاري، ڏند ڏيکاري ڏيهه کي.

(18)

جيڏيون هن جهان ۾ آيل اٿي اوريو
ساهه تنهن ساجن تان گهوٽ مٿان گهوريو
ڏونگر هلي ڏوريو، پنهونءَ ڪارڻ پب ۾.

(19)

باري بند بلوچ جو نسورو ئي نينهن
رهيو راتو ڏينهن، هر دم هوت پنهونءَ جو.

(20)

هردم هوت پنهونءَ جو ٿيو حقيقت حال
سرتيون ساجن جا، اٿم سور سنڀال
پانيان وڏو پال، جن پسايو پرينءَ کي.

(21)

هِنئين منجهہ هوت لاءِ ڪاڪيون اٿم ڪرٿ
پنهونءَ ڄام پرٿ، لنگهائج لڪن مان.

(22)

پنهونءَ سان پاند جيئري اٿم جيڏيون
اصل آري ڄام ڪيم "ڪُن" ڪا اڳي ڪانڌ
وندر منجهہ ويساند، ساجن ڏنيم سڪ جي.

(23)

ڪَهي ڪيچن جو وَهي وڳ ويو
ساجن تنهنجي ساٿ جو جانب جت ٿيو
پَرو مون پيو، تہ ملي پاڪر پنهونءَ کي.

(24)

هلڻ جو هُل ٿيو، سنيوڙو سات
سُنگ پريندي سيڪا مٿي لڪن لاٽ
جن نندِ وجائي ناٿ، تن تان محصول معاف ٿيو.

(25)

هيڪر "هُئڻ" هار تہ اوڏي ٿِين عجيب کي
اَلْاِنْسَانُ سِرِىْ وَ اَنَّا سِرَهٗ تو ۾ پنهون پار
هوت تنهنجو يار، پرين پراهون نہ ٿئي.

(26)

هيڪر هئڻ ڇن تہ ويجهي ٿين وصال کي
لَا تَقْنَطُوْا مِن الرَّحْمَةِ اللهِ روئي راهون پن
جَت ڏنو جَن، سي محفوظان معاف ٿيون.

(27)

هيڪر هئڻ ڇوڙ تہ ويجهي ٿين وصال کي
وحده لا شريڪ لہ خيمان اندر کوڙ
تہ منڊ پسين موڙ، هاڙهي هوت پنهونءَ جا.

(28)

هيڪر هئڻ ٽوڙ، تہ ويجهي ٿين وصال کي
اللهُ الصّمد بي نياز ٻيائي سَيا ٻوڙ
تہ جيئري ٿِيَئِي جوڙ، هاڙهي هوت پنهونءَ سين.

سر ڪوهياري

داستان چوٿون

(1)

آءُ ڪانگا تو ڏيان نِت ڪڍي نيڻ
وجي ڪاءُ وِلات ۾ جتي سڌر منهنجا سيڻ
واري ڏين ويڻ، تہ پانيان مون پال ٿيو.

(2)

آءُ ڪانگا تو ڏيان ترت ڪڍي تارا
پرينءَ جي پارا، پانيان مون پال ٿيو.

(3)

رفاقت رجن ۾ هادي ٿيو همراه
رات وٺي راه، پهتيون سپ پرينءَ کي.

(4)

جيڏيون منهنجي جيءَ ۾ دردن ڪيو ديرو
پنهونءَ جو پيرو، ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(5)

جيڏيون منهنجي جيءَ ۾، دردن ڪئي درٻار
سورن سپ چمار، ماريو مون معذور کي.

(6)

جاڳڻ جنجل پانيان سمهڻ ٿيو سور
پرينءَ سندو پور، وسري ڪين وجود مان.

(7)
اديون ڙي اٿموٽ اصل ٻار ٻروچڪا
ماري ويا معذور ڪي، ڏيئي ڇانگن چوٽ
ڪيچي ڀڄي ڪوٽ، پنهون وٺي ويا پاڻ سان.
(8)
ٻَڀنئان پري ويا ڇانگن ڏيئي چوٽ
ڀڃائيندس پنهون لاءِ قلعا ڀڃي ڪوٽ
آريءَ ري اوٽ، ٻيو ڀانيان ڪونہ ڀنيور ۾.
(9)
سڪن سِيڙائي، ڪيس پري پنهونءَ ڪان
سورن سمجهائي، ڪيس حوالي هوت جي.
(10)
سورن سمجهاٽي، ڏني منهنجي ڏيل ڪي
ڏکن ڏهاٽي، ڪيس حوالي هوت جي.
(11)
ڏک لڳو ڏونگر ٻريو سڙي سمنڊ سير
منهنجو ساهہ سرير، ٿيو حوالي هوت جي.
(12)
ڏک لڳو ڏونگر ٻريو ڀينر ڪاٺو ڀنيور
گوندر ڪئي گور، جيڏيون منهنجي جيءَ ۾.
(13)
ڏک لڳو ڏونگر ٻريو سريو سڀ جهان
جيڏيون منهنجي جان، ٿي حوالي هوت جي.
(14)
ڏکن منهنجو ڏيل ڀڃي سڀ ڀورا ڪيو
ڏُوئي جا دليل، سورن سيئي ساڙيا.

(15)
پرين وٺي ويا پاڻ سان، پنهون پهلوان
ساجن بنا ساٿيهہ ۾ ڀانيان ملڪ ميدان
سيج مون سوريءَ ٿي تنبو توڙي طُولان
ساڙيندس سقر ۾ سرتيون سڀ سامان
وَٽن ڪين وجود ڪي ٻَڙيون ٻَئي جهان
هِنيون ٿيو حيران، پُنا قول قيام جا.
(16)
پرين وٺي ويا پاڻ سين وسيلو والي
ساجن بنان سرتيون ڀانيان خلق خالي
پنهون ڄام پيالي، پياري ويو پريت جي.
(17)
پرين وٺي ويا پاڻ سين وسيلو وينجهار
ساجن ڌاران سرتيون سُڃو ٿيو سنسار
منهنجي قلب قرار، ناهي اديون اُن ري.
(18)
ناهہ جمعيت جان کي هوت پُڇاڻا هيل
مولا سائين ميل، جن ساءُ چکايم سڪ جو.
(19)
ناهہ جمعيت جان کي ساجن بنا سڀ جمار
پنهونءَ جي پچار، ساءُ چکايم سڪ جو.
(20)
ناهہ جمعيت جان کي هوت بنا هر وار
ڌاتر سي ڏيڪار، جن ساءُ چکايم سڪ جو.

ڪافي

پلو ڪندوم پال، هيٺو حال سندوم

پنهونءَ ڏاران پب ۾ ، هھڙا ٿيڙا حال
سر صدقو ساجن تان مَڏيون گھوريان مال
پيادي‌ءَ ڪي پب مان لڪيون لنگھائيندو لعل
”راضي“ جي راهہ ۾ سائين ڪج سنڀال

ڪافي

هوت سلامت سپرين، ويندا وٺي نال

پنهونءَ ڏاران پب ۾ هھڙا ٿيڙا حال
آگا اگھائج عليل جو، سپاجها هي سوال
پاڙي رهي پرينءَ جي، ڪريان وحدة جو وصال
”راضي“ ڪي راحت ٿي، پسي جانب جو جمال

وائي

ڪيچ ڏٺيءَ ڪم، منهنجو ڪِيو مڪران ڏي
ڏيان ماهہ مرن ڪي، دوست اڳيان دم
پسان پنهونءَ ڄام ڪي، تہ گونڌر لهن غم
ٿيان حوالي هوت جي، وڃن سڀ وهم
ڪائين ڪتا ڪيچ جا، لڱن سوڏ لحم
سرتيون پسي ساجن ڪي، ”راضي“ ٿيو هردم

سسئي

ٽيھ اکري

(1)

الف: اکر هڪڙو سسئي ڪيو سال
ڏيرن مون سان ڏاڍ ڪيو نيائون نہ نال
پنهون ڪارڻ پب ۾ ڪنديس پاڻ پئمال
ڪيچين ڏاران ڪال، پانيان ٿي پنيور ۾.

(2)

ب: ٻيئون تنهن ٻلوچ جي ٻانيڻ هئي ٻانهي
ڏيکاري ڏکي ڪي پرين پيشاني
ميثاقان مونکي ملي، هيءَ نينهن نيشاني
ڪلمي سان قرباني، ٿينديس هادي هوت تان.

(3)

ت: ٽيئون تات تن ۾ توڙن جي تنوار
بر ۾ بلوچن لاءِ نيڻ وهايم نار
ڪيچن جي قطار، هادي مِلاءِ حَب ۾.

(4)

ث: ٿيئون ثابت سور، اٿم آري ڄام جو
کُهي ڪميٽيءَ کي ڪيچن ڪيو ڪلور
هوتن جو حضور، ڏکن مون ڏيکاريو.

(5)

ج: جيمئون جتن لاءِ، روئي پڇان راهہ
مون ڪان ور وٺي ويا، سختي ڏيئي ساهہ
وسيلو ۾ واهہ، پانيان ڪين بلوچ ري.

(6)

ح: حيئون حبيبن لاءِ ڪَھي تي ڪنگال
سسئي ڪي ساجن جو نيَنھن اندر ۾ نال
ڏکيءَ ڪي ڏنيال، ويو لھي وڻن تان.

(7)

خ: خيئون خان ڪٽي ويا پينر رات پنيوران
ٽيس پوچاري پنھونءَ جي ھِئين جي ھوران
ويان ھوند وجود ڪي تڪيان نڪي توران
ڪپيان ۽ ڪوران، جي ھوت مليم حَب ۾.

(8)

د: دالئون درد جون ٽيون سسئي ڪي سارون
ڪَيم مَنجھان قلب جي ڪيچين ڪوڪارون
ساجن منھنجي سور جو دوست ڪندو دارون
توبھ جون تارون، ڏيندا مون ڏير ويا.

(9)

ذ: ذالئون وجي ذوق سان سسئي پسندي سيڻ
وَھايا واتن تي يَري نماٽيءَ نيڻ
ولھِي سُٽي ويڻ، تِلُ نہ ترسي ھيڪڙو.

(10)

ر: ريئون رڙھي راھہ ۾ ڪج پرين جي پچار
اتي وڌ وجود ڪي ڪري ڪاسائڪي ڪار
پنھون تنھن جي پار، ھوت ملندو حَب ۾.

(11)

ز: زيئون زاريءَ سان ھِئين پر ھليج
مَدائي من جي، ڪَوري سپ ڪديج
جھولي پائي جھليج، پاڪر پنھونءَ ڄام جي.

(12)

س: سينَئون اڪر سچ جو سسئي سجاتو
ھلي ھوت پنھونءَ ڏي پير پري پاتو
نڌر جو ناتو، ھو پھرئين ڏينھن پنھونءَ سان.

(13)

ش: شينئون ڪيو شڪ ٻانيڻ ٻيائي جو
پيادي ڪي پنڌ ۾ پنھونءَ ڏني پڪ
وئي لنگھي لڪ، لطف سان "لشاري" چئي.

(14)

ص: صادؤن صحي سنياري، سسئي تنھن ساجن کي
ڏاتر ڏيڪاري، ھيڪر ھوت اڪين سان.

(15)

ض: ضادون زال ضعيف، سسئي سڏ ڪري
آءُ اوري عجيب، تون پنھون پير پري
ھئي جا ھت مَري، سا ڪر حوالي حق جي.

(16)

ط: طوئيئون طالع تنھنجو آھي جيئري متي جن
ماري ويا معذور کي ليڙا منجھ لڪن
پرور رکي پَنُ، ڪج حوالي حق جي.

(17)

ظ: ظوئيئُون ظاھر زاري ٻانيڻ ڪئي ٻروچ لئہ
منجھ ونڊر ويچاري، ڪري ھڪلون ھوت کي.

(18)

ع: عينئون عشق آريءَ جو اتي تون اجار
چوري رات چڙھي ويا، ٻوتن ڪٽي ٻار
ھوتن لئہ ھيڪار، ڏونگر وجي ڏور تون.

(19)

غ: غينئون غافل ڇڏ، سڀ سياڪا سسئي
هتان هاڻئي لڏ، ويهہ وساري ڪينڪي.

(20)

ف: فيئون مان فراق، هلي ڪج حشر
مُني متان ڇڏئين دوستاڻو در
ولهي توڪي ور، ڪندو حوالي حق جي.

(21)

ڪ: ڪافئون ڪُني ڪال، عشق آريءَ ڄام جي
نيندو پنهون نال، هوت نہ ڇڏيندو هيڪلي.

(22)

ق: قافئون قرب ڪُني، آهيان آريءَ ڄام جي
پسڻ ڌاران پريڻ جي هيءَ معذور مُني
جا لڪن منجھ لُٽي، سا قادر ڪيچ رساءِ تون.

(23)

ل: لامئون تي لال، پسڻ مان پريڻ جي
ساجن ڪئي سنيال، سسئيءَ جي سچ ۾.

(24)

م: ميمئون محبت ۾ پئج منڊ مري
متان مني ڇڏئين سندي دوست دري
وندر منجھ وري، ڪندءِ حوالي حق جي.

(25)

ن: نونئون پنهنجي نينهن ڪي سسئي تون سڌار
پنهون ڪارڻ پب ۾ ووڙ سيئي وڻڪار
وحدت وائي وار، ڇڏي سانگا ساھہ جا.

(26)

و: وائون ورق وصال جو سسئي سوايو
پانڌي پرين پار جو اُتاهون آيو
ڪميٽيءَ ڪي ڪيچيءَ سان رازق رسايو
پنهون پسايو، هيڪلي ڪي حَب ۾.

(27)

ھ: هيئون هاڻي حضور، تيو ٻانيڻ ڪي ٻروچ جو
مليو سهاڳ سسئي، تيا ڏک مڙيئي ڏور
نماڻيءَ تي نور، پيو پهرئين ڏينهن پريڻ جو.

(28)

لا: لامَؤن ڪري لات. پنهونءَ ڪارڻ پب ۾
ڏاتر ڏني ڏات، سسئي ڪي سڪ جي.

(29)

ء: الف اکر عشق جو سسئي تون سڃاڻ
پهرين وڃائج پاڻ، پوءِ ڪج هڪل هوت ڪي.

(30)

ي: ييئون ياقي تياس، پنهونءَ ڪارڻ پب ۾
لاهي سانگا ساهہ جا پريڻ پيش پياس
قادر ڪيچ ڪياس، ڪلمي سان ڪريم جي.



سر مومل راڻو

داستان پھريون

(1)

ڪاڪئون قاصد آيو راڻي پاس رهي
چڙهيو محمّد مصطفيٰ سردار صحي
اڳيان خوف نڪي خطرو آيو واحد ڪان وحي
هاشمي هنئي، هر جاءِ هڪل حق جي.

(2)

رُوءِ ناهي راڻي جي سوڍو سين سردار
لاتائين "لشاري" چئي متان ڏيهه ڏڪار
مينڌرو مهندار، آگي ڪيو اڳهين.

(3)

روءِ ناهي راڻي جي سوڍو سين سينگار
لاتائين لطف ڪري عالم تان آزار
ڪانهي ٻي پچار، تيو مڙوئي مينڌرو.

(4)

روءِ ناهي راڻي جي سوڍا سَوَ هزار
لاتائين "لشاري" چئي اونو ، انتظار
ڪانهي ٻي تنوار، تيو مڙوئي مينڌرو.

(5)

مون وٽ محب مينڌرو، قربئون آيو ڪال
راڻي جي رهاڻ مان تي پلائي پال
سوڍي جي سنيال، منهنجو جيءُ جياريو.



(6)

مون وٽ مور مينڌرو ريجهي آيو رات
سوڍي جي صحبت جي وائي اتم وات
مون تَن سدائين تات، راڻي جي رهاڻ ۾.

(7)

مون وٽ مير مينڌرو، اديون اڄ آيو
سوڍي جي صحبت جو سدا مون سعيو
روح اندر رايو، راڻي جي رهاڻ جو.

(8)

مون وٽ مير مينڌرو اڄا ايندو اڄ
سوڍو مون سهاڳ جو راڻو ڏيندو اڄ
منهنجي اوطاين جي تي ڪاڪ سموري ڪج
پَئو ڏڪندا پڇ، ڍوليو آيو ڍٽ ۾.

(9)

مون وٽ مرد مينڌرو سگهو ايندو سپاڻ
سوڍي بنان سَرتيون پيلا پانيان پاڻ
راڻي جي رهاڻ، منهنجو جيءُ جياريو.

(10)

مون وٽ مير مينڌرو هميشه هوندو
راڻو منهنجي روح مان وسري نه ويندو
ڏکيءَ کي ڏيندو، ڪاڪ سموري ڪچ ۾.

(11)

ڪاڪ ڇڏيائون ڪُنڊ تي پاسي تيا پاڻ
مُوتُو قَبۡلُ اَنۡ تَمُوۡتُوا سدا ڪنيائون ساڻ
تن کي کهڙي ڪاڻ، لُڏاڻي لنگهڻ جي.



(12)

راڻـي ڏاران رات، قـيـامـت پـانـيـان ڪـاڪ ۾
ماري ويو ميندرو سوڍو ڏيئي سڪرات
پرينءَ لئه پريات، ڪانگ اُڏايم قرب جا.

(13)

ويـئـي وهـامـي راتـڙي تـڪـيـنـدي تـارا
مِـل مـران تـي مـيـنـدرا آءُ سـودل سـويـارا
پرتئون پيارا، ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

(14)

ويئي وهامي راتڙي سوڍي ڏاران سڀ
لالچ اٿم لب، راڻا تُنهنجي روح ۾.

(15)

ويئي وهامي راتڙي سوڍي ريءَ ساري
جا ميندري ماري، سا ڪيئن وِهي ڪاڪ ۾.

(16)

سوڍي لاءِ سرتيون سڪندي تيم سال
راڻي جي رهاڻ لئه ڪانگ اڏايم ڪال
لانگ ورائي لال، موٽ منهنجا وَلها.

(17)

ڪتيون ڪاپار آيون، لُڏا لڙيا لَس
سوڍي جا سرتيون ويني ڏسان گس
راڻا اچي رس، مِل مران تي ميندرا.

(18)

ڪتيون ڪاپار آيون آئون ولهي بيوس
سوڍي جا سرتيون ويني پچان ڏس
پرين اچي پس، محب مران تي ميندرا.



(19)

ڪتيون ڪاپار آيون تيڙو ايريا تيل
راڻو رات نه آيو ويئي وهامي ويل
ڪُهه سا، ڪاڻي نندڙي جنهن اچ ڪرائي اويل
سور تيم سيل، سوڍي ڏاران سرتيون.

(20)

ڪتيون ڪاپار آيون لڏا لس لَڙيا
ڳوڙها ڳل ڳڙيا، سوڍي ڏاران سرتيون.

(21)

هانديا ڪارڻ هل توکي ڏٽين ڏاريو
پسون اچ پرينءَ کي جودون ڪاهي جمل
مومل هُت محل، ڪرها رسون ڪاڪ ۾.

(22)

ڪين ساڳا هيُم سپرين جاڙون ڪيم جام
سوڍا مونکي شام، موٽي آيون منهن ۾.

(23)

ڪين ساڳاهيُم سپرين جاڙون ڪيم جو
راڻا مونکي روءِ، موٽي آيون منهن ۾.

(24)

مون ڪان مير ميندرو رُسي ويو اڏ رات
وهڻ مون وِههُ تيو قهري لڳم ڪات
مون تن سدائين تات، تون سگهو موٽج سپرين.

(25)

آئون ڪانڌ ڪميڻي آهيان تون ڍوليا ڪج ڍڪ
جتي ايندي سڀ خلق، اتي ڏيج پاند پناهه جو.

سر مومل راڻو

داستان پيون

(1)

ڍولئي ڏَکي آهيان نہ تہ هيس اوڳي اڻچاڻ
پرور ڏٽي پاڻ، ڏنم پاند پناهہ جو.

(2)

ڍولئي ڏَکي آهيان نہ تہ هيس گولي گنهگار
ڪري مينگهہ ملار، ڪڪر ڪيائين قرب جو.

(3)

ڍولئي ڏکي آهيان، نہ تہ هيس اُگهاڙي اسير
ڪري سارنگ سير، ڪڪر ڪيائين قرب جو.

(4)

ڍولئي ڏکي آهيان نہ تہ هيس اگلي عيبدار
پسي مدايون منهنجون تيو شيطان شرمسار
سوڍي سڀ جمار، ڏنم پاند پناهہ جو.

(5)

مومل ڪي مجاز جون تن ۾ ترِاريون
هٽي تي حاڪمن ڪي ڪوٺيو ڪُراڙيون
چوٽ متي چاڙهيون، ماري تي ميدان ۾.

(6)

مومل گهٽيئي ماريا، ماري وِڌي مير
ڪئين ڪُسي ويا ڪاڪ ۾ هزارِي حمير
سوڍي جا سرير ۾ تڪا لڳس تير
مينڌري مهمير، هنيس ڪان ڪپار ۾.

(7)

گُجر گهٽيئي گهائيا گهائي وڌي گهوٽ
ماري ويس مينڌرو ڇَينچل ڏيئي چوٽ
قربئون پچي ڪوٽ، آئي اولانيي عشق جي.

(8)

گُجر گهٽيئي گهائيا وحدة پيس ونگ
راڻي بنان رتول ۾ روح نہ وٽيس رنگ
سوڍي جا سرير ۾ ڏاڍا لڳس ڏنگ
نينهن وساريا ننگ، مومل جا ميدان ۾.

(9)

گُجر گهٽيئي گهائيا، گهائي وِڌي غم
راڻي بنان رتول ۾ دل نہ ٽِڪيس دم
هتي ڪهڙو آهي ڪم، سوڍي بنان سرتيون؟

(10)

سوڍي جو سرير ۾ وڏو تيس وهم
لڳن سوڌ لحم، ڍِيل وڌائين ڏاگهہ ۾.

(11)

راڻا ڪر نہ ماڻا، ڏکيءَ ڏي مَ ڏنجهہ
ساهہَ مٿاهين صدقي، گهوريان مِڙئي گنج
رُساماں ۽ رنج، مناسب نہ مينڌرا.

(12)

راڻا ڪر نہ ماڻا، ڏکيءَ ڏي نہ ڏول
مون ۾ مَتاين جا، جانب اُتئي جهول
ڍڪ مدايون مسڪين جون خطائون نہ ڪول
محبت منو پول، آهين اُتم انسان ۾.



(13)

راڻا ڪر نہ ماڻا، سوڍا مونکي مَ سَٽِ
آئون ڪميڻي ڪاڪ ۾ مينڌرا تون مَ مٽ
جتي ڍوليو هوندو ڍٽ، اتي ڪاڪياري ڪام ٿئي.

(14)

راڻا ڪر مَ ماڻا لنگهہ مَ لُڏاڻو
ڌر قدم ڪاڪ ڪنڌئين پرين اچي پاڻون
ٿي سوڍا سياڻو، مهڻي هاب مَتان ڪرين.

(15)

راڻي ڌاران راس، قلب نہ آهي ڪاڪ ۾
وڻن ڪين وجود کي ڪٿون وهاڻا خاص
وحدت ڏني واس، سوڍا منهنجي ساهہ کي.

(16)

راڻي ڌاران روح کي هاڻي اچن هَول
مون من مينڌري سان ويا ڌهي سڀ ڏول
تو جي ڪيا قول، سي پرين پارج پنهنجا.

(17)

جيڏيون منهنجي جِيءَ سان راڻي ڪِيو رحم
سوڍي آئي سرتيون گوندر لٿا غم
وڇوڙا، وهم، ويا راڻي ڏني روح مان.

(18)

راڻي ڏني رنگ، وڻي ٿو وجود کي
مون من مينڌري سان اڳي لکيو انگ
وحدت سندو ونگ، سوڍي وِڌو ساهہ کي.



(19)

ڍولئي اڳيان ڍار، نائي ڪنڌ نياز سان
ڪين وهنديس ڪاڪ ۾ ساري سڀ ڄمار
مون ۾ لک هزار، مَتاين جا مينڌرا.

(20)

راڻو آيو راڄ ۾ ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ
سوڍي آئي سرتيون واسيا سڀ وٿاڻ
پڌر ڪري پاڻ، ڪَهان هوند ڪاڪ ۾.

(21)

ويو ڪالهہ ڪري سوڍو ڳالهہ صحبت جي
راڻو آيو راڄ ۾ پرتان پير پري
سُنت سر ڌري، پسَان هوند پرينءَ کي.

(22)

ڪري ويو ڪال راڻو ڳالهہ رمز جي
سوڍي ڌاران سرتيون هيڻا اٿم حال
سڪندي ٿيم سال، تولئہ ميان مينڌرا.

(23)

تو جا ڪالهہ ڪئي راڻا ڳالهہ رمز جي
سامون ياد پئي ميثاقي من ۾.

(24)

ويو رات رهي راڻو جيڏيون راڄ ۾
مقابلو مومل سان سوڍي ڪيو صحي
ويو اُت وَهي، جت ناهہ نهايت نينهن جي.

(25)

ڍوليا وڃ مَ ڍٽ، ڪاڪياري ڪاڪ ڪري
چندن جون چڪون ڪريو پرين لِنبان ٿي پٽ
آءُ مينڌرا مَون وٽ، مهڻي هاب مَتان ڪرين.

(26)

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن مقال
اُت ڪانهي ٻي ڳال، سڀ ڪا پسي پرينءَ کي.

(27)

هلو هلو ڪاڪ تڙ، جتي نينهن هڪل
نہ ڪي خوف خلل، سڀ ڪا پسي پرينءَ کي.

(28)

سوڍا جي سردار، سين سُمن ڪاڪ تي
هُتان اچي ڪونہ ڪو هِتان لڏيا لک هزار
ويندي پرين پار، ٻيو عذر ڪيائون ڪونہ ڪو.

(29)

سوڍي سان سرتيون اتم ٻال جَتيءَ ڪان ٻاڻ
راڻو رات رتول ۾ ويو پسائي پاڻ
مومل مينڌري ساڻ، ٻَڌو ٻول ٻروچ چئي.

(30)

سوڍي سان سرتيون هوم ٻال جتيءَ جو ٻول
وساري ڪيئن وِهان، قالو بليٰ جو قول
هميشہ اتم هول، پرين تنهنجي پسڻ جو.

(31)

سوڍا سمر ڪڻ، اڳيان ڪُهُ سُجهي تي ڪاڪ
ڦَڙڪندا فقير ويا، درويشاڻا ڏڻ
هُت گهرجن مڻ، تو پاءُ نہ ڪنيو پاڻ سان.

وائي

راڻا جي رجپوت، مومل صحي پسندا
سيني سمن ڪاڪ تي، شاهہ توڙي ڳدا
رئندا متي راهہ هتان هزارين هليا
مِتي تن مقام ٿي، جي مورت ماهہ هئا
خاڪ تني ڪي ڪاءِ پاسا جن پانگين هُئا
هادي هڏ نہ ڇڏئين مگڻو مرشدا.

وائي

راڻا جي رجپوت، مومل صحي پسندا
پاسا جني پلنگين اهي ڪيئن ڪيا قُوت
جن سچاتو صاحب ڪي سي لاهوتي لا يموت
جن وساريو واحد ڪي، سي ٻر ۾ تيا پيوت
لطف سان "لشاري" چئي سائين رک ثابوت.

وائي

نمازان پڙهڻ روزي رکڻ راتيان جاڳڻ اِها فقيراندي چال
مئين برهہ لتي بيحال، مئين عشق لتي بيحال
حسن هر دم هوت پنهل دي لايا جلوه جوش جمال
اجان ڪُن فيڪون ڪانہ هئي، رهي ڳجهہ اندر دي ڳال
بحر هادي دي بڪرا هليا، مليا نينهن نطارا نال
"راضي" روز ازل دي ڪيتا، ڪيچي قرب ڪمال.

سر جوڳ رامڪلي
داستان پهريون

(1)

سڏايم سرتي داتا ڌرم دين پال
"راضي" راجا سري ڪرشن لال، روشن روءِ زمين تي

(2)

نڪا مڙسي مسلمانن ۾ نڪي هندن جو حال
موذي ڇڏي مال، هلن نتا حق ڏي.

(3)

واهه گُرُوءَ تي وَٽ، ڪلمه لاءِ ڦهر
آهي ڪا پهر، جا ڇئي سچ سين ڪي؟

(4)

گيتا پڙهڻ گناهه، پوٿي پڙهڻ پٽ
سانهه سڃاڻن سِٽ، جنهن مان پسن پرميشر ڪَي.

(5)

پرور پرميشر هڪڙو، هادي آهي حق
شرڪ لاهي شڪ، سَچن سڃاتو صاحب ڪي.

(6)

پرور پرميشر هڪڙو، ٻانهان ٻيو ٻولج ڪين
وحده لا شريڪ له، تن ڪي ڏي تلقين
رکي يار يقين، صاحب سڃاڻج سيگهه مان.

(7)

پرور پرميشر هڪڙو ٻانهان ٻيو نه ٻول
لڳي ڇئي چورن جي، راول پاڻ نه رول
ڏاهي سيئي ڏول، ٿي حوالي حق جي.

(8)

گنگا ۾ گِيم نه لهن نڪي مَڪي مدايون ٿين معاف
جن سينو ڪيو صاف، تن ڪان پاڻهي پاپ پري ٿيا.

(9)

گنگا وڃي گُر نه ٿئي، نڪي مڪي ٿئي مقبول
جتي ريجهي ربّ رسول، اتي هنڌ آهي حج جو.

(10)

گاندو وڃن گنگا تي، مڪي وڃن مردود
سو نه ڪن سجود، جنهن مان پسن پرين ڪي.

(11)

گيدي وڃن گنگا تي، مڪي وڃن مروان
ڪمثل الحمار يحمل اسفار ڪدي ڏس قرآن
خانو بنايل خليل جو تو ۾ سر سبحان
جتي راضي ٿئي ربّ رحمان، اتي هنڌ آهي حج جو.

(12)

گنگا ۾ گلزار، آهيان مڪي ۾ منتار
اڇي امرت سر ۾ ڪيم خالصا خبردار
نانڪ شاهه نروار، راضي روءِ زمين تي.

(13)

گنگا ۾ گل گلاب، آهيان مڪي ۾ مهتاب
اڇي عالم ۾، ڪوليم الستي آفتاب
پڙهايم پرت مان قلبي قرب ڪتاب
نيهي نر نواب، راضي روءِ زمين تي.

(14)
گنگا منجھ گام، منهنجو مڪي منجھ مڪان
ڪٿي پڙهايم پوٿيون، ڪٿي پڙهايم قرآن
ڪٿي سڏايم سري ڪرشن، ڪٿي مومن مسلمان
جڏهاڪون جڳ جهان،تڏهاڪون راضي روءِ زمين تي
(15)
گنگا ۾ گام منهنجو، مڪي منجھ مقام
ڪاٿي قرب قرآن سان ڪاٿي راتو ڏينهان رام
ڪاٿي ماري مجوسين کي ڪيم ڪُل قتلام
ڪٿي بيٺڪ بغداد ۾ ڪٿي مسند مصر شام
ڪٿي ڪُل من عليها فان، نڪا صبح شام
محڪم مرد مدام، راضي روءِ زمين تي.
(16)
مڪي ۾ موجود آهيان گنگا ۾ گئوپال
اچي امرت سر ۾ ٿيس نانڪ شاهه ننڪپال
هر لعل هرپال، راضي روءِ زمين تي.
(17)
مڪي ۾ مقبول، آهيان گنگا ۾ گُرپال
اچي امرت سر ۾، ٿيس نانڪ نور نهال
جوڳي جڳ پال، راضي روءِ زمين تي.
(18)
ڪي محو مڪي ۾ ڪي گنگا ۾ غرق
ورائي ورق، لاهوتي لعل ٿيا.
(19)
نڪا غرض گنگا جي نڪا مڪي جي ميار
طالب ترت تيار، راضي روءِ زمين تي.

(20)
گنگا منهنجي گود ۾ ، مڪو من موجود
صاحب کي سجود، ڪيو راضي روز ميثاق جي.
(21)
گنگا منهنجي گود ۾ مڪو من مدام
ساريءَ خلق سلام، ڪيو راضي روز ازل جي.
(22)
گنگا ۾ غلام منهنجا مڪي منجھ مريد
خلق ڪل خريد، راضي ڪئي رمز سين.
(23)
گنگا ۾ گوڙ ٿي آيو مهدي چام
ڪري هڪل هاشمي ڪفر ڪندو قتلام
روشن ٿيو راضي چئي عالم جو امام
محڪم مرد مدام، هٽي نعرا حق جا.
(24)
گنگا ۾ گوڙ پئي آيو مهدي مير
عرب عجم اجمير ڪڙڪيو منجھ ڪشمير
حڪم تنهن هاشمي کي ڏنو قادر ربّ قدير
محڪم ماهه منير، هٽي نعرا حق جا.
(25)
گنگا ۾ گوڙ پئي آيو مهدي شاهه
ڪري هڪل هاشمي رهبر وٺائي راهه
محڪم مورت ماهه، هٽي نعرا حق جا.
(26)
گنگا ۾ گُرپال آهيان، هنگلاج ۾ هَري
ڪاشيءَ ۾ ڪرشن آهيان رشي رهبري
تيرٿن ۾ تاج آهيان اوتار ايشوري
بيشڪ برتري، راضي روءِ زمين تي.



سر جوڳ رامڪلي

داستان پيون

(1)

مڪي ۾ موجود آهيان مديني مُنوَري
پيرن ۾ پڳدار آهيان عاشق انوري
مستن ۾مهندار آهيان ابدال اڪبري
سرتاج سروري، راضي روءِ زمين تي.

(2)

هنگلاج منهنجي هنجهه ۾ گنگا منهنجو گهر
بيتڪ منهنجي بيت الله ۾ ماڳ مدينو منور
رباط منهنجي روم ۾ شام منهنجو شهر
رحمة اللعالمين خاتم الانبياء ٿيو پاڪ پيغمبر
عنايت العالمين خاتم الاولياء مونکي ڪيو پاڪ پرور
سخي سرتاج سرور، راضي روءِ زمين تي.

(3)

گنگا وڃن گودڙيا ساڌو سناسي
سدا وتن سُڪ ۾ عاشق اداسي
جي پورب پياسي،سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(4)

گنگا وڃن گودڙيا سامي سَوَ هزار
هلن وڏي حُبّ سين بابو بي شمار
جي سِڪن سپ چمار،سي جوڳي ڏسان تان جيان.



(5)

گنگا هليا گودڙيا ويراڳي وير
پرينءَ جي پسڻ لئه نت وهائن نير
پورب جن جو پير، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(6)

گنگا وڃن گودڙيا ساڌو سڌير
آديسين الک جي اندر منجهه اڪير
جي محبت ڪيا منير، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(7)

گنگا هليا گودڙيا آديسي اٺموٺ
پيهي ويا پورب ۾ ڇنگ وڃائي چوٽ
الک جن جي اوٽ، سي ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(8)

گنگا وڃن گودڙيا ساڌُو سپ سچار
هلن وڏي مُحبت سين ڪري قرب قطار
پورب جن جو پار، سي ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(9)

گنگا وڃن گودڙيا آديسي اڙٻنگ
پرينءَ جي پسڻ لاءِ ڪن راول رتو رنگ
جي محبت ڪيا ملنگ، سي ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(10)

گنگا هليا گودڙيا راول رنگ رتول
سناسي سر تي مانجهي ٻڌن مول
جن جو ڪرشن سان قول،سي جوڳي ڏسان تان جيان

(11)
گنگا هليا گودڙيا سامي ڪري سِڪ
پيهي ويا پورب ۾ لوڪان لاهي لِڪ
اندر جَنِ عِشق، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(12)
سامي سفر هليا بابو رنگ پيوت
پيهي ويا پورب ۾ سناسي ثابوت
قرب جني جو قوت، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(13)
سامي سفر هليا ڪٽي نفيلون ناد
عشق الڪ جي ڪيا آديسي آباد
لاهوتين "لشاري" چئي ٿيو الستي ارشاد.

(14)
سامي سفر هليا جوڳي ڪري جوڙ
سناسي سر تي مانجهي پڌن موڙ
جن ڪي واحد جي ووڙ، سي ڏسان تان ڏاهي ٿيان.

(15)
سامي سفر هليا ساڌو سپ سڄاڻ
پيهي ويا پورب ۾ پدر وڃائي پاڻ
جن ڪي صاحب جي سڄاڻ، جوڳي ڏسان تان جيان.

(16)
گرنار هليا گودڙيا ساڌو سپ ذات
آديسي الڪ جي ڪن وائي سدا وات
جي پورب هليا پرڀات، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(17)
ڪوڙا سامي ڪوڙي سامين راهه
هوت هتيئي آهه، هو تا وڃن هنگلاج ۾.

(18)
سچا سامي سچي سامين راهه
هوت هتيئي آهه، پر هنن ڏٺو هنگلاج ۾.

(19)
سدا وهن ساموهان عاشق اتر جهل
لاهوتين لشاري چئي ڪامي ويئي ڪل
مٿي جن محل. هلو ته آسڻ پسون اُن جا.

(20)
جي حاصل ٿيا حبيب سان، سمهڻ تن سينگار
نيڻ هيرائي نند تي سُتا سپ چمار
تن تان ڏيهه ڏٺي ڏاتار، ڏک مٽيئي ڏور ڪيا.

(21)
جي اتئي حُب حبيب جي، ته شوق شريعت ڪر
وٺ تلقين طريقت جي حقيقت ۾ هر
معرفت ۾ مر، ته پوءِ ملين محبوب سان.

(22)
شريعت جي شوق سان طريقت ڪي تاڻ
حقيقت جي حال سان ماڳ معرفت ماڻ
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ اکين اوڏو ڄاڻ
"آئون" نه اوڏي آڻ، ته راول رسين رام ڪي.

(23)

جي اٿئي شوق شفيع جو تہ ڇڏ طمع جي تات
وڃ وهم وجود جا ڦهري هٽي ڪات
راول توکي رات، پوي وجي پورپ ۾.

(24)

جي اٿئي شوق شفيع جو ڏي طمع کي ترڪ
وڃ وهم وجود مان وراءِ وحدت ورق
مدامي مرڪ، لاهوتي لامڪان ۾.

(25)

اوڏو نہ وڃ "الف" کي "ميم" نہ رکج من
ڪنبي ڪجاڻ ڪَن، عاشق ان اکر کان.

سمجهاڻي: الف جي مراد آئون ۽ ميم جي مراد مون يعني آئون ۽ مون قلب مان ڪڍي ڇڏ.
چئہ تون هي تون

سر جوڳ رامڪلي

داستان ٽيون

(1)

طمع تي تنگ سڀ ڪوئي سڏ ڪري
پسي رواجي رنگ، هزارين حيران ٿيا.

(2)

طمع تي تيئن سڀ ڪوئي سڏ ڪري
قابو ڪيا ڪيئن دلاسي دوئيءَ جي.

(3)

طمع تي تيار سڀ ڪو ئي سڏ ڪري
موليٰ جي ميار، ويئي تن کي وسري.

(4)

دلاسي دوئيءَ جي ڪيا ڏٽيءَ ڪان ڏار
پرين جو پار، ويو تن کي وسري.

(5)

سامي ويا وسامي ڪامي ٿيا خاڪ
جهڙو ڏسن ڏوهہ کي تهڙو پسن پاڪ
عشق جو ادراڪ، سر ڏيئي سِکيا.

(6)

عاشق اوتارن ۾ اوطاقن ۾ امير
سي وڏا آهن پير، جن جي محبت مولا سان.

(7)

عاشق اوتارن ۾ لاهوتي للهنگ
پيهي ويا پورپ ۾ مستانا ملنگ
پائي قرب ڪلنگ، راول رچي راس ٿيا.

(8)
عاشق اوتارن ۾، اوطاقين اُمراء
سي وڏا آهن شاهه، جن جو قرب ڪريم سان.
(9)
اڄ نه اوتارن ۾ لاهوتين لباس
پيهي ويا پورپ ۾ مڙهيون ٻاري ماس
وحدت جن جو واس، سي راول سپ رمي ويا.
(10)
اڄ نه اوتارن ۾ بابو رنگ ڀيوت
پيهي ويا پورپ ۾ سناسي ثابوت
قرب جن قوت، سي لاهوتي لعل ٿيا.
(11)
اڄ نه اوتارن ۾ آديسي اٽموٽ
پيهي ويا پورپ ۾ ڇنگ وڄائي چوٽ
الک جن اوٽ، سي لاهوتي لعل ٿيا.
(12)
اڄ نه اوتارن ۾ بابو بيراڳي
آديسي اٿي ويا جن ري وتان ويراڳي
جانب لئه جاڳي، لاهوتي لعل ٿيا.
(13)
اڄ نه اوتارن ۾ بيراڳي ٻهير
آديسي اٿي وياجن لئه نيٽئين وهن نير
پورپ جن جو پير، سي لاهوتي لعل ٿيا.
(14)
جي پاسي چئن پنجن ڪان، پڳوان تن نه پيڙو
مُڪتي جو ميڙو، ڪڏهن پسندا ڪينڪي.
(15)
جي پاسي چئن پنجن ڪان پيڙو تن نه پڳوان
صاحب ربّ سبحان، مُور نه مرهيندو تن ڪي.

(16)
چڱو چاهه چئن ڏي پورو پنجن سان پيار
ڪيوسُون هڪ يار، ٻيو ڏنو سين ڪونه ڪو.
(17)
تيسين ساڻن ڏور جيسين آهن اوتارن ۾
ڏهه لک پيرا ڏينهن ۾پاڻ متائنُن گهور
هو جي ويا شهمور، سي ڪرمين ملندا ڪاپڙي.
(18)
تيسين ساڻن ٿور، جيسين آهن عالم ۾
ڏهه لک پيرا ڏينهن ۾ پاڻ متائنُن پور
هو جي ويا ڪشمور، سي ڪرمين ملندا ڪاپڙي.
(19)
گنجي ڏونگر گام جي جن سُئي پچار
چڙي سپ ويچار، لاهوتي لعل ٿيا.
(20)
گنجي ڏونگر گام، جي پيئي جن ڪي پُڪ
شرڪ لاهي شڪ، راول رچي راس ٿيا.
(21)
گنجي ڏونگر گام، جي پيئي جن پياس
ڪري قرب قياس، راول رچي راس ٿيا.
(22)
راتيان ريجهن رام سين ڏينهان ڏورين ڏِيل
آديسي اصيل، لاهوتي لعل ٿيا.
(23)
گنجي ڏونگر گام جي سُٽي جن مقال
چڙي خام خيال، لاهوتي لعل ٿيا.
(24)
گنجي ڏونگر گام ۾ ٿيا لاهوتي لعل
ڪاهوڙين خيال، آهي اڳين پنڌ جو.



سر جوڳ رامڪلي
داستان چوٿون

(1)
جي پانئين پرين پسان تہ وڃڻ لاءِ وڄ
موتو قبل ان تموتوا مامر سدائين مڄ
پولا مڙيئي پڄ، تہ راول رسين راز کي.

(2)
جي پانئين پرين پسان تہ جلاءِ پنهنجو جيءُ
وحدت وڏو ويءُ، جن پيتو سي پُر ٿيا.

(3)
جي پانئين مُڪتي ملي تہ دل دوزخ جهل
حاوي منجهان هل، تہ راول رسين راهہ کي.

(4)
جي پانيئن مُڪتي ملي تہ وٺ پڳوان جي پر
ڏک نڪو ڏر، پاسي پرميشر جي.

(5)
جي پانئين مُڪتي ملي تہ ڪر پرين جي پچار،
چڱيءَ طرح چئن ڏي پَر پنجن جي پار،
هوائون هنگلاچ ڏي، ڏرئون رکج ڏار،
نانگا ٿي نروار، تہ راول رسين رمز کي.

(6)
جي پانيئن پرين رسان پهرين وڃائج پاڻ
اکر "آئون" جو، ڪڻ نہ سناسي ساڻ
تہ قادر جي ڪاڻ، مٿان تو معاف ٿئي.



(7)
جي پانئين جوڳي ٿيان مڙهي مُور مَ ناهہ
سپيريان جي سڏ تي رمي وڃ راهہ
صدقو ڪري ساهہ، راول پسج رام کي.

(8)
جي پانئين جوڳي ٿيان تہ پاسي ڪر پاڻ
واعدو وحدت جو ڪڻ سدائين ساڻ
احد جا اُهڃاڻ، نانگا پسين ناهہ ۾.

(9)
جي پانئين پرين پسان تہ اکيون ڪن مَ ڏار
ڳُنگو ٿي گذار، تہ راول رسين رام کي.

(10)
جي پانئين پرين پسان تہ ڪر زاريءَ جو ذڪر
فنائي جو فڪر، راول رکج روح ۾.

(11)
جي پانئين جوڳي ٿيان تہ ڪر وحدت جو وصال
من ۾ محبت جو مانجهي رکج مال
صاحب ري سوال ڪج، نہ ڪاپڙي ڪنهن کي.

(12)
جي پانئين جوڳي ٿيان تہ ڪر خوديءَ کي خاڪ
وڃ وهم وجود جا تاڙيون پيچي تاڪ
هلي هنگلاچ ڏي پورب پسين پاڪ
جُسي ۾ جبار جي اَڏ سدائين اوطاق
سندي محبت ماڪ، سدا وسائج سر تي.

(13)

جي پانئين جوڳي ٿيان، تہ وجهہ سيني اندر سير
منجهئين تيرٿ تڪيو منجهئين پورب پير
منجهئين بابو بڪيا منجهئين ڪندون ڪير
منجهئين گام گروءَ جو منجهئين سناسي سڌير
منجهئين گنگا منجهئين جمنا منجهئين گوبند گير
منجهئين ڪاشي منجهئين هنگلاج متان ٿين دلگير
منجهئين مڙهي منجهئين مسجد منجهئين مورت مير
منجهئين دَيا منجهئين ڌرم منجهئين ايشور امير
منجهئين راجا منجهئين رعيت منجهئين وهن سپ وزير
منجهئين نارائڻ سر منجهئين ڦيري دار فقير
ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد ويجهو آهي وير
بستي ڏور مَ ڀير، تو ۾ اتس تڪيو.

(14)

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ ڪُوڙي ڪر نہ بات
راول پڇندو روبروتوحيد جي تات
”راضي“ ڏينهان رات، ڪُنبج در قهار جي.

(15)

جي پانئين رسان رمز کي تہ وٺ سُونهَن جي صلاح
حڪم هاديءَ جا، هِنئين منجهہ هلاءِ
امر ذاران اللہ، ڪڏهن پسندين ڪينڪي.

(16)

جي پانئين جوڳي ٿيان من ماري ڪرمات
هج تون هنگلاج ڏي نانگا ڇڏي نات
راول توکي رات، پوي وڃي پورب ۾.

(17)

جي پانئين جوڳي ٿيان ڪر ڪُسڻ جي ڪار
”راضي“ انهي راهہ ۾ رک اندر جي آر
پرين سندو پار، نانگا پسين ناهہ ۾.

(18)

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ جيئري ڇڏ جهان
اندر ۾ اللہ جو مانجهي اڏ مڪان
موتو قبل ان تموتو رک نظارو نيشان
تہ سڌر ٿين سلطان، متانهون مڙني جي.

(19)

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ هٽ ڪر پنهنجو حال
وڍي وهم وجود جا ڪاٽ خوديءَ جو خيال
پري ناهي پاڻ ڪان صاحب جي سنيال
”راضي“ جذب جمال، ماڻي ڏس محبوب جو.

(20)

جي پانئين جوڳي ٿيان تہ اکين ٿي انڌو
ويڙهي ڇڏ وجود تان ڪاٽا هي ڪنڌو
نفس کي نابود ڪر ڪامل ڏيئي ڪنڌو
ٻاري ڇڏ ٻيائيءَ جو ٻوڙا تون ٻنڌو
قادر ڪرم ڪندو موڳا انهيءَ مام سين.

(21)

جي پانئين رسان رمز کي تہ ٻيئي ڪَنَّ ڪپاءِ
سندي سپيريان ڳالهڙي هِنئين ساڻ هَنڊاءِ
ٻي کي ڪين ٻڌاءِ، تہ ويجهو ٿئين وِصال کي.

(22)

سُٽي سڏ سيگهہ ۾ راضي تئي ربّ
پَر جي حرفت حڪمت سان ڪَڍين ڪُوڙ قلب
هوڙها هئڻ وڃائي جي اڃين ساڻ ادب
تہ موڳا تو مطلب، ڪري پورا مولا مهر سين.

(23)

موليٰ ڪري، مهر سان ، صاحب سڏ سُٽي
رمز رکج روح ۾ ڏُريان ئي تون ڏٽي
"پيءُ پيالو پرينءَ سين" وحدتي ويو وٽي
رازق رب ڏٽي، آجو ڪَريئي عيبن ڪان.

(24)

جي پانئين جوڳي ٿيان پاڻ وڃائي پُور
نانگا اڳيان ناٿَ جي هر دم هوئج حضور
ويراڳي وجود کي ڪر تُون تجليءَ طور
نِت نظارو نور، راضي پَسين رُوح ۾.

(25)

جوڳي ڪي جُڳ ٿيا، اُيي الک پار
لاهوتي لعل لشاري چئي نِت وسائي نار
سامي سي چمار، اُيو آهي ادب ۾.

(26)

جن اُجهو تن پُجهو ويتن ٿيو واپار
لٿو تن لشاري چئي اندر جو آزار
ڏوري ڏنائون ڏيل ۾ گنگا ۽ گرنار
وَڏي وڏائون وحدت سين جيءُ جو جنجار
ڪونہ ڏٺو جو ڪاپرين ڪابُل ۽ قنڌار
پورب جن جو پار، تن گُر ويتي گڏيو.

وائي

سامي سَوَ هزار جوڳي بيشمار
منهنجو لکيو لاهوتين سين
سين هنيائون سُج ۾ ٿيا پرينءَ در پينار
آئون اداسي اُن لاءِ جي ڪابل ويا قنڌار
هلن هو هنگلاج ڏي پُرن پورب پار
بابو ٿا برن ۾ ڏورين در ڏاتار.

ڪافي

جوڳي پيا بہ جال، سامي پيا بہ جال
منهنجو لکيو لاهوتين سين
1.الفت آديسين جي شوقا پسان شال
2. مانجهي مون ماري ويا، قربئون ڪُهي ڪال
3.ويراڳي واحد سين، ڪن وحدت جو وصال
4.پيهي ويا پورپ ۾ ، پسي جانب جو جمال

سر جوڳ رامڪلي

داستان پنجون

(1)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي سامي ڏٺم سڀ
عالمن عابدن ڪان، راهه پڇايم ربّ
بنا لالچ لب، ڏٺم ڪونه ڏيهه ۾.

(2)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي ڏٺم آديسي عام
عالمن عابدن ڪان پڇيم پر اسلام
ڪن جو نينهن نماز سان ڪي عيش ڪن آرام
ڪن جي محبت موليٰ سان، ڪي تازا طلبين طعام
ڪن جو زور ذات تي تِڪ رکن تمام
ويچارا وهم جي ساندي جهليا سام
پرينءَ جي پسڻ جي، ڪي مرد پروڙين مام
جوڳي گهمن جام، ڪو ڪو منجهن ڪاپڙي.

(3)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي سامي سو هزار
هلن تا هنگلاج ڏي بابو بيشمار
جي سِڪن سڀ ڄمار، هلو آسڻ پسون تن جا.

(4)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي، ڪنوتيا ڪن قار
راول پنهنجي رام ڪان دم نه تين ڏار
جن ڪي پورڀ جي پچار، هل اڳڻ پسون تن جا.

(5)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي، ڪر وحدة جو واپار
عهد سدائين الست جا پورا پرينءَ سان پار
ته محشر جي ميار، مٿان تو معاف ٿئي.

(6)

جوڳي يوڳي ڪاپڙي وحدة ڪِي مَ وسار
قول قالو بليٰ جا سامي سيئي سار
ڪر وحدة جو واپار، ته مهند موچارو ٿئين.

(7)

ڏٺا مون ڏيهه ۾ لاهوتي لعل
هادي تن جي حاضريءَ ۾ رکيا مَڏيون مال
صاحب ريءَ سوال، ڪڏهن ڪن نه ڪاپڙي.

(8)

لاهوتي لعل ٿيا، ڏيئي سناسي سر
وحدة ڏاران وجود ۾، رکن ڪين ڪو تر
بيراڳي جهاڳي بر، وڃي رسيا راهه ڪي.

(9)

ڪاچوتي ڪال، نانگن ٻڌي نينهن جي
جهڙا آيا جڳ ۾ هليا تهڙي حال
سڪ نه سُتا ڪڏهين وساري وصال
تن جي قال مقال، پورب تيندي پڌري.

(10)

اُج الفت آديسين جي بک يانئين ياڳ
سدائين سڪ جي اندر دُکائين آڳ
پڻ هليا پرينءَ ڪي مانجهي ڇڏي ماڳ
پيهي ويا پورب ۾ وصل واري واڳ
وحدت جو ويراڳ، قربئون ڪندا ويا ڪاپڙي.

(11)

لاهوتين لانگ ڪدي روز ”ڪُن فَ“ جي
اِنَّ اللهَ مَعَ الصَّابِرِيۡنَ تن رکيائون تانگهہ
ويراڳي ويسانگ، راول رسيا رام ڪي.

(12)

لُنگ ڪديائون لعل، موتي ڪن نہ مَسحو
”طالب المولىٰ مذكرٌ“ سدا سناسين قال
ڪري حقيقت حال، راول رسيا رمز ڪي.

(13)

لنگ ڪديائون لس، موتي ڪن نہ مَسَحو
سناسي صاحب جي ويراڳي تيا وس
گنگا وني گس، راول رسيا راز ڪي.

(14)

لنگ ڪديائون لام، موتي ڪن نہ مَسَحو
لاهوتي لعل لشاري چئي جوڳي هليا جام
ريجهائي رام، راول رسيا راز ڪي.

(15)

لنگ ڪديائون لعل موتي ڪن نہ مسحو
راتو ڏينهان رام ڏي چوها ڏين چال
سناسي صاحب جي رکن سڪ سنيال
نانگا ڪري نال، راول رسيا راز ڪي.

(16)

تيا لاهوتي لعل، راتوڏينهان رام سان
سناسي صاحب ڏي هليا چڱي چال
ويراڳي واحد سين ڪن وحدت جو وصال
قربئون ڪَهي ڪال، راول رسيا راز ڪي.

(17)

وحدة جن وصال، تن تان لتا حق حَجَ جا
مڪي تيا مثال، سڀ ڪو مرڪزسمجهي ان ڪي.

(18)

بدن جن بيت الله، تن تان لتا حق حج جا
قائم ڪعبة الله، ڪنيو گهمن خيال سان.

(19)

ڪيڏانهن ڪري نِيّتيان ڪعبو تيو ڪُل
لتي سڀ پُل چوڏاري پسڻ پرينءَ جو.

(20)

منهن محراب پرينءَ جو جامع سڀ جنسار
فرقان جي قرهي تي آندائون اعتبار
اڳ ۾ پوءِ ستار، ڪيڏانهن ڪري نيتيان.

(21)

مونا طور سينا سدا بيراڳين بات
تي طلب تني جي طاريءَ ساري رات
تي صحبت ساهہ ڪي جيءَ ۾ جني جي جهات
هي هنيون هاديءَ لاءِ قاف ڪرب جي ڪات
ميم جن جي من ۾، لاهوتي جي لات
وَالتّين جن جي وجود ۾ والضّحيٰ تني جي وات
مونکي بہ لڳي لنئون لاهوتين جي تن اندر ۾ تات
راول انهيءَ راهہ ۾ سدا پڙهن صلواة
جي پورپ ويا پريات، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(22)

مونا طور سينا بيراڳين پيرو
پرينءَ جي پسڻ کان منهن نہ ڪيائون ميرو
سنجهي مون نہ سنپاليو اُبيس اويرو
ڪاپڙي ڪيڏانهن ويا قبلو وٺي کهڙو
ڏيئي وڃ ڏيل ۾ جانب جلائي جيرو
لائي ويم آگ اندر ۾ جلائي جيرو
اڄ تن آديسين جو ڪٿي پڇايان پيرو
راهہ ۾ هن راضيءَ تي ڪج فضل جو ڦيرو
ديوانن ديرو، ڏسان تان ڍاهي ٿيان.

(23)

مونا طور سينا آديسين اهڃاڻ
سُڪن جا سپ پَرئين پڃي ڇڏيائون پاڻ
والضحيٰ والليل اذا سجيٰ ڄاتئون اهو ڄاڻ
" طالب المولیٰ مذکرٌ " تن اندر ۾ تاڻ
"ڪل من عليها فان" سدا سناسين ساڻ
ڪاپڙي قلب مان ڪوري ڪڍن ڪاڻ
جسي منجهہ جبار جو ڪن ويراڳي وٿاڻ
قل هُوَ الله قلب ۾ آڏوتي تون آڻ
جي پورب هليا پاڻ، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(24)

مونا طور سينا سناسين سلام
فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُم آديسين انجام
ڄاپندي ئي ڄام، ٿيا جوڳيئڙا جهان ۾.

(25)

مونا طور سينا پهرئين ڏينهن پيا
وَمُنْ اَحْسَنُ مِنَ اللهِ صِبْغَةً وَنَحْنُ لَهٗ عَابِدُوْنَ ويراڳي ويا
ڪاپڙين ڪيا، هالاٽا هنگلاج ڏي.

(26)

مونا طور سينا سدا سناسين سڪ
"طالب المولیٰ مذکرٌ" ڪَيئي لاهوتين لِڪ
آديسين عشق، سدائين سبحان جو.

(27)

مونا طور سينا سناسي سنوارين
اَلْحُبّ لِلّٰهِ وَالْبُغْضُ لِلّٰهِ ويراڳي وارين
توحيد تنوارين، آديسي عشق مان.

(28)

مونا جن مڪان، جسو جامع تن جو
تحقيق جي تڪبير سان رکيائون دل ڏيان
اڳواڻ عاشقن جو رهبر ٿيو رحمان
سيوئي سبحان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان.

(29)

هادي جن حنان، جسو جامع تن جو
تحقيق جي تڪبير چئي آندائون ايمان
امام عاشقن جو باري ٿيو بُرهان
مڙوئي منان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان.

(30)

هادي جن حَنان، جسو جامع تن جو
ڪُنَ کان اڳي ڪَنِ پئي عشق جي آذان
توحيد جي تڪبير چئي ڪُسي ٿيا قربان
بر مڙئي پڳوان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان.

(31)

ٻانگون ٻوڙن لاءِ، عاشقن اَلستي آذان
اهڙا جن نيشان، سي لاهوتي لعل ٿيا.

ڪافي

جوڳي پيا ٻہ جام، منهنجو لکيو لاهوتين سان
وحدت ويراڳين کي، توڙئون طلب تمام
مانجهي مون ماري ويا، ڪري ڪالهہ قيام
”راضي“ روز ميثاق جي، جهلي سناسين سام

ڪافي

سيّد جهليندو سام، مهندان محشر ماڳ ۾
اڙين جي اڏر تي، ولهين جي واهر تي اُجاريندو اسلام
ڪنڌ نمائي ڪيترا، سوين ڪندا سلام
موليٰ تنهن کي مُهت ڏيندو، ڪندو قرب ڪلام
”راضي“ روز ازل کان ، گولو تنهنجو غلام

سر جوڳ رامڪلي

داستان ڇهون

(1)

وڃين ويراڳين جي مٿي دونهين ڏڌڪار
ساڙي سور سنهان ڪيا سامي سڀ ڇمار
نانگا تي نروار، راول رسيا راز کي.

(2)

پسي قُدرتون ڪريم جون، عاشق ٿيا ابدال
لاهوتي لشاري چئي، وڃيا واحد جي وصال
مُوْتُوْا قَبِلْ اَنْ تَمُوْتُوْا رکي ٿيا رجال
عشق جو احوال، پڙهان تان پورو نہ ٿئي.

(3)

سُڄ وسندي تن کي جن وٽ محبت مڏ
ساڙي سڪ سنهان ڪيا حب وارن جا هڏ
سامي ڪري سڏ، ويراڳي واٽ ٿيا.

(4)

رڻ راحت تن کي جن وٽ محبت مال
ساڙي سور سنهون ڪيو جوش وارن کي جال
ويراڳي وصال، سدا ڪندا سبحان جي.

(5)

سنياسي سبحان کي ڪن سدائين سجود
لاهوتي لعل ٿيا وڃائي وجود
مدامي موجود، لڪا گهمن لوڪ ۾.

(6)

ڪشف ڪرامت ڪاني ٿيئي پنڌ جا ٿول
هَٿ وڃائي هَول، ٿج حوالي حق جي.

(7)

ڪشف ڪرامت ڪاني ٿيئي ڪفر جي ڪار
وڃائي سڀ ويچار، لاهوتي لعل ٿيا.

(8)

ڪشف ڪرامت ڪاني ٿيئي ڪفر جو ڪم
وڃائي سڀ وهم، لاهوتي لعل ٿيا.

(9)

الف الله ميم محمّد عين علي تي آيا
اکر احمّد ڄام داميڪون پرور پاڪ پڙهايا
هير ملي ماهي نون ٿيا لايا سجايا
جڏهان رانجهن رب ملايا، تڏهان لٿي حاجت حج دي.

(10)

اسان رانجهن نال اَهسي جڏهان رات نہ ڏينهن
اکيان آگم لايا جيوين وسن بادل مينهن
نندي لاکون نينهن، ميڏا ماهي نال مشهور ٿيا.

(11)

اسان رانجهن نال تڏهان اَهسي جڏهان ڏينهن نہ رات
لِکئي دِي لشاري آکي، هي بيحد باري بات
وحدت وائي وات، ميڪون ماهي يار دِي.

(12)

بَير ڏني ساهہ سڏير ٿيا، چڙهي وير وحدت والي
عشق ڪئين امير ڪيتي فقير ٿئي تراب تخت دي والي
عشق ڪئين شاهہ ڪيتي گدا ٿئي مست موالي
آکي لشاري لک ڏنم سي، صاحب در سوالي.

(13)

سوال ڪَنون ڪال پلا، سُتّت نڪالي ساهہ
جي هو وينِ طالب حق دا، مَنگ مول نہ ڪا.

(14)

درويش دعويٰ ڇوڙ ڏي دعويٰ دِن گهار
نہ ڪِسي سي دشمني، نہ ڪِسي ڪا يار.

(15)

دائم دعويٰ ڇوڙ دي ريءَ دعويٰ دِن پور
نہ ڪسي ڪِي دوستي نہ ڪِسي ڪا سور.

(16)

درويش دعويٰ ڇوڙ دي ري دعويٰ دن گذار
نہ ڪسي ڪي دوستي نہ ڪسي ڪا آزار.

(17)

ايزدي امر ڪان گهڙي پري نہ گهار
سدا ويتو سار، سري رام سڪ مان.

(18)

سري رام سڪ مان، آديسي اورين
ڇڏي دعويٰ دوئي جي ڏيهہ مڙئي ڏورين
گنگا ۾ گهورين سناسي پنهنجي سر ڪي.

(19)

ڏيئي سنياسي سر، ٿيا لاهوتي لعل
ڪاپڙي ڪرشن سان ڳجهي رکن ڳال
وحدت جن وصال، سي جوڳي ڏسان تان جيان.

(20)

متان مَرڪي ڪاپڙي متي ڪٽي ڪند
هنئين ۾ هنگلاج جو، پُري نهارج پند
لَا مَقُصُوُدِ فِی الدَّارَيُنِ اِلَّا هُوُ هلي ڳولج هند
رَمي پڇائج رَند، راتو ڏينهان رام جو.

(21)

رام تنهن جي روح ۾ پڇين پيا پار
نانگا پنهنجي نفس کي پيائي سوڊو ٻار
هوائون هنگلاج جون هئين منجهان هار
تو ۾ آهي تار، راتو ڏينهان رام جي.

(22)

راتوڏينهان رام جي تَڪيَن منجه تنوار
هليو هنگلاج ڏي پورب ڪن پچار
نانگا ٿي نروار، راول رسيا راهه ڪي.

سر جوڳ رامڪلي

داستان ستون

(1)

نه گدا نه گودڙي نه لانگوٽي لب
جيڏانهن ڪن طلب، تيڏانهن صاحب سامهون تن ڪي.

(2)

نه گِدا نه گودڙي لانگوٽي نه لعل
جيڏانهن رکن خيال، تيڏهن صاحب سامهون تن ڪي.

(3)

نه گدا نه گودڙي لانگوٽي نه لام
جيڏهن ڪن سلام، تيڏهن صاحب سامهون تن ڪي

(4)

وياسي وينجهار ڏوٿي ڏوڙا ڏک جا
ڪانهي پنڌ پچار، مئا ڪاهوڙي ماٺ ۾.

(5)

آسڻ باسڻ پاڻ سان ڪاهوڙي نه ڪٽن
ويراڳي ووڙن، سدائين سچ ۾.

(6)

آسڻ باسڻ پاڻ سان، ڪنيا نه ڪاهوڙين
وحدت ويراڳين سدائين سونهي سچ ۾.

(7)

ٻه ٻرن ڪين ٿي ٿمڪن، چار ڪن چاهيون
ٻيراڳين باهيون، سدا سونهن سچ ۾.



(8)

ريشم لب دلبر جا صحي سرخ لعل
لب تنهنجي لبن سان لڳي ٿيا لعل
ماهتاب ڇا مجال، رکي مشابهت محبوب سان.

(9)

محبوب محمّد ڪريم ٻيو مڙوئي عشق مجاز
نور نوراني ناز، پسڻ آهي پرينءَ جو.

(10)

مجازي محبت، رکن ڪين رند
شيخاني جو منڊ، جي پِين سَي پُر ٿِين.

(11)

ڪئين ڪَنگ ڪينجهر ۾ هنجهن لک هزار
ٻگهن ٻولي ٻروچ ڇئي طائوسين تنوار
اهي ٻئي پار، هوندا قائم قيامت تائين.

(12)

جوڳي هن جُڳ جا ڪاڏي جي ڪڏ
پوريو پُلائن سان من رکن مڏ
جي سڄاڻن صاحب جو سڏ، سي آديسي اُٿي ويا.

(13)

جوڳي هن جڳ جا ڪاڏي جا کوهه
پورين پلائن سان راضي رکن روح
جي رئن سَنجهه صبوح، سي لاهوتي لڏي ويا.

(14)

جوڳي هن جڳ جا مانين جا مَل
پُورين پلائن سان خوب پرين ڪلَ
جي ربّ ريجهائين راول، سي نانگا ئي نڪري ويا.



(15)

جوڳي هن جڳ جا، پنڻ جا پَل
جي حقيقت ۾ حل، سي اديسي اٿي ويا.

(16)

گولا جي گراهه جا، پُليا سي پوڳي
رُليا سي روڳي، جُسا جَنِ سانديا.

(17)

تون صاحب ڏٽي سگهه جو آءٌ ڪنيز ڪمزور
هتان هڏ نه ڇڏيان ڏاتر تنهنجي ڏور
مونکي ترازي نه تور، معافي ڪر مهر سين.

(18)

تون صاحب ڏٽي سيءَ جو آءٌ ڪنيز ڪم ذات
هتان هڏ نه ڇڏيان وحدت وائي وات
ڏاتر ڏينهان رات، ڏجان پاند پناهه جو.

ٿيھ اکري لاھوتي

(1)

الف: الـف آديسـيـن مـن ۾ چـيـو جـن چـتـو
پـجـرِيءَ مـان پـريـنءَ کـي ڏوران تـن ڏٺـو
صُمٌّ بُکۡمٌ عُمۡیٌ فَهُمۡ لَا یَرۡجِعُوۡنَ کَيئَون قند قٽو
کـري محـب مـتـو، راول رسـيـا رمـز کـي.

(2)

ب: ب بيراڳين جي کيم پھرئين ڏينھن پچار
وجھـي وحـدت وجـود ۾ نـانـگـا ٿـيـا نـروار
لائـي خـاڪ لڱـن کـي ھـلـيـا پـورب پـار
نَصۡرٌ مِّنَ اللهِ وَ فَتۡحٌ قَرِیۡب تن رکيائون تار
مـانجـھـي لاھي مـيـار، راول رسـيـا راز کـي.

(3)

ت: ت تـوحـيـد ۾ نـانـگـا ٿـيـا نـيـھـي
ھـلـيـا ھـنـگـلاچ ڏي پـورب ويـا پـيـھـي
الـتَّـائِـبُ مِـنَ الـذَّنـۡبِ سناسي سيئـي
وحـدت ۾ ويـھـي، لاھـوتـي لـعـل ٿـيـا.

(4)

ث: ث ثـابـت رکـي سـيـر جـوڳـي ھـلـيـا جـي
پـيـا وجـي پـورب ۾ سـرھـا ٿـيـا سـي
مَا زَاغَ الۡبَصَرُ وَمَا طَغٰی تان سر کري صدقي
لانـگـھـا سـپ لـنـگـھـي، راول رسـيـا رمـز کـي.

(5)

ج: جـيـم جـبـار ڏي ھـلـيـا لاھـوتـي لـس
ھـلـن ھـنـگـلاچ ڏي گـنـگـا وتـي گـس
فَاذۡکُرُوۡنِیۡ اَذۡکُرۡکُم ويـراڳـيـن وڏي وس
ڏاتـار پـچـي ڏس، راول رسـيـا راز کـي.

(6)

ح: حـي ھـلـن حُـب سـان نـانـگـا چـڏي نـات
پسـڻ خـاطـر پـريـنءَ جـي رمـن ڏيـنـھـان رات
لَا تَـقۡـنَـطُـوۡا مِـنۡ رَّحۡـمَـةُ الله کـن وائـي سدا وات
کـري چُـپ چـپـات، غـازي گـڏيـا گُـر کـي.

(7)

خ: خـي خـوديءَ کـي ٿـا کـاھـوڙي کـائـيـن
پـڙھـي سـبـق سـبـحـان جـو لاھـوتـي لائـيـن
اِنَّ الله مَـعَ الصَّـابِـرِيۡـنَ آديسـي آھـيـن
رازق ريـجـھـائـيـن، گُـر کـي گـڏيـا گـودڙيـا.

(8)

د: دال درد فـراق جـا سـامـيـن کـي سـيـنـگـار
کـري خـاڪ خـوديءَ کـي جـوڳـيـن کـيـاجـنـسار
مُـوۡتُـوۡا قَـبۡـلَ اَنۡ تَـمُـوۡتُـوا تـن رکـيـائـون تـار
جـتـي لـيـل نـہ نـھـار، اتـي گُـر کـي گـڏيـا گـودڙيـا.

(9)

ذ: ذال ذکـر ذات جـو کـن سـامـي سـپ ڄـمـار
ويـراڳـي وحـدة ۾ سـنـيـاسـي سـچـار
اِنَّ الله وِتـرٌیُـحِـبُ الۡـوِتـرُ دائـم رکـن درکـار
جـتـي پِـريـون پـار، اتـي راول رسـيـا راھـہ ۾.

(10)

ر: راضـي روح ۾ پـرمـيـشـر پـچـن
ھلـنـدي ھـنـگـلاچ ڏي کـنـھـن سـان کـيـن ڪُـڇـن
اللهُ لَـطِـيۡـفٌ بِـعِـبَـادِهٖ سـدا لـعـل لُـچـن
مـنـجـھـان قـرب کـسـن، راول رسـيـا رام کـي.

(11)

ز: زي زهد مان رويو وٺن راهہ
هلندي هنگلاچ ڏي سامي ڏين ساهہ
اَلْحُبّ لِللّٰهِ وَالْبُغْضُ لِللّٰهِ ويراڳين وهواهہ
جتي شمس نہ ماهہ اتي راوت رسيا راهہ ۾.

(12)

س: سين سمهڻ سيج تي، سامين ڇڏيو ساءُ
هلندي هنگلاچ ڏي ڏين ساهہ پساهہ
وَلَا يُحِبُ الْفَرِحِيْنَ ڪڏهن نہ ڪن مان لاهہ
جتي پنڌ نہ پاءُ، اتي لاهوتي لعل ٿيا.

(13)

ش: شين شريعت جا تابع ٿيا تيار
طريقت تن ۾ ڪن حقيقت هيڪار
واصل ٿيا وصال ۾ معرفت مدار
اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوْا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ نت گهمن نروار
ڪري پرين جي پچار، لاهوتي لعل ٿيا.

(14)

ص: صاد صاحب ڏي هليا جوڳي ڪري جود
پسيائون پرينءَ ڪي وڃائي وجود
وَنَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْد مانجهي ٿيا موجود
نانگا ٿي نابود، غازي گڏيا گُر ڪي.

(15)

ض: ضاد ڇڏي ضد ڪي پري ڪيائون پاڻ
سناسين سڪ جو سمر ڪنيو ساڻ
مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ اهو ڄاتئون ڄاڻ
پِرِي ڇڏيائون پاڻ، جوڳي هليا هِن جڳ مان.

(16)

ط: ط رکن طلب، آديسي الک جي
پيهي ويا پورڀ ۾ راهہ سڃاڻي ربّ
تَرَكُ دُنْيَا وَاجِبٌ هِت ڇڏيائون سڀ
هئين رکي حُب، لَاهوتي لعل ٿيا.

(17)

ظ: ظ ظاهر زهد ۾ نانگا ڪن نياز
اٿئي پهر آديسي، پڙهن نينهن نماز
ٻاري ڇڏيائون ٻيائي ڪي، ٻڌي الستي آواز
وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ صحي سُڻائين ساز
رمز سڃاڻي راز، لاهوتي لعل ٿيا.

(18)

ع: عين عشق ۾ ٿيا آديسي ابدال
لاهوتي لشاري چئي وڃيا واحد جي وصال
وَمَنْ اَحْسَنَ مِنَ اللهِ صِبْغَةً رچي ريٽا ٿيا رجال
بيراڳي برحال، غازي گڏيا گُر ڪي.

(19)

غ: غين ڪڍي غير ڪي نانگا رکن نينهن
آديسي اُداس ۾ رمن راتوڏينهن
فَلْيُضْحِكُوْا قَلِيْلًا وَالْيَبْكُوْا كَثِيْرًا محبت وسائن مينهن
ڇڏي شرڪ شينهن، راول رچي راس ٿيا.

(20)

ف: في فڪر فراق ۾ رئن سڀ ڄمار
آديسي اُڪير ۾ نت وهائين نار
وَيَتُوْبُ الله تَوْبَةً نَّصُوْحًا، پڙهن استغفار
وڏي سڪ سچار، لاهوتي لعل ٿيا.

(21)

ڪ: ڪاف ڪُنا ڪُل آديسي عشق الله جي
لُوْ لُوْ وَالْمَرْجَانِ تيا آديسي امل
بابو ڇڏي پُل، غازي گڏيا گُر ڪي.

(22)

ل: لام لا مڪان ۾ سامي ويا سي
اداسي عشق سين روئي ريجھائين ربّ
مِنَ الْخَوْفِ وَالْجُوْعِ، رکن تات طلب
لالچ ڇڏي لب، غازي گڏيا گُر ڪي.

(23)

ق: قاف تيا قربان نانگا اڳيان نات جي
وَالْقَدْرِ خَيْرِهٖ وَ شَرِّهٖ ماٽيائون ميدان
جوڳي گھوري جان، راول رسيا رام جي.

(24)

م: ميم محبت من رکي، مانجھي تيا مستان
راتوڏينھان روح ۾ پڙھن درد جو داستان
لَا مَقْصُوْدُ فِي الدَّارَيْنِ اِلَّا هُوْ تيا پيڙا سين پڳوان
ريجھائي رحمان، غازي گڏيا گُر ڪي.

(25)

ن: نون تيا نيشان آديسي اڳيان الک جي
ھليا ويا ھنگلاچ ڏي ڇڏي تنبو طولان
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ دُرس رکيائون ڏيان
جوڳي تيا جوان، غازي گڏيا گُر ڪي.

(26)

و: واءُ وحدت وصال ۾ جوڳين ڇڏيو جھان
اندر ۾ الله جو مانجھين اڏيو مڪان
يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ رکن نظارو نيشان
ساراھي سبحان، لاھوتي لعل تيا.

(27)

ھ: ھي ھلڻ حق ڏي سامين سدائين
حُبُّ الْوَطَنِ مِنَ الْاِيْمَانِ ڪن اُڪنڊ اوڏاھين
طالب تيڏاھين، لاھوتي لعل تيا.

(28)

لا: لا لاھوت جو آديسين عشق
ھاھوت ھلڻ جي سدا سنياسين سِڪ
وَسَقٰىهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا پاڪ پيتائون پڪ
طالب ڏيئي ٽِڪ، لاھوتي لعل تيا.

(29)

ء: ء آديسي اوڏا تي الف کي ميم رکيائون من
لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ڪنبي ڪيائون ڪن
توبھ ڪري تن، راول رسيا راز ڪي.

(30)

ي: يي تيا ياقي ويراڳي منجھ وِرُونھن
لنگھي ويا لاحد ۾ جتي تون ھِي تون
اَنَا مَوْلَاكَ وَ اَنْتَ مَحْبُوْبِيْ يلي آئين يُون
جتي آئون نہ مون، اتي راول رسيا راز ڪي.



سر ليلا چنيسر

(1)
داغ تنهنجو داسڙا جيري مٿي جال
تون کهڙي خيال، ٿو چنيسر چاهه ڪٽي؟
(2)
داغ تنهنجو دائما جيري مٿي جام
تون ڪيئن تمام، ٿو چنيسر چت ڪٽي؟
(3)
سوين صغيرا ڪوڙئين ڪبيرا مون ڪوجها ڪم ڪيا
هٿان مون ٿيا، تون معافي ڏي مِهر سان.
(4)
سوين صغيرا ڪوڙئين ڪبيرا مون ڪوجها ڪيم ڪم
ٿي راضي ڪر رحم، معافي ڏي مِهر سان.
(5)
سوين صغيرا ڪوڙئين ڪبيرا مون عصيان ڪيا اَپر
ٿي راضي رحم ڪر، معافي ڏي مِهر سان
(6)
سڪ ٿورا سنيران ڏک ڪئي ڏٿام
طعنا مهٽا تُنڪا ماڪيءَ ڪان مِٽام
سر تي سپ ستام، چمي چنيسر چام جا.
(7)
چلي چنيسر چام، لوڏ مَ ليلا ڪي
آئون دوست تنهنجي دامن ۾ لڳس ڏُرئون لام
سا جهلجي سام، جنهن ورتو هار هٿن سان.



(8)
جنهن ورتو هار هٿن سان سا نياڳي نار
هيءَ پٽيل تنهنجا پار، جو مٿيُئي محب مٽئي تي.
(9)
مون مٿيو محب مٽئي تي تون پرين پاڻ سڄاڻ
آئون ليلا لُڇي لوڪ ۾، ڄم وڃايم ڄاڻ
ڪانڌ! مونتي ڪاڻ، حرف رکي وئين حق جو.
(10)
حرف مون تي حق جو اصل ڪان آهي
لطف سان لشاري چئي لائق مَنَ لاهي
چنيسر چاهي، وير وهاري وچ ۾.
(11)
وير وهاري وچ ۾ ڪونرُوَ جهڙي ڪنوار
تون ليلا لُڇي لوڪ ۾ ڪاٽي ٿينءَ خوار
هٿين وٺي هار، مڙس مٿيئي مٽئي تي.
(12)
مون مٿيو مڙس مٽئي تي، تون چنيسر شاهه
لوڏ مَ ليلا ڪوٺ مان قرب ڪونرووَ ڏي ڪاهه
آئون دامن نه ڇڏيان داسڙا، تون وسيلو واهه
مون تابن پنهنجي مِهر جو، پرين پاند مَ لاهه
ريجهي ڏس تو راهه، ليلا ڪي لطف جي.
(13)
ليلان لوڏائي ڪڍيو ڪونروء ڪي ڪال
هئيءُ تنهنجي حال، جنهن حرڪت ڪئي هار جي.
(14)
ڪونروء ڪي ڪال، ليلا لوڏائي ڪڍيو
هئي تنهنجي حال، جنهن مٿيو مرد مٽئي تي.



(15)

نڪا لچائي ليلا جي، نڪا ڪونروو ڪچائي
جيڪا واحد وَهائي، سا آئي انگ ٻنهي جي.

(16)

آئي انگ ٻنهي جي، اصل ڳجهي ڳال
رکو الفت الله سين، سمجهي ڪريو سنيال
مورئون ناهي مجال، ٻڌائڻ ٻين کي.

(17)

تون منهنجي، آئون تنهنجو، توکي ڪيان ڪوهه
توتي رکيم ڏوهه، تہ سِکن مر سهاڳڻيون.

(18)

سيئي سهاڳڻيون، لائق مڙئي لعل
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي خوش ڪيائون خيال
ويچارين ورهہ ٿيا، سڪندي ڪيئي سال
وهلو تن وصال، هيناهيون هلن جي.

(19)

سيئي سهاڳڻيون سيني سڪ سچي
سي ويون راس رچي، هيناهيون هلن جي.

(20)

سيئي سهاڳڻيون، هليون جوپ جمال
پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي ڪثر ڪيائون ڪمال
نياز جِني نال، تن ڪي وير وهاري وچ ۾.

(21)

سيئي سهاڳڻيون هليون جوپ جمال
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي سوين ڪيائون قال
چنيسر وٽي چال، هيناهين هلڻ جي.



(22)

سيئي سهاڳڻيون جُملي جوپ جام
پسڻ لاءِ پرينءَ جي طلب رکيائون تمام
نياز جن جو نام، سي وير وهاري وچ ۾.

(23)

سيئي سهاڳڻيون، سيني سڪ سنيال
پسڻ لاءِ پرينءَ جي ڳجهي ڪيائون ڳال
هادي تن جو حال، هيناهيون هلن جي.

(24)

سيئي سهاڳڻيون، سيني سچي سڪ
پسڻ لاءِ پرينءَ جي هليون، لوڪ لاهي لڪ
اندر جن عشق، سي وير وهاري وچ ۾

(25)

سيئي سهاڳڻيون، هليون ڏي جوپ جوان
پسڻ لاءِ پرينءَ جي ڪچي ڪيائون ڪانَ
مَهندان لهن سي مان، هيناهيون هلن جي.

(26)

نڪو جنّ جهان ۾ نڪو عزازيل
ڪُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ نڪو عزرائيل
پسڻ سان پرين جي ويا دل مان ڪل دليل
رهيو ربّ جليل، ٻيو ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾.

(27)

نڪو جنّ جهان ۾ نڪو خام خيال
تن ۾ طريقت جو، ٿيو حقيقت حال
منجهان شوق شريعت جي معرفت ٿيو مال
رهيو ربّ جلال، ٻيو ڏسان ڪونہ ڏيهہ ۾.



(28)

نڪو جڻ جهان ۾، نڪا سور سنيال
پسڻ منجهان پرينءَ جي تي پلائي پال
صاحب رهيو نال، ٻيو ڏسان ڪونہ رهيو ڏيهہ ۾.

(29)

داتا دلاسي جي پرين ڪر پچار
تون منهنجو وارث وَلهو آئون تنهنجي ڪنوار
لائق لچادار، ميٽ مدايو مُنهنجون.

(30)

تو در آيس داسڙا ڇڏي در هزار
سائين ڪارڻ سپرين ڪٽي نيڻ نهار
ڏيهہ ڏٽي ڏاتار، ميٽ مدايون منهنجون.

(31)

تو در آيس داسڙا بيحد ڪٽي بار
لڪڻ ليڪو ناهہ ڪو مون ۾ عيب انبار
امن ڏي عليل کي سپاجها ستار
جاني لڳ جبار، ميٽ مدايون منهنجون.

(32)

تو در آيس داسڙا هيٺا وتي هڏ
اونائج عليل جا تون سپاجها سڏ
گوندر لاهي گڏ، ميٽ مدايون منهنجون.

(33)

توبهہ جي تنوار، اٿئي پهر الله در
ڏاڍو ڏيهہ ڏٽي آهہ، قادر ربّ قهار
نيٽين وهائي نار، "راضي" در رحمان جي.



(34)

توبهہ جي تاس، اٿئي پهر الله در
عبادت عزازيل جي ربّ نہ آندي راس
ڪونہ ڪيائين قياس، ڏنئينس طوق لعنت جو.

(35)

توبهہ جي تات، اٿئي پهر در الله جي
عبادت عزازيل جي ربّ نہ وٽي هڪ رات
ڏاتار ڏمر جو قهري هنيس ڪات
وحدت وائي وات، رکج سدائين روح ۾.

(36)

ور سين وجهو وير، ڪر سين ڪِلون پائين
اوڳي ڪَيُئہ انڌير، مَتيئہ محب مٽئي تي.

وائي

نمازان پڙهڻ، روزي رکڻ،راتيان جاڳڻ اها فقيران دي ڪار
مئين برهہ لٽي بيشمار، مئين عشق لٽي بيشمار
الفراق اشد من الموت رهي تن اندر وچ تار
اجا ڪُن فيڪون ڪانہ هئي، اڳي سٽيم محب ميهار
"راضي" روز ازل ڪنون ڏنا هادي هر دم تخت هزار

سر ڏناسري
داستان پهريون

(1)
استاد عبداللطيف کي نينهن کيو نيڙو
اچي ويٺو ارواح ۾ وسائي ويڙهو
مولا هن مسڪين کي پسائج محمدي ميڙو
پٽ ڏٺي پيڙو، تيون راضيءَ کي راهه ۾.

(2)
استاد منهنجو عبداللطيف الست کان آهي
ڏئي جوڙ جماعت سين قرب منجهان ڪاهي
سيّد سانباهي، وٺي ويندو واٽ سان.

(3)
آهي عبداللطيف تي رضامندو رحمان
پڙهيائين پرت مان باريءَ جو بيان
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحي ڪيو.

(4)
لِڱَ لطيف، لحم لونگ، تَنُ تمر، روح راضي الستان اڳي
قلب ڪريم ڏي وحدة منجهه وڳي
سِبيا هڪ سڳي، هاديءَ پنهنجي هٿ سان.

(5)
لعل لطيف، لونگ، تمر جي تنوار
چار ئي چڱا يار، هاديءَ ڪيا هٿ سان.

(6)
بدن تي باز، اُڏام عبداللطيف ڏي
رحماني راز آهي بيشڪ پٽ تي.

(7)
جي آسائُو آهين تہ ڪر پٽائي تي پر
سونهاري سيّد جو ديڪ هلي در
قرب منجهان ڪر، تنهنجا مطلب مڙيئي ٿين.

(8)
الف عبداللطيف جي اندر ڪئي اوطاق
تاڙيون ڏيئي طاق، جانب ويٺو جيءَ ۾.

(9)
الف عبداللطيف جي ڪيا اندر اوتارا
نِت هٽي نعرا، جانب ويٺو جيءَ ۾.

(10)
الف عبداللطيف جي ڪيا اندر آکيرا
دُرس اَڏي ديرا، جانب ويٺو جيءَ ۾.

(11)
الف عبداللطيف جي سبق سيکاريا
سي ڏيهہ ڏيکاريا، جي اڳ نہ ڏٺم ڪڏهين.

(12)
الف عبداللطيف جي سيکاريا سبق
سي ڏيکارئين طبق، جي اڳ نہ ڏٺم ڪڏهين.

(13)
الف عبداللطيف جي رنگ پسايا رات
سا سيکارئين تات، جا آدم کان اڳي هئي.

(14)
الف عبداللطيف جي رات پسايا رنگ
سي ڏيکارئين دنگ، جيڪي آدم کان اڳي هئا.

(15)

الـفـت عـبـداللـطـيـف جـي رات پسائـي روءِ
سا ڏيـكاريـئيـن جُوءِ، جا آدم كان اڳي هئي.

(16)

آدم كـان اڳـي هـئـي، نـہ آئـون نـہ مـون
تَـنَ ۾ تـون هـي تـون، كُـنّ كان اڳ كـريـم جي.

(17)

اسان ۾ عـبـداللطـيـف كي كـيـو پـيدا پاڻ ڏٺـي
پـرور پـاڻ كـٺـي، وڏو پسـاهـہ هـك پـجـري ۾.

(18)

آئـون بـدن پـٽ ڏٺـيءَ جو، پاڻ مـنـهـنـجـو پساهـہ
چـاڻـي هـك الله، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(19)

اسان ۾ عـبـداللـطـيـف جـو ڏُرِيَـتُون هـك دكـان
چـاڻـي ربّ رحـمـان، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(20)

آگي عـبداللطيف جو، مون ۾ واحد كـيـو وجـود
مـالـك چـاڻـي مـوجـود، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جي.

(21)

آگي عـبداللطيف، جيئن مـونكـي كـيـو قـبـول
چـاڻـي ربّ رسـول، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(22)

آگي عبداللطيف، جيئن مونكي صاحب كيو سپ
رازق چـاڻـي ربّ، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(23)

آگي عبداللطيف ،جيئن مونكي عشق كيو عليل
چـاڻـي ربّ جـلـيـل، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(24)

جتي آسڻ عبداللطيف جا اتي راضيءَ جي رهاڻ
پـرور چـاڻـي پـاڻ، تـہ رتـي نـاهـہ رواز جـي.

(25)

جتي آسڻ عـبداللطيف جا اُتي راضيءَ جا رتـول
مـونـكـي مـاروءَ ڍول، كـيـو حـوالـي حـق جـي.

(26)

جتي آسڻ عبداللطيف جا،اتي راضيءَ جي رُجعات
مـونـكـي ڏيـنـهـان رات، وحدت وائي واحد جي.

سر ڏناسري
داستان پيون

(1)
سڏايم سرتي، لائق لطيف لعل
چاڻي ربّ جلال، تہ رتي ناھہ رواز جي.
(2)
سڏايم سرتي، لطيف لچادار
چاڻي ربّ ستّار، تہ رتي ناھہ رواز جي.
(3)
سڏايم سرتي، جيلاني جمال
رکيم روز ازل جي ڪل تي قدم ڪمال
موکي ربّ جلال، ڪيو محي الدين ملڪ ۾.
(4)
سڏايم سرتي، جيلاني جوان
راضيءَ کي ربّ رحمان،ڪيو محي الدين ملڪ ۾.
(5)
سڏايم سرتي، جيلاني جناب
واحد وڏا ڪيا منھنجا خوب خطاب
راضيءَ کي ربّ تواب، ڪيو محي الدين ملڪ ۾.
(6)
سڏايم سرتي ، جيلاني جنسار
مونکي محي الدين مھندار،ڪيو رازق روز ميثاق جي

(7)
سڏايم سرتي، محي الدين مقبول
چاڻي ربّ رسول، تہ رتي ناھہ رواز جي.
(8)
سڏايم سرتي، ميران محي الدين
چاڻي ربّ راحمين، تہ رتي ناھہ رواز جي.
(9)
سڏايم سرتي، محي الدين محبوب
مونکي خاوند خوب، ڪيو دادلو دستگير جيئن.
(10)
سڏايم سرتي، عبدالقادر قطب رباني
مونکي محبوب حقاني،ڪيو رازق روز ميثاق جو.
(11)
سڏايم سرتي، حضرت پيران پير
مونکي داتا دستگير، ڪيو رازق روز ميثاق جو.
(12)
سڏايم سرتي، جيلاني جاگير
مونکي ربّ ڪبير، ڪيو محي الدين ملڪ ۾.
(13)
سڏايم سرتي، سخي سرتاج سرور
چاڻي پاڪ پرور، تہ رتي ناھہ رواز جي.
(14)
سڏايم سرتي سورھہ سخي سرتاج
مدامي معراج، راضي رندن ڪيو روح ۾.
(15)
سڏايم سرتي، سخي سرور جو سالار
مونکي مرسل مھندار،ڏني مبارڪ روز ميثاق جي

(16)
سڏايم سرتي، قربدار كريم
ڇاڙي ربّ رحيم، تہ رتي ناهہ رواز جي
(17)
سڏايم سرتي، كريم قربدار
ڇاڙي ربّ ستار، تہ رتي ناهہ رواز جي
(18)
سڏايم سرتي، مدامي موجود
كري صاحب كي سجود، هنيم نعرا حق جا
(19)
سڏايم سرتي، مولىٰ مشكل كشا عليؓ
عاشقن روز ازل كان جُودون منهنجي دامن جهلي
ڇاڙي ربّ جلّي، تہ رتي ناهہ رواز جي
(20)
سڏايم سرتي، مشكل كشا متير
داناء مرد دلير، راضي روءِ زمين ۾
(21)
سڏايم سرتي، اسد الله غالب
علي ابن ابي طالب، راضي روءِ زمين تي
(22)
سڏايم سرتي، حسيني حيدر
كٽيو مون خيبر، هٽي نعرا حق جا
(23)
سڏايم سرتي، سرمد سوپارو
عاشق اوپارو، راضي روءِ زمين تي.

سر ڏناسري
داستان ٽيون

(1)
ميران مرشد منهنجا جيلاني جهانگير
مدد ڏئي مريد كي، دليئون دستگير
پازي اكارج پير، مهابي محمّد مير جي.
(2)
ميران مرشد منهنجا جيلاني جبر
مدد ڏي مريد كي، لَهہ كُهيَن جي خبر
بغدادي پير، وٺائج وصال جي.
(3)
دليئُون دستگير كي كيو مون قبول
تون دادلو درگاهہ جو مولىٰ وٽ مقبول
جيئن نبين ۾ رسول، تيئن ولين ۾ محي الدين.
(4)
ميران شاهہ مدد ٿي واهر كجانءِ وير
اسين تابع تنهنجا، تون اسان جو پير
سيّد اكارج سِير، لطف سان لشاري چئي.
(5)
ميران شاهہ مدد ٿي واهر كج وريام
دستگير تنهنجي دامن ۾ هي سائل آهي سام
لِلّٰہ لڳ لشاري چئي لڳس تنهنجي لام
مهابي محمّد ڇام، اكارج عميق مان.



(6)

ميران شاهہ مدد تي جيلاني جنسار
آهين عاشقن جو مرشد تون مهندار
پانڌي اڪارج پار، مهابي محمّد مير جي.

(7)

ڏئم ساري ڏيهہ ۾ داتا دستگير
قادر ربّ قدير، خلقيا خوب خوشيءَ سان.

(8)

بيٺڪ منهنجي بغداد ۾ آهيان مشهور محي الدين
وحدة ساڻ واسيو راضيءَ روءِ زمين
چاڙهي ربّ العالمين، تہ رتي ناهہ رواز جي.

(9)

چوڏهين ۾ چوٽ ڪري ٿيا لاهوتي لعل
جوڳي جُنگ جلال، راضي روشن روءِ زمين تي.

(10)

چوڏهينءَ ۾ چوٽ ڪري ڪئي لاهوتين لات
هميشہ حيات، راضي روءِ زمين تي.

(11)

چوڏهينءَ ۾ چوٽ ڪري مانجهي مرڪن مور
شهيد شهہ زور، راضي روشن روءِ زمين تي.

(12)

چوڏهينءَ ۾ چوٽ ڪري مانجهي ٿيا مهندار
پارس پتنگ پڳدار، راضي روشن روءِ زمين تي.

(13)

چوڏهينءَ ۾ چوٽ ڪري عاشق ٿيا اظهار
راضي رمزدار، هميشہ هسوار حُسن جو.



(14)

چوڏهينءَ ۾چوٽ، ڪري نيهي ٿيا نروار
ڪامل قربدار، راضي روشن روءِ زمين تي.

(15)

تيرهين تاءَ ڦٽو ڪيو، چوڏهين ڪئي چوٽ
جيئن گل گلابي گهوٽ، راضي روءِ زمين تي.

(16)

تيرهين تاءَ ڦٽو ڪيو، چوڏهين ٿيو چٽو
مولىٰ ڪيو مٽو، راضي روءِ زمين تي.

(17)

شريعت ۾ شاهہ آهيان الست ڪان اعلىٰ
بلند بخت بالىٰ، راضي روشن روءِ زمين تي.

(18)

شريعت ۾ شهباز آهيان، ازل ڪان انسان
سارو سرسبحان، راضي روشن روءِ زمين تي.

(19)

شريعت ۾ شهزور آهيان اول ڪان آدم
خلق ڪل خادم، راضي ڪئي رمز سان.

(20)

شريعت ۾ شينهن آهيان، اصل ڪان عالِم
سارو سر سالم، راضي روشن روءِ زمين تي.

(21)

شريعت ۾ شهيد، آهيان الست ڪان اثبات
ازلي آب حيات، راضي پيتو رمز جو.

(22)

شريعت ۾ شير، آهيان ازل ڪان اظهار
قديمي قربدار، راضي روءِ زمين تي.



(23)

شريعت ۾ سرپوش، آهيان طريقت ۾ طالب
حقيقت ۾ حلاج آهيان، معرفت ۾ محبوب
خاصو خوبان خوب، راضي روشن روءِ زمين تي.

(24)

اسم جسم جون خبرون عاشق ڪن اظهار
هٽي نعرو حق جو نيهي ٿيا نروار
راضي رمزدار، رهبر روءِ زمين تي.

(25)

ڪڏهن پرڻا ٿيندءِ پنهنجا ڪڏهن پوريندءِ پاڻ
اهي ٻئي اهڃاڻ، معلوم ٿيندءِ منهنجا پرين.

(26)

ڪڏهن پرڻا ٿيندءِ پنهنجا ڪڏهن وسائيندءِ واري
اها خبر ساري، جانچي ڏس جهان ۾.

(27)

ڪڏهن پرڻائيندءِ پنهنجا، ڪڏهن لٽيندءِ لاشو
اهو تماشو، جيئري ڏس جهان ۾.

(28)

ڪڏهن نپائيندءِ ناز سان ڪڏهن ڪٽندءِ متي ڪٽ
ورهائي وٽ، ڇڏيندءِ چائي ۾.

(29)

ڪڏهن شادي ڪرائيندءِ شوق سان، ڪڏهن ڪٽندءِ ڪتولو
پنيءَ لائي ٺولو، قابو ڪندءِ قبر ۾

(30)

ڪڏهن پاليندءِ پياس سان ڪڏهن ڏيندءِ تختي تي تڙ
اهو ٻـه تنهنجو وڙ، وسارين واحد ڪي.



(31)

پياسي آهين پرڻي جو گهڙيءَ ٽيندين گهوٽ
مٿان ايندءِ موت، سگهو لاهيندءِ سيج تان.

(32)

اڪين ڪان اوڏو ڏسڻ ڪان ڏور
هر دم حق حضور، راضي رهي روح ۾.

(33)

اڪين ڪان اوڏو پسڻ ڪان پري
قادر قرب ڪري، ويجهو ٿين وصال ڪي.



سر ڏناسري
داستان چوٿون

(1)

ايرندي اکير، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
قمر کهيج قريب کي نيٽين وهائي نير
سدا ساهه سرير، اکيون اوهان جي آسريءَ

(2)

ايرندي ارواح، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
قمر کهيج قريب کي ڪري نيڪ نگاهه
ساري سِسِي ساهه، اکيون اوهان جي آسري.

(3)

ايرندي اوقات، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
قمر کهيج قريب کي، روئي ڏينهان رات
وحدت وائي وات، اکيون اوهان آسري.

(4)

ايرندي آرو، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
قمر کهيج قريب کي،نت هٽي نعرو
سڄڻ ساهه سارو، اکيون اوهان جي آسري.

(5)

ايرندي آر، پهرين ڪج پرينءَ ڏي
قمر کهيج قريب کي نيٽي وهائي نار
پرين اوهان جي پار، ويني نت نهاريان.



(6)

تارا مڙيئي تارا، قطب ڪيو ڪمال
جانب جو جمال، رهيو اتم روح ۾.

(7)

تارا مڙيئي تارا، قطب ٿيو ڪثر
نوراني نظر، رهيو اتم روح ۾.

(8)

تارا مڙيئي تارا، قطب ڪيا ڪلام
سڄڻ جا سلام، رهيا اتم روح ۾.

(9)

تارا مڙيئي تارا، قطب آهه قائم
دوست سدا دائم، رهيو آهي روح ۾.

(10)

تارا مڙيئي تارا، قطب ڪيو قدم
دوست جو دم، رهيو آهي روح ۾.

(11)

ڪيئي قمر اُيرن، شمس بيشمار
پريان جي پيزار، مُورون مَٽُ نه پانيان.

(12)

ميلو منهن جي من تي، بدن ٿيو بازار
سرس ڪري سينگار، وينس وحده ٿي.

(13)

ڪِن جو زور ظاهر تي ڪِن جو باطن تي پَرُ
نيهي سي نر، جن جو عشق الله سان.

(14)

من موسيٰ ڪليم الله. تن تجلي طور
نت نظارو نور، راضي رندن روح ۾.



(15)

راضي اتي رسيو جتي ريءَ رسول رسيو ڪونہ رجال،
ڄاڻي ربّ جلَال، تہ رتي ناهہ رواز جي.

(17)

تن مَهي من ماڻڪي وجود ولوڙيم سڀ ڄمار،
رقم ڪڍي ويو ”راضي“ ٻين ڪنيو ٻُهار

(18)

قلندر ڏٺم ڪُل، جوڳي سڀ جهان ۾
حقيقت جو هُل قربئون ڪندا ويا ڪاپڙي.

(19)

ڪفر ۽ اسلام جي جن سوجهي ڪئي سنڀال
ڇڏي خام خيال، ٿيا حوالي حق جي.

(20)

ڪفر ۽ اسلام جي جن سوجهي لڌي سِير
تني تان تقصير، محفوظان معاف ٿي.

(21)

عاشق ۽ ابدال، ٻئي اڪر هڪڙي
مدامي متوال، راضي راول رحمٰن سان.

(22)

عاشق اتي ويا، جتي ڪفر نہ اسلام
نہ ڪو شعاع شمس جو نڪا صبح شام
وتن مست مدام، ”راضي“ رند رحمٰن لاءِ.

(23)

عاشق اتي ويا جتي شِر نڪو شيطان
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ نڪو هندو مسلمان
نہ ڪي تارا ڪتيون نڪو زمين آسمان
راضي، هڪ رحمٰن، ٻيو مُورهون ڪونہ ملڪ ۾.



(24)

عاشق اتي ويا جتي ڏينهن نہ رات
نڪا ملت مذهب ۽ نہ ٻي وائي وات
انّ اوليائي تحت قَبائي سي هميشه حيات
ٿيا ذات ۾ ذات، ٻيو مورهون ڪونہ ملڪ ۾.

(25)

عاشق اتي ويا جتي رحمت ، نڪا لعنت
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ نہ خبيث نہ خيانت
دوست دشمن هڪ ٿيا نہ عَدوُ نہ عداوت
موتو قبل ان تموتو نہ قبر نہ قيامت
ٿيو قادر قدامت، ٻيو مورهون ڪونہ ملڪ ۾.

(26)

عاشق اتي ويا جتي ڏوهہ نہ ثواب
دوست دشمن هڪ ٿيا نڪو حرف حساب
ولقدر خيره وشره من الله تعالیٰ جيڪي توڙون لکيو تواب
جن دعويٰ ڪئي دوستيءَ جي تن کي قادر ڪيو ڪباب
تڏهن بہ تارڪ نہ ٿيا طلب ڪان ڇڏي شوق شتاب
جيئن عالم ۾ آفتاب، تيئن ”راضي“ روشن روءِ زمين تي.

(27)

عاشق چڙهيا اَچ تي ڦوڪي ڦٽ فراق
موتو قبل ان تموتوا مري ٿيا مشتاق
تاڙيون ڏيئي طاق، لاهوتي لعل ٿيا.

سر ڏناسري
داستان پنجون

(1)
اول آخر ظاهر باطن مي مدامي موجود
ڪري صاحب کي سجود، لاهوتي لعل تيا.
(2)
اول اخر ظاهر باطن آهي مدامي مقبول
ريجهائي ربّ رسول، لاهوتي لعل تيا.
(3)
عاشق اوتارن ۾ اوطاقن ۾ امير
سي وڏا پير، جَن جي محبت مولا سان.
(4)
عاشق اوتارن ۾ اوطاقن ۾ اُمراء
سي وڏا شاهه، جن جو قرب ڪريم سان.
(5)
هستيءَ کي هضم ڪري تي مستيءَ ۾ مختيار
ريجهائي ربّ ستار، هڻج نعرا حق جا.
(6)
هستيءَ کي هضم ڪري تي مستي ۾ موجود
ڪري صاحب کي سجود، هڻج نعرا حق جا.
(7)
هستيءَ کي هضم ڪري تي مستيءَ ۾ مقبول
ريجهائي ربّ رسول، هڻج نعرا حق جا.

(8)
هستيءَ کي هضم ڪري تي مستيءَ ۾ منظور
ماڻي حق حضور، هڻج نعرا حق جا.
(9)
هستيءَ کي هضم ڪري تي مستيءَ ۾ مهندار
رکي ڪات ڪاپار، هڻج نعرا حق جا.
(10)
همه کي حق چئو غازي ڇڏ غرور
قلوب المؤمنين بيت الله، رک نظارو نور
ته هاديءَ جي حضور، ڏسين ساري ڏيهه ۾.
(11)
همه کي حق چئي، دُئي ڇڏي تي ڏار
و نحن اقرب اليه من حبل الوريد، عالم ۾ اظهار
ته پرينءَ جو پار، ڏسين ساري ڏيهه ۾.
(12)
همه کي حق چئي غازي ڇڏي غير
و في انفسکم افلا تبصرون سارو تو ۾ سير
پرينءَ سندو پير، ڏسين ساري ڏيهه ۾.
(13)
ويا نه مور مري، آهن هنجه حيات
جي رهين رندن وٽ رات، ته پويئي سُڌ سنسار جي.
(14)
هنجه هميشه هوءِ ۾، ويا نه مور مري
وطن تيو وري، اصل عقابن جو.
(15)
ڍانڊي پکي ڍير، هنجه هزارن ۾ هڪڙو
غازي ڪڍي غير، پس مشاهدو محبوب جو.

(16)
پکي ڪري پرواز ويا اڏامي الڪ ڏي
الست جا آواز، ويچارن وسريا ڪينڪي.
(17)
ڪئين ڪنگ ڪينجهر ۾ هنجهن لک هزار
ٻگهن ٻولي ٻروچ چئي، طائوسين تنوار
اهي ٻئي پار، هوندا قائم قيامت تائين.
(18)
ڪاريون جن متن تي سي سڳا مون سيڻ
گانگٽ گوجون گنڍٽيون ڪکي اسان ڪيڻ.
نوريءَ ڪٽي نيڻ، اُجاري اڃا ڪيا
(19)
چارا ڪارا چتڪا اهي سڀ صفل ساج
گانگٽ گوجون گنڍٽيون . ڪکي اسان جو ڪاج
ريجهي وينا راڄ، سمي جي سهاڳ ۾.
(20)
تڙ تماچي آيو لٿي مُنڊ ميار
گندريءَ تان گناهن جا ٿيا معافي عيب اپار
ملاحن کي مرڪايو تنهن جي طلب تنوار
سمي ڄام سردار، مياڻيون سڀ معاف ڪيون.
(21)
تون تماچي تڙ ڏٽي آءٌ گندري گنهگار
ڏسي ميءَ ڪِي ڪار، متان مانگر متئين.
(22)
تون سمون آئون گندري مون ۾ عيب عليل
ڪارڻ ربّ جليل، متان مانگر متئين.

(23)
تون سمون آئون گندري مون ۾ عيبن ڍير
پسي مدايون مير، متان مانگر متئين.
(24)
نہ ڪنهن ڄائو ڄام کي ، نکي ڄام عيال
نندي وڏي گندري، سيئي سندس سيال
لَمۡ يَلِدۡ وَلَمۡ يُولَدۡ اي نجابت نهال
ڪبر يا قرب ڪمال، تخت تماچي ڄام جو.
(25)
تون تماچي تڙ ڏٽي مون ۾ عيب انبار
ڪارڻ ربّ جبار، متان مانگر متئين.
(26)
تڙ تماچي آيو، نوري تي نهال
دايون ٻايون ٻانهيون ڪن تنهن جي محض مقال
ڏنيس ربّ جلال، معافيءَ جي مِهر هٽي.
(27)
سڀ محتاج منهنجي پرينءَ جا آگا توڙي عالي
سيئي درصاحب جي سدائين سوالي
مولىٰ مِڙئي مرڪايا خاوند نہ ڇڏيا خالي
ملان ۽ موالي، حقيقت ۾ هڪ ٿيا.

ڪافي

توکي لطيف لڄادار چوان صاحب سنڌ سردار چوان
توکي قلندر ڪلنگي دار چوان، صاحب سنڌ سردار چوان
توکي پارس پريمي پڳدار چوان، رهبر رندي رمزادر چوان
توکي محبوب سبحاني مختيار چوان، عاشق اڙين جو آڌار چوان
توتي ”راضي“ ربّ غفار چوان، توکي لطيف لڄادار چوان

ڪافي

موجود حق مدامي آهيان مست قلندر لعل
ڪن فيڪوني قرب جا سڻايم الستي احوال
دائم ديدار دروني ڪيم واحد جو وصال

ڪافي

دل ڦري دلدار ويو من ۾ مدامي ماتام آهي
پسڻ ڏاران پرين جي نہ اکين ۾ آرام آهي
هميشه حشر هِئين ۾ نہ اهڙي ڪا ٻي قيام آهي

سر ڏناسري
داستان ڇهون

(1)
بت پرستي ڪان آهہ خود پرستي خراب
جا دنيا آخرت ۾ ڪري سخت عذاب.

(2)
بت پرستي ڪان آهي خود پرستي خوار
جا ڪري دنيا توڙي آخر ۾ شرمسار.

(3)
خوبي آهي خودپرستي ۾، تي بت پرستي کان بيزار
جي گهرين وصال واحد جو تہ چئو انا الحق اظهار.

(4)
نت نظر نفيءَ ۾ انحد جو احوال
روحي رمز رندن جي سري سرت سنيال
قلبي قرب ڪمال، ڪيو عاشقن اثبات اندر ۾.

(5)
قلبي منجهہ ڪمال آهي سدائين عاشقن کي
عجب رنگ اخفيٰ ۾ نفي نت نهال
روحي ڪئين رچايا ڪيا سري سوين سال
ذاتي ذڪر ذوق سان تيا لاهوتي لعل
”راضي“ ربّ جلال، ڪيو عاشقن اظهار اندر ۾.

(6)

الحمدلله چئو حمد هادي کي بندا بيشمار
ربّ العالمين روشن روءِ زمين تي پاڪ پرور پالڻهار
الرحمٰن الرحيم رزاق رحم سين باري بخشڻهار
مالڪ يوم الدين مالڪ محشر ۾ خود مختيار
اياڪ نعبد و اياڪ نستعين لائق عبادت جو اظهار
اهدنا الصراط المستقيم صراط الذين جن کي سنئين وثائي راهه ستار
انعمت عليهم ڪن کي عبادت امن جي ڏياري ڏاتار
غير المغضوب عليهم جن تي ڪاوڙ ڪري قهار
آهيان ثناگر صاحب جو مدامي مڱڻهار
دائم والضالين ڪان ڏار، ربّ رکين راضي ڪي.

(7)

ديسي مان پرديسي ٿيو پرديسيءَ ۾ پاڻ
ونحن اقرب اليه من حبل الوريدسڻ آگي جا اهڃاڻ
سوتان صاحب توئي ساڻ، جنهن لاءِ ڏورين ڏيهه ۾.

(8)

ديسي مان پرديسي ٿيو پرديسي مان جڳ جهان
و في انفسڪم افلا تنصرون ٻڌ نوريءَ جا نيشان
سڀ ۾ مالڪ منان،ٻيو ڏسين ڪونه ڏيهه ۾.

(9)

اسين سڪون جنهن لاءِ سو پرين اسان جي پار
قلوب المؤمنين بيت الله اندر ۾ اظهار
هاڻي وڃ ويچار، صحي سڃاتو سپرين.

(10)

اسين سڪون جنهن لاءِ سو پرين اسان جي پاس
الانسان سري وانا سره روح اندر ٿيو راس
هاڻي وڃ وسواس، صحي سڃاتم سپرين.

(11)

اڪيون علي الپريات دوس ديکڻ آيون
اٿنديون ارداس ۾ ٻي وائي نه ڪنديون وات
رچنديون ري رنگات، پوڇنديون پرينءَ سان.

(12)

تون ابڙو وڏ وڙو جيئن سپڙ سخي سردار
سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن ڪري طاماعو تار
جي اچين ڪنهن وار، ته بخشي بور پٽ ڏٽي.

(13)

تون ابڙو وڏ وڙوجيئن سورهه سخي سلطان
سڄڻ سانوڻ مينهن جيئن ٿو نوازي نادان
نيهي نر نيشان، لاهوتي لعل ٿيو.

(14)

حقيقت هيڪار منهنجو جيءُ جياريو
و نحن اقرب ويجهڙو پلپل اها پچار
صاحب ربّ ستار ”راضي“ رهبر روح ۾.

(15)

ڪر ٿو ڪرايون ڪرين، هچارا هنبس
پورا پوريَئِي پرين جا گيبتي گس
نالائق نجس، سڙين شال سقر ۾.

(16)

سڙين شال سقر ۾ ساري سڀ جمار
هميشه حاويءَ ۾ ٿيندين ڪر خوار
نالائق، نار، ساڙيندئه سرير ڪي.



(17)

ڪر ڪرايون ڪرين هڇارا حيوان
سڙين سقر ۾ شرمندا شيطان
منهن ڪارا مروان، جلين شال جهنم ۾.

(18)

سڻ منهنجا سڏڙا سپاجها ستار
تنهنجي آهي تار، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(19)

سڻ منهنجا سڏڙا سيني جا سائين
اجهو تون آهين، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(20)

سڻ منهنجا سڏڙا ملڪن جا مهندار
آهيان تو آڌار، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(21)

سڻ منهنجا سڏڙا ملڪن جا مير
تون واهر ڪر وير، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(22)

سڻ منهنجا سڏڙا ملڪن جا مولٰي
تون ڪر ڪرم سولا، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(23)

سڻ منهنجا سڏڙا تون سخي سرور ڇام
آهيان تنهنجي سام، ٻي ڪنڌي ساريان ڪانہ ڪا.

(24)

سڻ منهنجا سڏڙا قادر ربّ قدير
ڪارڻ محمّد مير، عصيان عفو ڪرين.



(25)

ڏنم سارو ڏيهہ مولٰي وٽ مڱڻهار
پائي پاند ڳچيءَ ۾ تيان پرينءَ در پينار
ڏيهہ ڏٽي ڏاتار، پينُو سڀ پُرڪيا

(26)

شيعن ۾ شور گهڻو ، سنين ۾ ساڙو
پٽين جو پاڙو، ڇڏ تہ ڇٽين ڇيهن ڪان.

(27)

شش شيطان شيعن ۾ سنين ۾ ست
پٽين وڃائي پت، اوڏا ٿيا ابليس ڪي.

سر ماروئي

داستان پهريون

(1)

اول نــــام اللّٰه جـــو، ســـيـــنـــي ســـوايـــو
آئـون نـہ قـبـولـيـان عـمـر کـي چـٽـو مـون چـائـو
قـلـم مـنـهـنـجـي قسـمـت ۾ والـيءَ وهـايـو
جيـڪـي هـاديءَ هـلايـو، سو قـبـولـيـم ڪـوٽـن ۾.

(2)

قضــا آنــديــس ڪــوٽ ۾، وطــن مــون ولــهــار
قـيـد الـمـاءُ اشد مـن قـيـد الـحـديـد، آهـي انـتـظار
فليضحكوا قليلا و اليبكوا كثيرًا رئان زاروزار
والـي واڳ وطـن ڏي وار، تـہ مـلان ماروءَ ڄام ڪـي.

(3)

الســت بــربــڪــم جــڏهــن پــيــئــي تــن تــنــوار
تـڏهـن قـالـو بـلـيٰ قـرب سـيـن ورنـدي چـيـم وار
ســانــگــي ســپ ڄــمــار، رهــيــا اٿــم روح ۾.

(4)

الســت بــربّــڪــم جــڏهــن پــيــو ڪــن ڪـــلام
تـڏهـن قـالـو بـلـيٰ قـرب سـيـن چـيـم تـرت تـمـام
تــهــان مــارو مــن مــدام، رهــيــو آهــي روح ۾.

(5)

مـيـثـاقـان مـهـنـد هُـئـي مـونـڪـي مـارن جـي مـقـال
الســت بــربّــڪــم ڪــنــيــن ٻــڌو مــون ڪـــال
ڳـجـهـي سـڻـايـم ڳـال، قـالـو بـلـيٰ قـرب سـيـن.

(6)

جـڏهـن چـئـي ڪُـن فـيـڪـون جـوڙيـا روح جـبـار
جـتـي گـڏ گـذران هـو اتـي، تـن لـڳـي مـون تـار
اهـــا وائـــي وار، رهـــي آهـــي روح ۾.

(7)

ڪُـن فـيـڪـون ڪـانـہ هـئـي، نـڪـا لالـچ لـب
قـالـو بـلـيٰ ڪـونـہ هـو، نـڪـا الست بـربّ
تـهـان اڳـي تـار طـلـب، مـونـڪـي مـاروءَ ڄـام جـي.

(8)

ڪـن فـيـڪـون ڪـانـہ هـئـي نـڪـا هـڪـل هـونـگـار
سـڄـڻ تـنـهـن سـاعـت ۾ مـارو ڏنـم مـهـنـدار
مـون تـن تـڏهـانـڪـو تـار، مـلـي مـلاقـات ڪـئـي.

(9)

ڪُـن فـيـڪـون ڪـانـہ هـئـي ، نـڪـا هـونـگ هـڪـل
رهــي آهــي روح ۾ تــوڙئــون جــي تــوڪــل
تــهــان مــارو مــون مــهــل. پــيــنــر پــاڳــي آئــيــو.

(10)

قضــا آنــديــس ڪــوٽ ۾، اچــي نــہ جــيءُ جــٽــا
مــون جــيــڏيــون مــلــيــر ۾ گــهــمــائــيــن گــهــٽــا
ڪــاهــڙ پــاس ڪــٽــا، پــيــان شــال پــريــنءَ ســان.

(11)

قضــا آنــديــس ڪــوٽ ۾ هــڏ نــہ جِــيءُ جــٽــي
ســانــگــيــن جــي ســومــرا وڏيــس سُــور ســٽــي
پـٽ نـہ پـائـي پـنـهـوار ري، ويـٽـي مـنـهـن مَـٽـي
مــلــيــر ويــنــدي مــارئــي، قــادر قــيــد ڪــٽــي
ڪــاهــڙ پــاس ڪــنــيــيــون پــريــن ســاڻ پــٽــي
مــنــهــنــجــو لــوڙهــہ لــٽــي، مــاروءَ جــي مــقــام ۾.

(12)

ماروءَ جي مقام ۾ پورج پنهواري
تڏي متي ترن ۾ وسائج واري
مانـ مياري، مون تان سڀ معاف ٿئي.

(13)

سانگين جي سجاڻ، مون اڄ ڏٺي اڳي هئي
ڪُن فيڪون ڪانـ هئي نڪا قيدن ڪاڻ
نڪو جن جهان ۾ نڪو پسڻ پاڻ
رهيا آهن روح ۾ سدا محبت ماڻ
اتي ريجهه رهاڻ، ڪيم مارن سان ملير ۾.

(14)

ڪُن فيڪون ڪانـ هئي نڪو آفتاب
نڪو جنّ جهان ۾ نڪو ماهتاب
نڪا غرض گناهـ جي، نڪا سَڌَ ثواب
منهنجو روح رباب، مهند ماروءَ مير سين.

(15)

ڪن فيڪون ڪانـ هئي نڪو ڏينهن نـ رات
بني نـ هئي بت ۾ ڪا سبحاني صفات
الست بربڪم پوءِ باريءَ ڪئي بات
قالو بليٰ قلب سين اتي ڪيم اثبات
رحماني راز سين ظاهر ٿي ذات
ميثاقان مهند هئي توحيد جي تات
تهان وحدت وائي وات، مونکي ماروءَ مير جي.

(16)

ميثاقان مهند هوم، پنوهارن سان پيار
الست بربڪم توڙئون تيو تيار
قالو بليٰ قلب تان لٿي مُنڌ ميار
اڪين آگم لائيا وسي مينگهه ملار
تهان سانگي سڀ چمار، ساريان ويٺي سومرا.

(17)

ميثاقان مهند هئي، مونکي مارن ملاقات
الست بربڪم تن سُئي مون تات
قالو بليٰ قرب سين وائي چيم وات
اڪين آگم لائيا بادل ڪئي برسات
رئان ڏينهان رات، مارن جي مقام لاءِ.

(18)

خبر نڪا چار، نڪو اوٺي آئيو
هُتيجن هِتيجن ڏي، مُڪا ڪونـ ويچار
پنوهارن پِچار، ڪوهـ چاٽان ڪيهي ٿي؟

(19)

سپنو نـ سنيال، نڪو اوٺي آئيو
هُتيجي هِت اچي ڪنهن نـ پڌائي ڳال
ويچارن وصال، ڪوهـ چاٽان ڪيهَو ٿيو؟

(20)

تند نڪا تار نڪو اوٺي آئيو
وجي ويتا ويڙهـ ۾ گوءَ چڏي گفتار
ويچارن واپار، ڪوهـ چاٽان ڪيئن ٿيو؟

(21)

نڪو خواب خيال، نڪو اوٺي آئيو
هُتيجن هِتيجن ڏي، مُڪو ڪونـ احوال
هميرن جو حال، ڪوهـ چاٽان ڪيهو ٿيو؟

(22)

اُني ڪان اوٺي آئيو جنهن خبر ڪئي خاصي
اُنا مينهن ملير تي ويڙهه مڙئي واسي
آهيان اداسي، رهنديس ڪو دم ڪوٽ ۾.

(23)

نڪو اوٺي آئيو، نڪي سنيها سلام
هُتيجن هِتي جن ڏي، مُڪا ڪين پيغام
وجي وينا ويڙهه ۾ ڳُنگا ڇڏي ڳام
هتان هليا همير ويا هزارين هشام
رڙندا ويا روح ۾ جي چاپندي ٿيا چام
من ۾ ماري مام، مونکي ماروءَ مير جي.

(24)

پنڌ نڪو پار، نڪو اوٺي آئيو
هُتيجن هِتي جن لاءِ مُڪو ڪونه آچار
ويچارن وهنوار، ڪوهه ڇاڻان ڪهڙو ٿيو؟

(25)

اُني ڪان اوٺي آئيو مُڪو پيغام پرين
ٿارم ٿيهن ڪي، رهڻ پورو ساڻ پنجن
ڏيهه ڏنا ڏيج ۾ لڪين ساڻ لطفن
اباڻن الفت جي رکي لوئي سر لڳن
پٽ نه پايان سومرا مونکي سِڪ سنگهارن
فاتح هن فقير جي پڙهي پنهوارن
وجان ويڙهيچن ڏي جتي مارو روز رهن
مونکي محبوبن، مرهيو ڏينهن ميثاق جي.

سر مارئي
داستان ٻيون

(1)

مون سِبيو ماروءَ سين، ريءَ سُئي روح
سدا سارِيان سومرا سانگي سَنجهه صبوح
هُتي ڪڙي مٿي ڪوهه، هِت قضا آندي ڪوٽ ۾.

(2)

قابو ڪيئي قيد ۾ سومرا صحي
اتم آس الله ۾ ويندس ويڙهه وهي
محبت جي مهي، ٻيان شال پنهوار سان.

(3)

مون سبيو ماروءَ سين اِبر رِيءَ ارواح
سدا سارِيان سومرا سانگي سنجهه صباح
هُت چِت منهنجو چاهه، هِت قضا آنديس ڪوٽ ۾.

(4)

سومرو آيو سيگهه مان، ڏيل ڪيو ڏهڪار
ڪُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتُ قادر لکي ڪار
وٺي نه ڇڏيندو وار، پرور پول پساهه جو.

(5)

سومرو آيو سيگهه مان، پيهي پکن پار
روئي روئي رت ڦڙا نيڻين وهايم نار
حيلا ڪرين هزار، ته به ڪال نه ڇڏيندو ڪڏهين.

ڪال معني موت

(6)

سومرو آيو سيگهہ مان پهرئين ڏينهن پکي
ماهہ لڳن چڏيو ڏِسيو ڏيل ڏکي
چيو ٿي چکي، پُنا قول قالو بليٰ جا.

(7)

سومرو آيو سيگهہ مان پهرئين ڏينهن پکن
ماهہ لڳن چڏيو ڏسيو ڏيهہ ڏکن
چيو ٿا چکن، قول قالو بليٰ جا.

(8)

سومرو آيو سيگهہ مان ڪام ڪٽي ڪاهي
لاَ تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةَ اللهِ آسرو مون آهي
ويندو وهائي، قادر ڪين ڇڏيندو ڪڏهين.

(9)

سومرو آيو سيگهہ مان، ڪاهي ڪٽي ڪام
رهيو آهي روح ۾ عربي احمد ڄام
لڳيس جنهن جي لام، سو ڪين ڇڏيندو ڪڏهين.

(10)

سومرو آيو سيگهہ مان، پکي منجهہ پهي
كُلُّ نَفْسٌ ذَائِقَةُ الْمَوْتُ آيو واحد ڪان وحيّ
صاحب ڪيو صحي، پرور پول پساهہ جو.

(11)

سک تنهنجا سومرا پانيان سور سزا
آٽي عمر ڪوٽ ۾ قسمت ڪئي قضا
وٽي ڪين وجود ڪي تنهن جي گت غِذا
منهنجو پساهہ پکن ۾ هت ماڙيان ڪيئن مزا
”راضي“ روح رضا، ڪريان مَنهِن مارو ڄام جي.

(12)

سکان ٿي سومرا مارن جي مُنهن ڪاڻ
مارن جي مُنهن ڪاڻ، رهي اٿم روح ۾.

(13)

سکان ٿي سومرا پنوهارن لاءِ پاڻ
وجي سانگين ساڻ، ڏٿ چوندبينديس ڏيهہ ۾.

(14)

صبر شکر سومرا حمد جَنِ جو حق
اهدناالصراط المستقيم سَدا پنوهارن پک
مون جيڏيون ملير ۾ ميڙيو اچن مَک
کهڙو نيئي نک، مِلان مارو ڄام کي.

(15)

صبر شکر سومرا مارو مون منٺار
وسقاهم ربّهم شرابًا طهورا پين سانگي سڀ ڄمار
ڏيهہ ڏٽي ڏاتار، مونکي مارن ميلئين.

(16)

صبر ۽ شکر سومرا سمر جن صحي
مارو ملک ملير ۾ ويتا راڄ رهي
پکن منجهہ مهي، پيان شال پرينءَ سان.

(17)

صبر ۽ شکر سومرا سدا ماروئڙن مرک
طالب الدنيا مخنثٌ ڪيو توڙئون تن ترک
طالب المولىٰ مذكرٌ وارين وحدة ورق
ڪري غير غرق، لڏي ويا لاهوت ڏي.

(18)

صبر شڪر سومرا تنهنجو سون پانيان سرت
باهہ ڏيان بنگلن کي ڪوٽن وجهان ڪرٽ
ماري تي مرٽ، مونکي ماروءَ ڇام جي.

(19)

صبر شڪر سومرا قرب جن جو ڪل
لحم لبن گڏ ڪيو، ثمر ڪن توڪل
باري لاهين پُل، تہ ملان ماروءَ ڇام کي.

(20)

صبر شڪر سومرا سانگي سيڻ سندام
لاَ تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةَ اللهِ ڪوٺي قرب ڪندام
وٺي ويڙهہ ويندام، مارو ڇام ملير جا.

(21)

صبر شڪر سومرا، سانگي مون سچار
وسرن ڪين وجود مان، ويڙهيچا وينجهار
راتوڏينهان روح ۾ اتم پرين جي پچار
ڪين وهنديس ڪوٽ ۾ ساري سپ ڇمار
نت وهايم نار، بَر جي بدوين لاءِ.

(22)

صبر شڪر سومرا سانگين سچاتي
ونهين ويڙهيچن سان اصل عرفاتي
صاحب صفاتي، منهنجا مِٺ ملير ۾.

(23)

صبر شڪر سومرا سدا منهنجي سونهن
سنيالي صاحب کي دل تان لاتيم دونهن
وحدت مون وِرونهن، ڪين وساريان ڪوٽ ۾.

(24)

صبر شڪر سومرا حمد جن جو حال
اهدنا الصراط المستقيم سدا ڪل سوال
وَجي ويڙهيچن سان، ڪريان وحدة جو وصال
مون جيڏيون ملير ۾ ميڙيو اچن مال
پسي پنوهارن کي ڪنديس قرب ڪمال
قادر ڪندو شال، آجي عمر ڪوٽ ڪان.

(25)

صبر شڪر سومرا پڙهيو مون پريات
مُيسّر ملير ۾ جيڏين جي جماعت
ماري تي مرجات، مونکي مارو مير جي.

(26)

صبر شڪر سومرا پُختو تي پايان
وَنهين ويڙهيچن کي لقب ڪيئن لايان؟
ويني واجهايان، مارن جي ملڻ لاءِ.

(27)

صبر شڪر سومراسدا تي ساريان
بازو بند باهہ ۾ پانهين وجهي پاريان
ويهي ڪيئن وساريان، مارو جي ملير جا.

(28)

صبر شڪر سومرا تنهنجو رُپو پانيان رت
الفراق اشد من الموت کوليو پڙهان خط
ماروءَ جي مَدت، آجي ٿيان عمر ڪوٽ ڪان.

(29)

صبر شڪر سومرا رحماني رضا
ڪڍ ڪنگالڻ قيد مان قادر لاهہ قضا
محبت جا مزا، ماڻيان مارو مير سان.

(30)

صبر شڪر سومرا سانگي رهن صفا
ڪڍي ڪنگالڻ ڪوٽ مان خاوند لاهہ خفا
مونکي مصطفيٰ، ڪلمي ساڻ ڪوٺائيو.

سر ماروئي
داستان ٽيون

(1)

زمر زخرف سومرا وٺان مون ويئي
مونکي مارو مير جي ڪوڪ ڪنين پيئي
ڏسنديس مان ڏيهي، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين.

(2)

ڪڙي هئي ڪوهہ تي عمر تي آيو
وِيَس ورت هٿن مان جنهن روئي رت وهايو
تَنهن چڙهندي چوايو، تہ ڇنو سڱ سرتيون.

(3)

ويچاريءَ جو وس، ڪونهي ربّ ڪريم ري
مون جيڏيون ملير ۾ ڪوڙئين لاهين ڪس
روز جَنِ جو رس، آئون نہ جيئندي اُن ري.

(4)

عمر تَنهن جي عيد اسان سُوءِ ورتي سنيال
ويئي ويچارن وسري خوشي ۽ خيال
سڪڻ ڪيا سال، مارو ڇام ملير جا.

(5)

عمر اباڻن جون، ڇام پسان چاريون
سي سدا مون سومرا سڪ منجهان ساريون
اسين پنوهاريون، پُهَن ڪي چاهہ منجهان چاريون
ولر ڪريو واريون، ڦوڳن پاس ڦرن ڪي.

(6)

عمر اباڻي پار جي مِني تئي مکڻي
وڃي ڪينديس ڪيت سان ڪاهڙ پاس ڪڻي
ويڙهيچين وٽي، وينديس مَنهه ماروئڙن جي.

(7)

عمر اباڻي پار جي، اتم حبّ گهڻي
سي ساريان ٿي سومرا، آهيان جن ڄَڻي
ڪندو شال ڏٽي، تہ وينديس مَنهه ماروئڙن جي.

(8)

عمر اباڻي پار کان آئين ڪوهہ مٿان ڪٽي
هُت سڳر ساهيڙين جا هت آهيان هڪ ڇٽي
توڙي ڪرين پٽي، تہ بہ وينديس مَنهه ماروئڙن جي.

(9)

عمر اباڻي پار جي پانيان کهہ ڪتوري خاڪ
لائي سا لڳن کي چمي ٿينديس چاڪ
تاڙيون پيچي طاق، وينديس مَنهه ماروئڙن جي.

(10)

عمر اباڻي پار جي پانيان کهہ ڪتوري
لائينديس لڳن کي، نيڻن ۾ نوري
پٽ تئي پوري، مُنهنجي ماروئڙن سين.

(11)

عمر اباڻي پار جو اڇي کو اولاڪ
سو نہ وساريان سومرا لڌو جنهن لولاڪ
ڪنديس روح رفاق، مَنهه ماروئڙن جي

(12)

عمر اباڻن جو اتڻ ويهڻ آمين
سدا رهن صبر ۾ دُرس مٿي ڏين
ماروئڙا مسڪين، ڪنهن در ڏين دانِهئڙي

(13)

عمر اباڻي پار جا ساريان ٿي سنگهار
وسرن ڪين وجود مان ويڙهيچا وينجهار
جنهنڪي پکن جي پچار، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾؟

(14)

عمر اباڻي پار ڏي ساوا ٿيا سر
مون جيڏيون ملير ۾ وارين روز ولر
”راضيءَ“ تي رحم ڪرين پاڪ ڏٽي پرور
ڦوڳن پاسي ڦر، سدا سنگهارن جا.

(15)

هاجو مير همير جو جڏهن ٻُڌو جن
تڏهن موٽي ملير ۾ توبهہ ڪئي تن
ويچارن ويڙهہ کان ڪنبي کي ڪن
محبت رکي من، ويا رئندا راهہ ۾.

(16)

هاجون مير همير جو جن ٻڌو جام
تن موٽي ملير کان توبهہ ڪئي تمام
ويچارن ويڙهہ ۾ آيو نہ آرام
ناتر چائي نام، پيا پنهوار پنڌ ۾.

(17)

هاجو مير همير جو پڌو جن جال
تن ڪنبي در قهار جي هيٺا ڪيا حال
موٽي ملير ڪان ڪنيائون سڀ خيال
ويچارن ويڙهه مان مارن ڪاهيا مال
ڳجهي ڪيائون ڳال، حجت ناهه همير سان.

(18)

ستي لٽم سهڻو لوئيءَ ۾ لس
اٺا مينهن ملير تي ڪن رهاٽيون رس
ڪونهين منهنجو وس، جسو زنجيرن ۾.

(19)

ستي لٽم سهڻو، لوئي ۾ لعل
اٺا مينهن ملير تي ڪالهوٽي ڪال
سرتيون ڪيم سنڀال، تہ جسو زنجيرن ۾.

(20)

ستي لٽم سهڻو منجهان ڳجهي ڳال
اٺا مينهن ملير ۾ ويا مارو ڪاهي مال
آئون هِت قابو ڪوٽن ۾ هُت منهنجو حال
جنهن جي مارن ۾ مقال، ساڪيئن وهندي ڪوٽ ۾؟

(21)

قاصد چئج قريب کي سلامن سؤ هزار
حب الوطن من الايمان آهيان ۾ انتظار
قيدالماءُ اشد من قيد الحديد رئان زاروزار
والي واڳ وطن تي وار، تہ پسان مُنهن پنهوار جو.

سر مارئي
داستان چوٿون

(1)

پانڌي پرين پنهوار کي چئج بندگيون بيشمار
قابو تيس قيد ۾ آئون نماڻي نار
سانگي سڀ چمار، ساريان ويٺي سرتيون.

(2)

منهنجا پرين پنهوار کي پانڌي چئج پيغام
"الانتظار اشد من الموت ڪاري پانيان قيام
ويڙهيچا وريام، ساريان ويٺي سومرا".

(3)

سونهن وڃايم سرتيون منهن ٿيو ميرو
حسن ريءَ هيرو، متان سانگي ڏين ساٽيهہ ۾.

(4)

سونهن وڃايم سرتيون منهن ۾ رکي مير
حسن ڏاران هير، پسان ڪيئن پنوهار کي؟

(5)

سونهن وڃايم سرتيون پسان جي پنڌ
پکي پنهوارن جي ڪيئن ڪٽنديس ڪنڌ؟
حسن ڏاران هُنڌ، جي مارو ڏين ملير ۾

(6)

سونهن وڃايم سومرا هاٽي اڇي هٿ
حسن ڏاران هُت، پسان ڪيئن پنهوار کي؟

(7)

هو پکا هو پيهيون هُو مارن جا مال
سي پٽ ساري سومرا لـڙڪ وهايم لال
پنهنوارن پال، وجي ڪوڙيا ويڙهه ۾.

(8)

هو پکا هو پيهيون هو مارن جا ماڳ
سي پٽ ساري سومرا اندر لڳيم آڳ
والي وارين واڳ، تہ پسان منهن پنهنوار جو.

(9)

هو پکا هو پيهيون هو مارن جا محلات
سي هنڌ ساري سومرا رنم ساري رات
ساٿيهہ بنا سرتيون ڦهري پانيان ڪات
پرهہ ڦٽي پريات،اُٺي ويا اڪري.

(10)

جي اٺي ويا اڪري سي واريندو والي
سدائين سومرا آهيان صاحب ڪي سوالي
خاوند ڪان خالي، ڪڏهن تان ڪونہ ويو.

(11)

جي اٺي ويا اڪري سي آيم ويڙهہ وري
پسي تن پرين ڪي پيم نيڻ ٺري
جن لاءِ آئون چري، سي مولئٰ مارو ميڙيا.

(12)

هو جهنگل ۾ جهوپڙاهو ٿر سندن ٿاڪ
سي پٽ ساري سومرا ڪامي ٿيس خاڪ
ماروءَ جي اوطاق، مرڪي شال ملهائيان.

(14)

هو جهنگل هو جهوپڙا هو مارن جا ميدان
سي هنڌ ساري سومرا، هِنيون ٿيو حيران
پاڻ ڪري بيران، اُٺَي ويا اڪري.

(15)

هو پٽون هو پاٽا، هو ٿاٽا سندن ٿر
پوحِاڙيءَ جو پٽن تي ڦيرا ڏين ڦر
بُزون چرن بر، مارن جون ميلر ۾.

(16)

هو پٽون هو پاٽا، هو جُوءِ سندن جال
سي سانگي ساريان سومرا چگي جن جي چال
وطن هي نہ وساريو قرب تني جي ڦال
اڪئين ڏسان شال، منهہ مارو ڄام جو.

(17)

پٽن پاسي پاٽا ڪن، ٿاٽان سندن ٿر
سي هنڌ ساري سومرا جال وهايم جو
پنهوارن جي پر، وساريان ڪيئن وجود مان؟

(18)

پٽن پاسي پاٽا ڪن، ٿاٽان سندن ٿل
وسري ڪين وجود مان مٿو مير مرسل؟
قيامت جو ڪرڳل، لاهيندو سپ لوڪ تان.

(19)

بندي ٻيا خوش حال اسين ڏوريون ڏيل ۾
مٿي ساهہ سنڀال،سدائين سنگهارن جي.

(20)

ڪپ نڪي ڪِچ نڪي هيٺا ڪر حال
اِنَّ مَعَ لِعُسْرِ يُسْرًا سدا سور سنيال
پسنديئ پنهوارن جا پڪا پيهيون پال
لهنڊءِ لوهه لشاري چئي، ڪِچ وحدة جو وصال
مون سان ماروءَ ڪئي روز ميثاق ملڻ جي مقال
ڪندو ربّ جلال، ته مليرِ ويندينءَ ماروئي.

(21)

ڪِنجهه نڪي ڪُرڪ نڪي ڪر هنگامان هُل
بارِي لاهيندءِ پل، ملنديئ ماروءَ چام ڪي.

(22)

ڪِنجهه نڪي ڪُرڪ نڪي ڪر هُل هنگام
لائي ويهُ لڳن ڪي لا الٰه الا الله جو لگام
مارو مير مدام، متان وسارين وجود مان.

(23)

مارو چام مليرجا، سپيئي مون سردار
محشر ويل ميدان ۾ تيندا محب مهندار
لوين وارا لک هزار، پر منجهن مارو هيڪڙو.

(24)

مارو چام مليرجا پرڪيم ڪل پنهوار
سوکيءَ سجڻ سپ ڪو اوکيءَ تون ربّ ستار
مون تان ڏيهه ڏٽي ڏاتار، لاهه مَ پاند پناهه جو.

(25)

مارو مٺ مليرجا پرڪيم سپيئي سيڻ
سوکيءَ سجڻ سپ ڪو،اوکيءَ ڏين ويڻ
نوري مون تان نيڻ، هادي لاهه حق جا.

(26)

اسين ڪٿا ڪريون خوشيءَ مان پٽ نه پاڙيون
سون تنهنجو سومرا سيوئي ساڙيون
لڳن تي لاڙيون.لويون هميشه لاک جون.

(27)

اسين ڪٿا ڪريون خوشيءَ مان پٽ نه پايون
سون تنهنجو سومرا لڳين نه لايون
سدائين سايون، لويون ڍڪيون لاک جون.

(28)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ گوڏ غريبت
ونهين ويڙهيچن ۾ مدامي محبت
آڻين چاڙهين سومرا پرن پليءَ پت
عمر هي امانت، پهچائي ڏي پنهوار کي.

(29)

اڏ لوئي انگ تي اڏ ۾مريڙو مڪ
هميراڻا حق، ثابت رکج سومرا.

(30)

صبر شُڪر سومرا رهنمائي رضا
ڪي ڪنگالڻ قيد مان،قادر لاهه قضا
محبت جا مزا، ماڻيان مارو چام سين.

سر ماروئي
داستان پنجون

(1)

اسين چيڙ ڪائون چاھ مان چانور نہ چاڙهيون
پڻ ٻوڙ تنهنجا ٻروچ چئي پلاءَ پُسيءَ نہ پاڙيون
لُقمان لاڙيون، وحدة جا وجود ۾.

(2)

پاڙيان نہ پلاءُ سين ڪاھڙ جا ڪنيور
وٽن ڪين وجود ڪي تنهنجا چورمان ۾ چُور
مهي مُون منظور، وجي ڪينديس ڪيت سان.

(4)

آئون ڪيئن سمهان سيج تي مون ور گهاري پٽ
ڪٽيريءَ ڪي ڪٽ، عمر آچ مَر ڪڏهين.

(5)

آئون ڪيئن سمهان سيج تي مون ور گهاري ٿر
هت ولهيءَ ڪي ور، ٻيو آچ مَر ٻروچ چئي.

(6)

ماٺو گهرن مينهن، آئون سدا گهران سپرين
دنيا دولت دوست تان گهوريان هٿن سين
مونکي راتوڏينهن، محبت ماروءَ مير جي.

(7)

ماٺو گهرن مروار، آئون سپ ڏينهن گهران سپرين
دنيا دولت دوست تان گهوريان سپ ٻمار
ڪيو نينهن نروار، مونکي مارو مير جي.

مروار(مرواريد:موتي)

(8)

ڪدي ڇڏ قلب مان ٻيائيءَ جي ٻولي
هيڪڙائي جي هولي، رک سدائين روح ۾.

(9)

جو قيدالماءُ ڪَهن سو مون ڪمند ڪار
ٻانهين پچي ٻاريان، ساڙيان هَسي هار
سدائين سنگهار، ساريان ويٺي سومرا.

(10)

قيدن ڪنباياس، مارن لاءِ مران گهڻو
سانگين جي سومرا ساڙي سور وڌياس
پرين کي پسندياس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين.

(11)

قسمت ڪَيُس قيد، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾
سورن جا سرتيون نير ٻانيان پيد
محبت ڪيو مَيد، مونکي مارو چار جي.

(12)

قيدالماءُ تيوم هِت اڙانگي گهاريان
فليضحكوا قليلاً وّالْيبكوا كثيراً هَئي هنجهون هاريان
ماذاغ البصر و ما طغيٰ نيڻين نهاريان
سڪان ۾ ساريان، مارو مٺ مليرجا.

(13)

قيدالماءُ تيوم هت اڙانگي آهيان
ٻڪو ٻاباڻن جا، ڪار ڪنيو ڪاهيان
اديون آس نہ لاهيان، ملندس ماروءَ چار ڪي.

(14)

جهڙو قيدالماءُ تهڙي بالله آهيان بند ۾
سڻي ڪونہ سومرا، درد منهنجي جي دانهن
هي جا تو هت جهلي ٻانهن، سا آهي اباڻن آسري.

(15)

قيدالماءُ تيوم هت آهيان اڙانگي
رهيا اتم روح ۾ سدا مند سانگي
هوجي جيءَ اندرجهانگي، تن سوا ساعت سري ڪينڪي.

(16)

ڪارا ڪاراين ۾ سون اسانڪي سور
پنهوارن پور، سا ڪيئن پائيندي ڪوٽ ۾.

(17)

آجِي عمر ڪوٽ ڪان ڪندو پاڻ ڪريم
ڏيندو معافي مسڪين ڪي رازق ربّ رحيم
جنهن جو اعليٰ شان عظيم، سو ملائيندو مارن سان.

(18)

بقر، فاتح سومرا آل عمران الفت
طٰہٰ ياسين تن ۾ الرّحمان راحت
محمّد جي مصلحت، مونکي مارن ميڙئين.

(19)

بقر فاتح سومرا مارو مؤمن پار
ويڙهيچا وَتين ۾ رهن سانگي سڀ ڄمار
ڏيهہ ڏٽي ڏاتار، مونکي مارن ميلئين.

(20)

سکر سيئي روز، جي قابو هيس ڪوٽ ۾
وسايم وڏ ڦڙا متي سورن سوز
اندر منهنجو اَعُوذ، اجاري اڃو ڪيو.

(21)

سکر سيئي وار، جي قابو هيس ڪوٽ ۾
وسايم وڏ ڦڙامتي سارنگ سڀ ڄمار
نير منهنجي نار،اجاري اڃو ڪيو.

(22)

متو ڌوءِ نہ مارئي محلين مارن دور
پائڻ ميٽ متي ۾ سرتين سواءِ سور
جنهن ڪي پنهوارن جا پور، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾؟

(23)

ڇُرن چٽڪن چت ۾ تن تني جي تات
فاذڪروني اذڪرڪم اتم وائي وات
مونکي ڏينهان رات، محبت ماروءَ ڄام جي.

(24)

روئي لکيم رات، ڪاغذ قريبن ڏي
ويتي ويڙهيچن لاءِ تيم پرهہ ڦٽي پريات
لا تقنطو من الرحمة الله وائي اتم وات
مون تن سدائين تات، مارن جي ملڻ جي.

(25)

مارن جي ملڻ جي، تن ۾ اتم تانگهہ
الله اُهي آڻ تون جن لاءِ اُڏايم ڪانگ
عمر آيو اوچتو ڪري ساڳيو سانگ
ڊوها! تو ڊوهہ ڪيو، جيئن نپٽ ڪائي نانگ
جي جهانگي گهمن جهانگ، مولا سي ميلئين.

سر مارئي
داستان ڇهون

(1)

ڏٺي جن کي ڏينهن ٿيا سي ڏيکارين ڏاتار
صاحب ربّ ستار، گڏجي گوندر لاهيان.

(2)

هر منٺ سانگي سنرا، ويڙهيچا ولهار
وٺا مينهن وڏ ڦڙا گاهن کيا گلزار
آئون قضا آنديس ڪوٽ ۾ هت نماڻي نار
سَتيءَ جي سومرا پکن منجھ پچار
ڏيهه ڏٺي ڏاتار، مونکي مارو ميلئين.

(3)

سي منٺ سانگي سنرا، ڪاهڙ ۾ خوشناڪ
وڃي وينا ويڙهه ۾ اڏي سي اوطاق
وينديس وطن سامهون تاڙيون پيچي طاق
پرور ڏٺي پاڪ، مونکي مارن ميلئين.

(4)

سدا منٺ سانگي سنرا وطن منجھ وصال
سرتين لاءِ سومرا سکندي ٿيم سال
وڃي ويڙهيچن سان ڪريان وحدة جو وصال
مارو بيمثال، وسرن ڪين وجود مان.

(5)

هر منٺ سانگي سنرا، ساٿيهه منجھ سٽير
سرتين لاءِ سومرا سکي ٿو سرير
مارن جي اکير، هڏ منهنجا وڍيا.

(6)

اندر منجھ اکير، مدامي مارن جي
وڃان وطن سامهين وٺي ذوق زهير
سانگين لاءِ سومرا نت وهايان نير
مونکي ماروءَ مير، عيبن ڪان آجو ڪيو.

(7)

اندر منجھ اداس، مدامي ماروءَ مير جي
قلب منهنجو ڪوٽ ۾ رتي ناهي راس
جنهن کي پکن جي پياس، سا ڪيئن وهندي ڪوٽ ۾

(8)

پهرين ڪيا پٽن تي وڃن وڃاڻا
سور انهن جا سومرا سَدر ساماڻا
وڃي وينا ويڙهئين اڏي پر پٽن پاٽا
ڏوٿي ڏاڏاڻا، پسان ملڪ مليرم ۾.

(9)

سنمڪ سانگي سهڻا ويڙهيچا وير
پهون پيارين پنهنجون بر ۾ ڪٽايو بير
عمر ڄام امير، ڪڍ بنڌياڻي بند مان.

(10)

سنمڪ سانگي سهڻا ويڙهيچا وينجهار
مارن پاسي مينهن انا ٿيا ٽر بر باغ بهار
ستيءَ کي سومراپرين جي پُڪار
صاحب ربّ ستار، مونکي مارو ميلئين.

(11)

سنمک سانگي سنرا ويڙهيچا وريام
سي پٽ ساريو سومرا ڪاري پانيان قيام
ماروءَ جو مقام، مون نماڻيءَ نصيب ٿئي.

(12)

سنمک سانگي سنرا ويڙهيچار وينجهار
سي پٽ ساروي سومرا نِت وهايان نار
پرينءَ جو پار، شل مون نماڻيءَ نصيب ٿئي.

(13)

هٿ نہ ڪجي هيترو هٿ نہ ڪن وينجهار
ڪري پيا ڪيترا "هئڻ" تان هزار
ملڪن جا مهندار، نؤڙت ڪڻي نهال ڪيا.

(14)

عمر اسان جي ڏيهہ وسي سارنگ سپ ڇمار
مون جيڏيون مليرِ ۾پنوهاريون پرهيزگار
وڻن ڪين وجود ڪيٰ سرتين ري سينگار
قضا آنديس ڪوٽ ۾ ساريان ٿي سنگهار
موليٰ مددگار، ورتو راضي روزميثاق جي.

(15)

صبر شڪر سومرا گام سندن گجرات
ويڙهيچا وطن ۾ هلن منجهہ هرات
هميشہ هيهات، سانگي ڪن سفر ۾.

(16)

تنهن جي مس تنهنجو جو قلم تون ئي دفتر دار
تو لکيو مون پاريو، آئون تنهن لاءِ عيبدار.

(17)

ٿر ٿوهر گهر جهوپڙاسانگين جا سينگار
وجي وينا ويڙهہ ۾ وڏي سونهن سچار
تنهين جي پچار، رهي اٿم روح ۾.

(18)

آخر نام احمّد جو مڙني موچارو
مونکي محمّد مير جو آهي ازلي اشارو
اندر ڪيو آرو، پرين جي پسڻ جو.

(19)

صبر ۽ شڪر سومرا، سانگي مون صفا
ڪٽ ڪنگالڻ قيد مان خاوند لاهہ خفا
مونکي مصطفيٰ،ڪلمي ساڻ ڪوٺائيو.



وائي

مٺا مارو سگهو موٽ، منهنجي دل توکي ٿي ساري
باري مون تان بند بِدا ڪرين ڇينڇل ڏيئي چوٽ
وڃي ويڙهيچن ۾ روز ورهايان روٽ
اَڇهو عاصين احمّد ڪارڻي مير مديني گهوٽ
الله لڳ لشاري ڇڏي پيچ قضا جو ڪوٽ

ڪافي

رسان شال روئي، پري پنڌ پيوئي
اٿم رايو اهوئي، پسان مارو هم هم

اباڻن ڏي ويندس وڙهيچن سان وِهنديس
مارن ساڻ ملنديس گوندر لهن غم غم

”راضي“ روز ريهون ڪري قرب ڪيهون
اندر عشق ايهون، ڪريان ڪونه ڪم ڪم

ڪافي

ڪوٺيون پانيان قيام، ملڪ مارن جو ويهي ڪيئن وساريان
ماڙين تي نه مٺيندس ويڙهيچا وريام
سانگين جا سومرا دل تي اٿم دام
پڪي پنهنوارن جي وڃي گذاريان گام
راضي ڇئي روز ازل کان رهيا مارو من مدام



وائي

قابو ڪيئه قيد ۾ ڇڏ نڌر نماڻي
موڪل ڏي ته ملير وڃان پيان پنهنوارن جو پاڻي
ڪاڄ مارن جو ڪنپيون للر لنب لاڻي
سدا ساريان سومرا آئون مهي اباڻي

وائي

عمر پو پون ٿا پنوهارن جا دم
هنجون روز هاريان سدا سانگي ساريان
رويو نت نهاريان ڇپر وسن ڇم ڇم

وائي

منهنجو ملڪ ملير، هت گهاريان ڪين گهڙي
قضا آنديس ڪوٽ ۾ پيم قيد ڪڙي
ويندس ويڙهيچن ڏي ڪاهڙ پاس ڪڙي
پيرون ڇونديندس پاند ۾ مٿي چوٽ چڙهي
فاتح هن فقير جي پنهنوارن پڙهي.

* پورو ٿيو*